ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 19 جولاءِ 2026ع 04 صفرالمظفر 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 ويهه شمارو (333)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Sunday 19th July 2026
Daily Ibrat Karachi

ايران ۽ آمريڪا ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي، سعودي عرب، بحرين، ڪويت ۽ اردن ۾ آمريڪي اڏن تي حملا

آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ لڳاتار ستين رات ايران خلاف فوجي حملا ڪيا جيڪي آمريڪي صدر ۽ ڪمانڊران چيف جي هدايتن تي ڪيا ويا جن جو مقصد ايران جي فوجي صلاحيتن کي ڪمزور ڪرڻ هو

بحرين ۾ مصنوعي ذهانت (AI) جي هڪ اهم مرڪز کي نشانو بڻايو ويو، آمريڪا ان سهولت کي ايران اندر هدفن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ مبينا جنگي ڊرون ۾ سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري رهيو هو: ايران

ميزائلن ذريعي سعودي عرب جي هڪ هوائي اڏي کي نشانو بڻايو آهي، سعودي شهر "الخرج" ۾ واقع شهزادي سلطان ايئر بيس تي ميزائلن سان حملو ڪيو ويو ۽ هوائي اڏو آمريڪي فوجون استعمال ڪنديون آهن

حملن ۾ مارجي ويل ايراني شهرين جو رت رائيگان نه ويندو، آمريڪي حملن دوران شهري علائقن کي پڻ نقصان پهتو، ايران هن عمل کي بين الاقوامي قانون جي ڀڃڪڙي قرار ڏئي ٿو: عباس عراقچي

آمريڪا اينڊڙ ٻن ٽن ڏينهن دوران ايران تي حملا جاري رکيا، ته ايران مڪمل طور تي جارحاڻي حڪمت عملي اختيار ڪندي دشمن خلاف مڪمل جنگ شروع ڪري ڇڏيندو: ايراني سپريم ليڊر جو صلاحڪار

تهران/واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ (CENTCOM) لڳاتار ستين رات ايران خلاف فوجي حملا ڪيا، جنهن سان خطي ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي آهي. سينٽرل ڪمانڊ پاران جاري ڪيل بيان ۾ چاڻايو ويو آهي ته تازا حملا آمريڪي صدر ۽ ڪمانڊران چيف جي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڊونلڊ ٽرمپ آمريڪي چونڊ ۾ مداخلت جا دستاويز نشر ڪري ڇڏيا

دستاويزن ۾ انٽيليجنس رپورٽون، جاچ رڪارڊ ۽ سيڪيورٽي دستاويز شامل

واشنگٽن (اي پي پي) وائيٽ هائوس انهن
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

سيالڪوٽ: بجلي واري وفاقي وزير خواجه آصف ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پاڪ فوج صرف هڪ ادارو نه پر قوم جو وقار، سلامتي ۽ بقا جي علامت آهي: ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

بينڪاڪ جي شراب خاني ۾ باهه، مرندڙن جو تعداد 30 ٿي ويو، 75 زخمي

بينڪاڪ (اي پي پي) ٿائيلينڊ جي گادي واري هنڌ بينڪاڪ جي ضلع چيٽو چڪ ۾
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: پنجاب جي صوبائي وزير مريم اورنگزيب افتتاحي تقريب ۾ شريڪ آهي

مختلف ملڪن ۾ غير قانوني افغان شهرين خلاف ڪريڪ ڊائون تيز

افغان شهري مختلف ملڪن لاءِ سيڪيورٽي ۽ انتظامي چيلينج بڻجڻ لڳا

پهرين 6 مهينن ۾ مجموعي طور تي 19574 افغان شهرين کي گرفتار ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) غير قانوني افغان شهري پاڪستان سميت مختلف ملڪن لاءِ سيڪيورٽي ۽ انتظامي چيلينج بڻجڻ لڳا،
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

پاڪستان گذريل مالي سال 16.2 ارب ڊالر پرڏيهي قرض ورتو

پاڪستان چين کان ڪُل 16.2 ارب ڊالر جا پرڏيهي قرض حاصل ڪيا

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) گذريل مالي سال دوران پاڪستان چين کان 1.7 ارب ڊالر جي ري فنانسنگ سميت ڪل 16.2 ارب
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

گاليهين ئي بلوچستان مسئلي جو حل آهن، پيپلزپارٽي سياسي ڳالهين تي يقين رکي ٿي: بلاول ڀٽو

پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان بلوچستان جي وزيراعليٰ سرفراز بگٽي ملاقات ڪئي، صوبي جي انتظامي، سياسي ۽ امن امان جي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ

ملاقات دوران سرفراز بگٽي بلاول ڀٽو زرداري کي بلوچستان جي سياسي، انتظامي ۽ دهشتگردي سان لاڳاپيل صورتحال بابت آگاهي ڏني، پ پ چيئرمين دهشتگردي خلاف ڀرپور ڪارروائين تي اتفاق ڪيو

پارٽي هر صورت ۾ دهشتگردي خلاف رڪ جي پٺ وانگر بيٺل رهندي، بلوچستان جي سياسي مسئلن جو واحد حل ڳالهين ۾ آهي ۽ پيپلز پارٽي هميشه سياسي پارٽين سان سياسي ڳالهين تي يقين رکي ٿي: پ پ چيئرمين

زيارت سانحي جي جاچ لاءِ وارثن جي مطالبي تي عدالتي ڪميشن قائم ڪئي وئي آهي، جلد ئي صوبي ۾ امن جي قيام لاءِ جلد آل پارٽيز ڪانفرنس پڻ ڪرائي ويندي: وزيراعليٰ بلوچستان سان ملاقات ۾ ڳالهيون

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽي ملاقات ڪئي، جنهن دوران صوبي جي انتظامي، سياسي ۽ امن امان جي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات دوران سرفراز بگٽي بلاول ڀٽو زرداري کي بلوچستان جي سياسي، انتظامي ۽ دهشتگردي سان لاڳاپيل صورتحال بابت
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

مظفرآباد: پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي

شهيد شاهنواز ڀٽو جي قرباني ۽ جدوجهد جو جذبو حوصلي ۽ ثابت قدمي جو مثال آهي: بلاول ڀٽو زرداري

سندس ڀرپور جوانيءَ ۾ شهادت ڀٽو خاندان جي قربانين جي تاريخ جو انتهائي ڏکوئيندڙ باب آهي

شهادتن باوجود ڀٽو خاندان جي جمهوريت، انصاف ۽ آئين جي بالادستي لاءِ جدوجهد ۾ گهٽتائي ناهي آئي

پيپلز پارٽي قائدِ عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي عظيم ورثي سان وفادار آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيد شاهنواز ڀٽو جي 41هين ورسي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته شهيد
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ پابندي مڙهيل تنظيم سان لاڳاپيل هاءِ پروفائل قيدي شڪيل صديقي کي علاج لاءِ ڪراچي منتقل ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ فوجي عدالت مان سزا يافته
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران سعودي عرب تي حملن جي شديد مذمت

سعودي عرب جي سلامتي جي لاءِ پنهنجي پُختي حمايت جو ورجاءُ

پاڪستان خطي ۾ امن، استحڪام، سلامتي جي حمايت جاري رکندو: وزيراعظم

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪ فوج جي جوانن جي عظيم قربانين کي پگهار سان ڳنڍڻ مناسب نه آهي: دانيال چوڌري

اسان جي جوانن جون قربانيون حب الوطني، ايمان، فرض شناسي ۽ ايثار جي جذبي جو مظهر آهن

قومي سلامتي، هٿياربند فوج ۽ شهيدن بابت بيان ڏيڻ وقت انتهائي احتياط ڪرڻ گهرجي

راولپنڊي (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سيڪيورٽي فورسز جي وانا ۾ دهشتگردي جو وڏو منصوبو ناڪام بڻائي ڇڏيو

بارود سان ڀريل گاڏي آپگهاتي حملي کان اڳ تباهه ڪئي وئي، جيڪا حملي ۾ استعمال ٿيڻ واري هئي

سيڪيورٽي فورسز پيشيوراڻي مهارت سان ڪارروائي ڪندي معصوم شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻايو

آپگهاتي حملي جو ناپاڪ منصوبو وقت کان اڳ ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي سلام پيش ڪريون ٿا: گهرو وزير

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سيڪيورٽي فورسز انٽيليجنس بنيادن تي ڪارروائي ڪندي وانا ۾ دهشتگردي جي هڪ وڏي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

راولا ڪوٽ: هٿياربندن جو سيڪيورٽي فورسز تي حملو، هڪ اهلڪار شهيد

هٿياربند ڄڻن متيال ميرا بس ٽرمينل، راولاڪوٽ ويجهو شهري آبادي تي فائرنگ ڪئي

پوليس اڳتي وڌي ته پوليس کي به نشانو بڻايو ويو، هڪ رينجرز اهلڪار شهيد ٿي ويو ٻيو زخمي

راولاڪوٽ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پابندي مڙهيل جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي هٿياربند ڄڻن طرفان راولاڪوٽ ۾
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ خوني تڪرار جو خاتمو سنڌ پوليس جي تاريخي ڪاميابي آهي: گهرو وزير

پوليس نفرت، انتقام ۽ رتوڇاڻ جي هڪ ڊگهي باب کي بند ڪري امن جي نئين تاريخ رقم ڪئي آهي

جيها ۽ ڏاهاڻي برادرين جي 28 ڄڻن هٿيار ڦٽا ڪري پاڻ کي قانون حوالي ڪري ڇڏيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار لاڙڪاڻي ۾ جيها ۽ ڏاهاڻي برادرين جي وچ ۾ گذريل 15 سالن
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي بار ايسوسيئيشن پاران پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج جي حمايت جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري محمد ارشد شر بلوچ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

بيجنگ: وفاقي وزير عبدالعليم خان مقامي گورنر سان ملاقات ڪندي

حڪومت جا ڪجهه وزير پ پ خلاف محاذ ناهي، ڪين وقت اچڻ تي جواب ڏبو: فريال ٽالپر

آزاد ڪشمير ۾ حڪومت پيپلزپارٽي جي هوندي، ڪشمير پاڪستان جو حصو آهي اهي اسان جا ڀائر ۽ ڀينرون آهن انهن کي اڪيلو نه ڇڏينداسين

ڪجهه مفاد پرست آزاد ڪشمير جي اليڪشن ۾ بدنظمي پيدا ڪرڻ چاهين ٿا، پر عوام انهن جي دوکي ۾ نه ايندو

25جولاءِ تي لاهور ۾ مينار پاڪستان پيپلزپارٽي جو جيڪو جلسو ٿي رهيو آهي، بلاول ڀٽو اهم اعلان ڪندو: عبرت جي بيورو چيف سان فون تي ڳالهيون

مظفرآباد (رپورٽ: مجيد عباسي) پ پ ليڊيز ونگ جي صدر ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر فريال ٽالپر چيو آهي ته آزاد ڪشمير
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ايران آمريڪا سان ڇڪتاڻ سبب اسلام آباد معاهدي تحت واعدن تي عمل روڪي ڇڏيو

مفاهمتي يادداشت تحت ڪيل پنهنجن واعدن تي عملدرآمد عارضي طور معطل ڪري ڇڏيو آهي: ايران جو نائب وزير

في الحال انهن تي عمل نٿا ڪريون ۽ پنهنجي ملڪ جي دفاع تي مڪمل ڌيان ڏئي رهيا آهيون، حالتون معمول تي اچڻ بعد ڏسنداسين

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران جي نائب پرڏيهي وزير ڪاظم غريب آبادي چيو آهي ته ايران اسلام آباد مفاهمتي يادداشت تحت ڪيل پنهنجن واعدن تي عملدرآمد عارضي طور معطل ڪري ڇڏيو آهي. ايراني ميڊيا موجب، ڪاظم غريب آبادي چيو ته اسان پنهنجي واعدن تي عملدرآمد روڪي ڇڏيو آهي. في الحال انهن تي عمل
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

نيلسن منڊيلا جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

نيلسن منڊيلا جي سالگرهه جي موقعي تي ڪيس خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ گڏيل قومن جي انتظام هيٺ نيلسن منڊيلا جو عالمي ڏينهن ڇنڇر تي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ايران جو گڏيل قومن کان آمريڪي حملا فوري بند ڪرڻ جو مطالبو

پُلن، ريلوي اسٽيشنن ۽ رهائشي علائقن تي ٿيل مبينا آمريڪي حملن جا تفصيل بيان ڪيا

اهي حملا گڏيل قومن جي چارٽر جي آرٽيڪل 4 (2) جي ڀڃڪڙي ۽ طاقت جي استعمال يا ڌمڪي ڏيڻ جي پابندي جي ڀڃڪڙي آهن

تهران (اي پي پي) گڏيل قومن ۾ ايراني نمائندي امير سعيد ايرواني گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش ۽ سلامتي ڪائونسل جي صدر ڏانهن لکيل
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان پاڪستان جي نيپال لاءِ نامزد سفير عامر خان جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير ڪراچي ۾ قطر جي قونصل خاني پهچي اڳوڻي امير رياست شيخ حمد جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

نيويارڪ: بي اير يوٿ پروگرام جو چيئرمين راڻا مشهود گڏيل قومن کي خطاب ڪندي

لاڙڪاڻو: خاتون اول آصفه ڀٽو ۽ سسئي ڀٽو شهيد شاهنواز جي مزار تي گل نڇاور ڪندي

ڊهه سي سي سرنج تي لڳايل پابندي تي نظرثاني ڪئي وڃي: ڊاڪٽر محمد خالد شفيع

ٻارن کي دوائن جي صحيح مقدار ڏيڻ لاءِ 10 سي سي سرنج انتهائي ضروري آهي

پابندي سبب نون ڄاول ٻارن کي خوراڪ فراهم ڪرڻ وارو عمل به متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي: نيٽاگ اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيشنل اميونائيزيشن ٽيڪنيڪل ايڊوائزري گروپ (نيٽاگ) جي چيئرپرسن پروفيسر ڊاڪٽر محمد خالد شفيع
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اي اين ايف جون منشيات خلاف ڪارروائيون، 28.988 ڪلوگرام منشيات هٿ، عورت سميت 6 گرفتار

ڪارروائين ۾ اسلام آباد ايئرپورٽ تي رياض ويندڙ مسافر جي بيگ مان هڪ ڪلوگرام زينيڪس گوريون هٿ ڪيون ويون

سيالڪوٽ ايئرپورٽ تي جده ويندڙ مسافر جي بيگ مان 940 ڪلوگرام آئيس هٿ ڪري جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) اينٽي نارڪوٽڪس فورس سڄي ملڪ جي مختلف شهرن ۾ منشيات اسمگلنگ خلاف ڪريڪ ڊائون
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

لاهور: وفاقي وزير راڻا قاسم تقريب ۾ ڳالهائي رهيو آهي

هن سال آخر ۾ بلاول ڀٽو جي شادي ٿيندي، عوام کي سرپرائز ملندو: مير منور ٽالپر

منور ٽالپر فريال ٽالپر سان گڏ ڪراچي پهتو، مفاهمتي سياست جي واکاڻ ڪريون ٿا: منور ٽالپر

ميرپورخاص، جمس آباد، ڪراچي ۽ مختلف شهرن مان آيل شهرين سندس استقبال ڪيو

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) اڳوڻي صوبائي وزير، قومي اسيمبلي جي ميمبر صدر آصف علي زرداري جي بهڻوئي ۽ پ پ
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

"آپريشن نجات مهراڻ" تحت 15 سال پراڻي خوني دشمني جو خاتمو پوليس جي وڏي ڪاميابي آهي: آءِ جي سنڌ

جيها ۽ ڏاهاڻي برادرين وچ ۾ 25 قيمتي جانيون ڳڙڪائيندڙ پراڻو تڪرار ڪامياب ڳالهين ذريعي حل ڪيو ويو

ٻنهي قبيلن جي 28 جوابدارن پاران هٿيار ڦٽا ڪري پاڻ کي قانون حوالي ڪرڻ امن جي قيام ڏانهن اهم اڳڀرائي آهي

سنڌ ۾ ڪنهن به شخص يا قبيلي کي رياستي رٽ کي چئلينج ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو آهي ته سنڌ پوليس ڪچي واري علائقي ۾ هڪ ٻي وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي جي "آپريشن نجات مهراڻ" جي نتيجي ۾ 15
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ بازاري جو رجحان، 100 انڊيڪس ۾ 6408.23 پوائنٽس جي گهٽتائي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ آڪاري ڏينهن بازاري جو رجحان رهيو ۽ ڪي ايس اي 100
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي ۾ ايم ڪيو ايم ميمبر پاران ايڇ آءِ وي جي وڌندڙ ڪيسن بابت قرارداد جمع

قرارداد ۾ صحت واري شعبي جي ڪارڪردگي ۽ فنڊن جي استعمال بابت جاچ جو مطالبو

وڏي گرانٽ باوجود ايڇ آءِ وي جي ڪيسن ۾ واڌ ٿيڻ جي شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي: معاذ محبوب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ ايڇ آءِ وي جي وڌندڙ ڪيسن تي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سنڌ اسيمبلي ميمبر معاذ محبوب قرارداد جمع ڪرائي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سنڌ اسيمبلي ميمبر معاذ
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي بار ايسوسيئيشن پاران عدالتن ۾ وڪيل جي وڪالت نامي جي تصديق ڪرائڻ جو مطالبو

جنرل سيڪريٽري پاران سمورن ضلعن جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ججز کي خط لکيو ويو

ڪنهن به ڪيس جي ٻڌڻي کان اڳ وڪيل جي "وڪالت نامي" جي تصديق کي يقيني بڻايو وڃي: مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري محمد ارشد شر عدالتن ۾ جعلي وڪيلن ۽ ٽائوٽس (ايجنٽن) جو رستو روڪڻ ۽ قانوني نظام جي ساک کي بچائڻ لاءِ هڪ اهم ۽
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: هڪ اسٽال تان عورتون برتن خريد ڪري رهيون آهن

پيپلز پارٽي پاران آزاد ڪشمير جي چونڊن ۾ پارٽي اميدوارن جي ڪاميابي لاءِ مهم تيز

ڪراچي سميت سڄي سنڌ ۾ رهندڙ ڪشميري ووٽرن جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ عوامي رابطا شروع

گلگت بلتستان وانگر آزاد ڪشمير جي چونڊن ۾ به پيپلز پارٽي وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندي: نثار کهڙو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي آزاد ڪشمير جي چونڊن ۾ پارٽي جي نامزد اميدوارن جي ڪاميابي لاءِ
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪي اليڪٽرڪ ريفرنڊم ۾ پ پ جي حمايت يافته يونين جي ڪاميابي اعتماد جو ثبوت آهي: سعيد غني

چونڊجي آيل سمورا عهديدار شهر، صوبي ۽ ملڪ جي ترقي، مزدورن جي ڀلائي لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا

مزدورن، پورهيتن ۽ عوام لساني تعصب جي سياست ڪندڙن کي رد ڪري ڇڏيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري وزير سعيد غني ڪي اليڪٽرڪ جي ريفرنڊم ۾
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ٽرانسپورٽ نظام ۾ 50 ڊبل ڊيڪر ۽ 500 نيون اي وي بسون شامل ڪري پئي: شرجيل ميمڻ

سيني ڊپٽي ڪمشنرن کي پنهنجي ضلعن ۾ بس ڊيپوئن لاءِ خالي سرڪاري زمين جي نشاندهي ڪرڻ جي هدايت

منصوبن جي ڪاميابي لاءِ مناسب ڊپن ۽ آپريشنل ڍانچي جي وقتائتي دستيابي انتهائي ضروري آهي

عوامي ٽرانسپورٽ شعبي ۾ جاري منصوبا صوبي جي ٽرانسپورٽ نظام ۾ انقلابي تبديلي آڻيندا

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ مختلف عوامي ٽرانسپورٽ منصوبن ۽ ٽرانسپورٽ رٿائن لاءِ
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سنڌ جو گهرو وزير قطر جي قونصليٽ خاني پهتو، اڳوڻي امير شيخ حمد بن خليفه الثاني جي وفات تعزيت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو ۽ قانون واري وزير سنڌ ضياءُ الحسن لنجار ڪراچي ۾ واقع رياست قطر جي قونصليٽ
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فليٽ مان هڪ شخص جو لاش هٿ آيو پوليس پاران خودڪشي جو شڪ ظاهر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي بوهرا پير ۾ فليٽ مان هڪ شخص جو لاش مليو جنهن جو ڳلو ڪٽيل
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪنڊياري ۾ پريم پرڻو ڪندڙ نوجوان فائرنگ ڪري زال کي قتل ۽ سس ۽ سهري کي زخمي ڪيو

ڪڏ پاڙي ۾ ڪجهه وقت اڳ ظفر چانڊيو ۽ 20 ورهين جي خشبو چانڊيو سان مائٽن جي رضا سان پرڻو ڪيو

جوابدار ظفر مبينا پاڻ سان ڪانجي سهري جي گهري تي فائرنگ ڪري زال خشبو، سهري بخت ۽ سس کي زخمي ڪيو

پوليس پهچي زخمي ۽ لاش کي ڪنڊيارو اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد لاءِ وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

ڪنڊيارو (نامه نگار) ڪنڊياري ڪڏ پاڙي ۾ ڪجهه وقت اڳ ظفر علي چانڊيو ۽ 20 ورهين جي خشبو چانڊيو مائٽن جي رضا
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪنڊيارو: پريم جو پرڻو ڪندڙ نوجوان هٿان قتل ٿيل زال ۽ زخمي سس سهرو

ٺلوري جي سرڪاري اسپتال ۾ علاج نه ملڻ سبب 8 سالن جو ٽينگر فوت، لاش رکي ڌرڻو

اسپتال ۾ علاج جون سهولتون نه ملڻ ۽ ڊيوٽي ڊاڪٽر جي غفلت ڪري اسدالله فوت ٿي ويو آهي

ٻار جي وارثن اسپتال جي گيٽ اڳ لاش رکي انتظاميا خلاف ٻن ڪلاڪن تائين احتجاجي ڌرڻو هنيو

ڊيوٽي تي مقرر ڊاڪٽر جي غفلت سبب اسان جو معصوم ٻار فوت ٿيو آهي، اعليٰ اختيارين نوٽيس وٺي انصاف ڪن: مظاهرين

ميرپوربٺورو (ن ع) ميرپوربٺورو جي
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ميرپوربٺورو: فوت ٿيل ٻارڙي جو لاش پيل آهي

افغان شهرين جي وطن واپسي لاءِ سمورا انتظام ۽ ڪارروائيون مڪمل ڪيون وڃن: اي آءِ جي

ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان ڪمشنر ڪراچي سان گڏجي گلشن معمار ۾ افغان ڪئمپ جو دورو ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان ڪمشنر ڪراچي سان گڏ گلشنِ معمار ۾ قائم افغان ڪئمپ جو
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

موسمياتي تبديلي هاڻي هڪ منافعي بخش ڪاروباري موقعو پڻ ٿي سگهي ٿو: ماهر

اسلام آباد ۾ ڪاربن فنانس ۽ ڪلائيميٽ سيڙپڪاري ۾ نون موقعن تي بحث لاءِ پروگرام منعقد

پاڪستان جو ڪارپوريٽ شعبو مستقبل جي ريگيوليٽري ۽ مارڪيٽ جي گهرجن لاءِ تيار ٿي سگهي ٿو: اڳواڻ

اسلام آباد (اي پي پي) نيشنل يونيورسٽي آف سائنسز اينڊ ٽيڪنالاجي (نسٽ)، اقبال ايگزيڪيوٽو ڊوليپمينٽ سينٽر (آءِ اي ڊي
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: نسٽ پاران ڪاربان ڪريڊٽ بابت ڪرايل پروگرام جو گروپ فوٽو

لاهور: هڪ ڦيرسن ٻارن جا رانديڪا وڪرو ڪري رهيو آهي

جماعت اسلامي جي وفد پي ٽي آءِ اڳواڻ حليم عادل شيخ سان سندس وڏي ڀاءُ جي وفات تي تعزيت ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ جي قيادت ۾ جماعت اسلامي جي وفد عادل هائوس
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

واٽر ٽينڪر ۽ ڳري ٽريفڪ سبب ٿيندڙ حادثا روڪڻ لاءِ قانونسازي ڪئي وڃي: وڪيل اڳواڻ

ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن پاران سنڌ حڪومت کان فوري ۽ سخت قانونسازي جو مطالبو

شهرين جي جانين جي تحفظ لاءِ هيوي ٽريفڪ جي نگراني جو مؤثر نظام نافذ ڪيو وڃي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي بار ايسوسيئيشن شهر ۾ واٽر ٽينڪر ۽ هيوي ٽريفڪ سبب ٿيندڙ وڌندڙ جان ليوا حادثن
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جا بلڊر هڪ ڀيرو ٻيهر انتهائي گهربل ڀتا خورن جي نشاني تي اچي ويا

منگهوپير، سرجاني، ملير سٽي ۽ گلبرگ وارن علائقن ۾ مختلف بلڊرن کان ڀتو طلب ڪيو ويو

ملير سٽي ۾ ميمڻ ماڻ ۽ منگهوپير ۾ رائل گلف ريزيڊنسي تي هٿياربندن فائرنگ پڻ ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جا بلڊر هڪ ڀيرو ٻيهر انتهائي گهربل ڀتا خورن جي نشاني تي اچي ويا آهن ذريعن موجب
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جيل ۾ پراسرار نموني قيدي فوت ٿيڻ تي اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ ۽ ٻه اهلڪار معطل

آءِ جي جيل انڊر ٽرائل قيدي دنيش ڪمار جي پراسرار فوتگي واري واقعي جو سخت نوٽيس ورتو

قيدي جي فوتگي واري واقعي جي هر پهلو کان شفاف، غيرجانبدار ۽ مڪمل جاچ ڪرائي ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي جيل خاني جي آءِ جي فدا حسين مستوئي انڊر ٽرائل قيدي دنيش ڪمار جي پراسرار فوتگي واري
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ سياسي ۽ آئيني استحڪام کانسواءِ معاشي بحالي ممڪن ناهي: حليم عادل شيخ

پاڪستان آئين، آزاد عدليه ۽ بنيادي انساني حقن کانسواءِ عالمي اعتماد بحال نٿو ڪري سگهي

پي ٽي آءِ باني عمران خان سميت سڀني سياسي قيدين کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ ملڪ جي سياسي ۽ معاشي صورتحال تي ڳالهائيندي چيو آهي ته آئين آزاد عدليه ۽ بنيادي انساني حقن کانسواءِ
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: وحدت ڪالوني جي ريلوي واري پل هيٺيان گٽر جو پاڻي بيٺل آهي

ڪراچي ۾ هندو واپاري جي گهر ۾ مان وڏي ڌاڙي جي جاچ لاءِ خاص ٽيم جوڙي وئي

اي آءِ جي آزاد خان پاران جوڙيل ٽيم جو سربراهه ڊي آءِ جي سي آءِ اي مقدس حيدر مقرر

خاص جاچ ٽيم واپاري ڏرمون مل جي گهر ۾ لڳل ڌاڙي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پوليس چيف ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان گذاپ سٽي ۾ هندو واپاري جي گهر ۾
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

ڪورنگي ۾ مبينا پوليس مقابلي ۾ هڪ ڌاڙيل مارجي ويو، زخمي جوابدار گرفتار

ڪورنگي ۾ تنظيم فلور مل ڀرسان پوليس ۽ هٿياربند جوابدارن وچ ۾ مقابلو ٿيو

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ جوابدار مارجي ويو ٻيو سخت زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪورنگي ۾ مبينا پوليس مقابلي دوران هڪ جوابدار مارجي ويو جڏهن ته ٻيو زخمي حالت ۾ گرفتار
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

سنڌ يونيورسٽي سنڊيڪيٽ پاران 9 ارب 44 ڪروڙن جي بجيٽ ۽ آءِ سي ٽي پاليسي منظور

سنڊيڪيٽ اجلاس ۾ ميمبرن يڪراءِ سان مالي سال 2026-27ع لاءِ بجيٽ جي منظوري ڏئي ڇڏي

بجيٽ ۾ شاگردن جي سهولتن، تحقيق ۽ نواڻ، انٽرپرينيوئرشپ ۽ اسٽارٽ اپ منصوبن لاءِ وڌيڪ فنڊ رکيا ويا

وائيس چانسلر پاران مادر علمي کي مسلسل مالي سهڪار ڏيڻ تي وڏي وزير، هيڪ سنڌ جا ٿورا مڃيا ويا

ڄامشورو (ڊ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي سنڊيڪيٽ مالي سال 2026-27ع لاءِ
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

گمبٽ لڳ ڏرين ۾ جهيڙي تان جوابدار پنهنجي ڀاڻي کي ڪُهي مخالف تي الزام مڙهيو

ڳوٺ نارو ڏورو ۾ ٻارن جي معمولي ڳالهه تان هڪ ئي پاڙي ۾ رهندڙ حاجاڻا برادري ۽ ڊوگر برادري جو جهيڙو ٿي پيو

حاجاڻا برادري پاران غلام علي ڊوگر جي معصوم پٽ فرحان علي تي تشدد ڪري اغوا جو شڪ ظاهر ڪيو

بي ڌر جي غلام علي ڊوگر پنهنجي 7 سالن جي ڌيءَ عشاءِ فاطمه ڊوگر کي تيز دار اوزار سان ڪهي الزام مخالف تي هنيو

اطلاع تي پوليس پهچي معصوم ٻيڱري جو لاش ڪٽائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

گمبٽ (رپورٽ: مريد ٽالپوري) گمبٽ لڳ ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي حد ڳوٺ نارو ڏورو ۾ ٻارن جي معمولي ڳالهه تان هڪ ئي پاڙي ۾ رهندڙ حاجاڻا برادري ۽ ڊوگر برادري جو جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ حاجاڻا برادري
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

مڙس ڀاڻي کي قتل ڪري حاجاڻن مٿان الزام لڳائي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي، امڙ

منع ڪرڻ تي مڙس غلام علي مون کي به قتل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني

قاتل مڙس کي سخت سزا ڏني وڃي ۽ مون سان انصاف ڪيو وڃي

گمبٽ: ان سلسلي ۾ مقتوله ڀاڻي جي امڙ نازيه ڊوگر جو چوڻ آهي ته حاجاڻا برادري جي ماڻهن گهر تي حملو ڪري منهنجي
بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

پوليس مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي ظالم قاتل پيءُ غلام علي ڊوگر کي گرفتار ڪري ورتو

گمبٽ: ايس ايس پي خيرپور امير سعود
بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

[redacted]

آگاهي ڏني ان موقعي تي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جو دهشتگردي بابت ڀرپور ڏينهن کان ئي واضح موقف رهيو آهي ۽ پارٽي هر صورت ۾ دهشتگردي خلاف رڪ جي پٽ وانگر بيٺل رهندي. هن چيو ته بلوچستان جي سياسي مسئلن جو واحد حل ڳالهين ۾ آهي ۽ پيپلز پارٽي هميشه سياسي پارٽين سان سياسي ڳالهين تي يقين رکي ٿي. سرفراز بگٽي ملاقات دوران ٻڌايو ته زيارت سانحي جي جاچ لاءِ وارثن جي مطالبي تي عدالتي ڪميشن قائم ڪئي وئي آهي. جڏهن ته صوبي ۾ امن جي قيام لاءِ جلد آل پارٽيز ڪانفرنس پڻ ڪوٺائي ويندي

[redacted]

شاهنواز ڀٽو کي تمام جلد اسان کان جدا ڪيو ويو پر سندس قرباني ۽ جدوجهد جو جذبو اڄ به قوم لاءِ حوصلي ۽ ثابت قدمي جو مثال آهي هن چيو ته شهيد شاهنواز ڀٽو جي ڀوهه جواني ۾ شهادت ڀٽو خاندان جي قربانين جي تاريخ جو انتهائي ڏکوئيندڙ باب آهي، پر شهادتن باوجود ڀٽو خاندان جي جمهوريت، انصاف ۽ آئين جي بالادستي لاءِ جاري جدوجهد جي روشني کي ظلم ۽ جبر جون قوتون ڪڏهن به گهٽائي نه سگهيون آهن بلاول ڀٽو زرداري چيو ته شهيد شاهنواز ڀٽو جي قرباني اڄ به هر ان شخص لاءِ همٿ ۽ عزم جو باعث آهي جيڪو ظلم آڏو بيهڻ ۽ عوام جي جمهوري آواز کي دٻائڻ جي هر ڪوشش جو مقابلو ڪرڻ تي يقين رکي ٿو هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي عظيم ورثي سان وفادار آهي ۽ جمهوريت، آئين جي بالادستي، سماجي انصاف، برابري ۽ عوامي خدمت جي پنهنجي عزم تي اڄ به ثابت قدم آهي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته عوام جي حقن ۽ جمهوري قدرن لاءِ ڏنل قربانيون ڪڏهن به رائيگان ناهن وينديون بلڪ اهي قوم لاءِ هميشه مشعل

[redacted]

پابندي مؤهيل تنظيم سان لاڳاپيل هاءِ پروفائل قيدي شڪيل صديقي جي گردن جي بيماري بابت داخل درخواست تي ٻڌڻي ڪندي ڪيس مڪمل علاج لاءِ ڪراچي منتقل ڪرڻ جي هدايت جاري ڪري ڇڏي عدالت حيدرآباد جيل جي سپرنٽينڊنٽ پاران پيش ڪيل رپورٽ جي روشني ۾ حڪم جاري ڪيو درخواستگذار جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته شڪيل صديقي 2015ع کان جيل ۾ قيد آهي ۽ فوجي عدالت ڪيس مختلف الزامن هيٺ 25 سال قيد جي سزا ٻڌائي هئي وڪيل موجب شڪيل صديقي سزا ڪاٽي رهيو آهي، پر گذريل ڪجهه مهينن کان هو گردن جي تڪليف ۾ مبتلا آهي هن موقف اختيار ڪيو ته جيل انتظاميا قيدي کي علاج جهڙي بنيادي سهولت کان محروم رکيو آهي ۽ جيل اندر طبي سهولتون به ناڪافي آهن درخواستگذار جي وڪيل عدالت کان استدعا ڪئي ته قيدي کي جيل کان ٻاهر ڪنهن مناسب اسپتال ۾ فوري علاج ڪرائڻ جو حڪم ڏنو وڃي. جنهن تي عدالت ڪيس مڪمل علاج لاءِ ڪراچي منتقل ڪرڻ جي هدايت جاري ڪري ڇڏي

[redacted]

شهباز شريف سعودي عرب تي حملن جي شديد مذمت ڪندي سعودي عرب جي سلامتي جي لاءِ پنهنجي پختي حمايت جو ورجاءُ ڪيو آهي اڱاري ڏينهن سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي هڪ بيان ۾ وزيراعظم چيو ته پاڪستان گذريل رات پاڙي ملڪ سعودي عرب تي ڪيل حملن جي شديد مذمت ڪري ٿو هن چيو ته اهڙا مذمت جوڳا قدم سعودي عرب جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي واضح خلاف ورزي آهن ۽ ان سان خطي جي امن ۽ استحڪام کي وڌيڪ نقصان پهچڻ جو خدشو آهي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان [illegible]

ڏکي باب کي بند ڪري امن جي نئين تاريخ رقم ڪئي آهي سنڌ جي گهرو وزير چيو ته لاڙڪاڻو پوليس جي اثرائتي حڪمت عملي، مسلسل آپريشن، غيرجانبدارانه ڪارروائي سيٽاپ واري ڳالهين ۽ قانون جي بغير ڪنهن فرق جي عمل ڪرائڻ جي نتيجي ۾ جيها ۽ ڏهاٽي برادرين جي 28 ڄڻن هٿيار ڦٽا ڪري پاڻ کي قانون حوالي ڪري ڇڏيو آهي، جن ۾ مڃن انعام (هيڊ مني) وارا اشتهاري جوابدار پڻ شامل آهن هن واضح ڪيو ته سڀئي جوابدار قانون موجب عدالتن کي منهن ڏيندا ۽ انصاف جا تقاضا هر صورت ۾ پورا ڪيا ويندا ضياءِ الحسن لنجار چيو ته ان 15 سالن جي خوني تڪرار 25 قيمتي انساني جانيون ڳڙڪائي ڇڏيون، ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿيا، جڏهن ته دشمني سبب لڳ ڀڳ ٻه هزار ايڪڙ زرعي زمين بنجر بڻيل رهي ۽ ڪن ڳوٺن جي روزاني زندگي سخت متاثر ٿي اڄ سنڌ پوليس جي ڪامياب حڪمت عملي جي ڪري اهي ئي علائقا ٻيهر امن استحڪام ۽ معمول جي زندگي ڏانهن گامزن آهن جيڪا سنڌ حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن لاءِ اطمينان جو سبب آهي هن چيو ته لاڙڪاڻو پوليس ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته رياست جي طاقت بندوق سان نه پر قانون جي بالادستي سان قائم ٿيندي آهي سنڌ پوليس ان ڪارروائي ذريعي اهو واضح پيغام ڏنو آهي ته صوبي ۾ قانون کان مٿاهون ڪير به ناهي ۽ امن دشمن عنصرن لاءِ ڪا به گنجائش نه هوندي سنڌ جي گهرو وزير ايس ايس پي لاڙڪاڻو جي دليرانه قيادت، معاملي فهمي، پيشيوارانه صلاحيت ۽ پوري پوليس ٽيم جي ڏينهن رات جي ڪوشش کي زبردست خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته سندن ڪارڪردگي ساراهه جوڳي ۽ قابل تقليد آهي هن چيو ته امن جي قيام تي ايس ايس پي لاڙڪاڻو ۽ پوري پوليس ٽيم شاباش جي مستحق آهي جن نه صرف خطرناڪ اشتهارين کي قانون آڏو جهڪايو پر هڪ پراڻي قبيلائي تڪرار کي پڻ پائيدار امن ۾ تبديل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ضياءِ الحسن لنجار ان عزم کي ورجايو ته سنڌ حڪومت ۽ سنڌ پوليس سڄي صوبي ۾ امن امان جي قيام، عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ رياست جي رٽ هر قيمت تي برقرار رکڻ لاءِ پنهنجون ڪارروايون ساڳئي عزم ۽ اثرائتي حڪمت عملي سان جاري رکنديون هن چيو ته امن ئي ترقي جو بنياد آهي ۽ جتي امن قائم ٿيندو اتي خوشحالي، سرمائيڪاري ۽ عوامي اعتماد پڻ وڌندو

[redacted]

ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي ٿيندڙ پرامن احتجاج جي مڪمل حمايت جو اعلان ڪندي چيو آهي ته ڪيترائي سال گذرڻ باوجود پريا ڪماري جي بازيابي نه ٿيڻ انتهائي افسوسناڪ ۽ ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي جيڪا گم ٿيل ٻارن جي ڪيسن جي جاچ ۾ موجود سنگين خامين کي ظاهر ڪري ٿي هن چيو ته پريا ڪماري سميت ڪيترن ئي گم ٿيل ٻارن جو اڃا تائين ڪو سراغ نه ملڻ لاڳاپيل ادارن جي ڪارڪردگي بابت ڪيترائي سوال اٿاري ٿو حڪومت، سنڌ پوليس ۽ ٻين لاڳاپيل قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي ذميواري عائد ٿئي ٿي ته اهي فوري، سنجيده ۽ اثرائتا قدم کڻي سڀني گم ٿيل ٻارن جي محفوظ بازيابي کي يقيني بڻائين محمد ارشد شر بلوچ چيو ته هو پريا ڪماري ۽ ٻين گم ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ جاري پرامن جدوجهد سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿو هن چيو ته عمره جي ادائيگي ڪانپوءِ وطن واپسي تي هو پنهنجي برادري جي ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ هن پرامن احتجاج ۾ ڀرپور شرڪت ڪندو جيئن هن انساني ۽ آئيني مقصد لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهجي هن وڌيڪ چيو ته هر گم ٿيل ٻار جي بازيابي رڳو قانوني نه پر انساني اخلاقي ۽ آئيني ذميواري پڻ آهي هن مطالبو ڪيو ته پريا ڪماري ۽ ٻين گم ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ نتيجا ڏيندڙ ڪارروائي [illegible]

استعنا ڏنو وڃي هن ڊريپ کي تجويز ڏني ته ماهرن تي ٻڌل هڪ مشاورتي ڪميٽي قائم ڪئي وڃي جيڪا انفڪشن ڪنٽرول ۽ ٻارن جي علاج ٻنهي ضرورتن کي نظر ۾ رکي سفارشون تيار ڪري هن چيو ته ايچ آءِ وي جي روڪٿام ضروري آهي، پر ان جي نالي تي ٻارن جي علاج ۾ رڪاوٽ پيدا نه ٿيڻ گهرجي ڊاڪٽر محمد خالد شفيع مطالبو ڪيو ته پيڊياٽرڪ ۽ نيونيٽل مريضن لاءِ 10 سي سي سرنج جي دستيابي هر صورت ۾ يقيني بڻائي وڃي ۽ ڊريپ فوري طور لاڳاپيل ماهرن سان صلاح مشورو ڪري پابندي جي دائري تي نظرثاني ڪري

[redacted]

ڪراچي سميت سڄي سنڌ ۾ رهندڙ ڪشميري ووٽرن جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ عوامي رابطن ۽ چونڊ مهم کي تيز ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي آزاد ڪشمير سنڌ زون جي صدر سردار ذوالفقار علي ۽ ڪراچي لاءِ فوڪل پرسن راجا ظهير چنجر ڏينهن پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو ۽ جنرل سيڪريٽري وقار مهدي سان ملاقات ڪئي جنهن دوران 27 جولاءِ تي ٿيندڙ آزاد ڪشمير جي قانون ساز اسيمبلي جي چونڊن بابت جاري چونڊ مهم تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي ان موقعي تي پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو پارٽي جي نامزد اميدوارن ايل اي 40 ويلي سان عامر عبدالغفار لون ۽ ايل اي 34 جمون ڪشمير سان ڪرنل (ر) چوڌري عبدالقدير جي ڪاميابي لاءِ ڪراچي سميت سڄي سنڌ جي پارٽي عهديدارن ۽ ڪارڪنن کي چونڊ مهم ۽ عوامي رابطن کي وڌيڪ مؤثر ۽ تيز ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون نثار احمد کهڙو چيو ته آزاد ڪشمير جي عوام کي پاڪستان پيپلز پارٽي تي مڪمل اعتماد آهي ۽ اميد آهي ته جيئن گلگت بلتستان ۾ پارٽي شاندار ڪاميابي حاصل ڪئي تيئن آزاد ڪشمير جي چونڊن ۾ به پاڪستان پيپلز پارٽي وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي حڪومت ٺاهيندي

[redacted]

پاڪستان پيپلز پارٽي جي حمايت يافته ليبر يونين جي شاندار ڪاميابي تي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته اها ڪاميابي ڪي اليڪٽرڪ جي ملازمن جي پيپلز پارٽي ۽ ان جي مزدور دوست پاليسين تي ڀرپور اعتماد جو واضح ثبوت آهي سعيد غني چيو ته ڪي اليڪٽرڪ جي ريفرنڊم ۾ پيپلز پارٽي جي حمايت يافته ليبر يونين 4,589 ووٽن سان 3,191 ووٽ حاصل ڪيا، جڏهن ته مقابلي ۾ ايم ڪيو ايم جي حمايت يافته اسٽار يونين صرف 1,061 ووٽ حاصل ڪري سگهي هن چيو ته سالن ڪانپوءِ ٿيل هن ريفرنڊم ۾ پيپلز پارٽي جي حمايت يافته ليبر يونين جي وڏي اڪثريت سان ڪاميابي مزدورن جي اعتماد جو ڀرپور اظهار آهي هن پيپلز ليبر بيورو سنڌ جي صدر حبيب الدين جنيدي ۽ ڪراچي جي صدر اسلم سمون کي هن شاندار ڪاميابي تي واڌايون ڏيندي چيو ته سندن قيادت ۽ ڪارڪنن جي محنت رنگ لاتي آهي هن پيپلز ليبر بيورو جي سمورن عهديدارن ۽ ڪامياب اميدوارن کي پڻ دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي سعيد غني چيو ته کيس اميد آهي ته چونڊجي آيل سمورا عهديدار شهر صوبي ۽ ملڪ جي ترقي مزدورن جي ڀلائي ۽ سندن حقن جي تحفظ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا هن وڌيڪ چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي مزدور دوست پاليسين ۽ مزدورن جي فلاح ۽ بهبود واري ويزن سبب پيپلز پارٽي مختلف ادارن جي ليبر يونينن ۾ لڳاتار ڪاميابيون حاصل ڪري رهي آهي سندس چوڻ هو ته پيپلز پارٽي جي باني ۽ قائد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پارٽي جو بنياد ئي مزدورن، پورهيتن هارين ۽ عام ماڻهن جي حقن ۽ ڀلائي لاءِ رکيو هو سعيد غني چيو ته ماضي ۾ ڪراچي جي مختلف ادارن ۾ مزدورن کي لساني بنيادن تي ورهايو ويندو هو پر هاڻي مزدورن پورهيتن ۽ عوام لساني تعصب جي سياست ڪندڙن کي مڪمل طور رد ڪري ڇڏيو آهي جيڪو پيپلز پارٽي جي عوامي ۽ مزدور دوست سياست تي اعتماد جو ثبوت آهي

[redacted]

بس ڊپو قائم ڪرڻ خاطر زمين جي فراهمي بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن ڊائريڪٽر جنرل ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آصف جان صديقي مختلف ضلعن جا ڊپٽي ڪمشنر ۽ لاڳاپيل کاتن جا اعليٰ عملدار شريڪ ٿيا، جڏهن ته مليس ڪورنگي ڪراچي سينٽرل ۽ ڪراچي ويسٽ جي ڊپٽي ڪمشنرن پڻ اجلاس ۾ شرڪت ڪئي اجلاس دوران عملدارن عوامي ٽرانسپورٽ منصوبن بسن جي پارڪنگ ۽ آپريشن لاءِ گهربل زمين بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ان موقعي تي مختلف ضلعن ۾ موجود سرڪاري زمين تجويز ڪيل هنڌن ۽ مستقبل جي ضرورتن جو پڻ جائزو ورتو ويو ته جيئن بس ڊيپوز قائم ڪرڻ لاءِ موزون جايون طئي ڪري سگهجن ان موقعي تي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت ٽرانسپورٽ نظام ۾ 50 ڊبل ڊيڪر بسون ۽ 500 نيون اي وي بسون شامل ڪري رهي آهي جن جي اچڻ سان صوبي جي عوامي ٽرانسپورٽ نظام ۾ نمايان بهتري ايندي هن هدايت ڪئي ته بس ڊيپوئن لاءِ مناسب زمين جي سڃاڻپ ۽ فراهمي جو عمل فوري طور مڪمل ڪيو وڃي هن سڀني ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي پنهنجي ضلعن ۾ موجود خالي سرڪاري زمين جي نشاندهي ڪن جيئن ماس ٽرانزٽ منصوبن لاءِ جديد بس ڊپا قائم ڪري سگهجن سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته منصوبن جي ڪاميابي لاءِ مناسب ڊپن ۽ آپريشنل ٻنهجي جي وقتائتي دستيابي انتهائي ضروري آهي تنهن ڪري سڀئي لاڳاپيل ادارا پاڻ ۾ ڀرپور سهڪار ۽ اثرائتي هم آهنگي ذريعي زمين جي سڃاڻپ ۽ ٻين ضروري انتظامن جو عمل جلد کان جلد مڪمل ڪن هن چيو ته سنڌ حڪومت شهرين کي جديد، آرامده، ماحول دوست ۽ عالمي معيار جون سفري سهولتون فراهم ڪرڻ جي پنهنجي عزم تي قائم آهي هن وڌيڪ چيو ته حڪومت عوامي خدمت لاءِ نيون بسون جلد کان جلد روڊن تي آڻڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي جڏهن ته عوامي ٽرانسپورٽ شعبي ۾ جاري منصوبا صوبي جي ٽرانسپورٽ نظام ۾ انقلابي تبديلي آڻيندا

[redacted]

جو دورو ڪيو جتي هن قطر جي قائم مقام قونصل جنرل علي راشد المري سان خاص ملاقات ڪئي ۽ قطر جي اڳوڻي امير شيخ حمد بن خليفه الثاني جي وفات تي دلي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ان موقعي تي گهرو وزير سنڌ حڪومت قطر شاهي خاندان ۽ ڀائرن جهڙن قطر جي عوام سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته شيخ حمد بن خليفه الثاني هڪ مدبر دوراانديش ۽ باوقار اڳواڻ هئا جن قطر جي ترقي استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ تاريخي ڪردار ادا ڪيو سنڌ جي گهرو وزير چيو ته هن ڏک جي گهڙيءَ ۾ سنڌ حڪومت ۽ پاڪستان جا عوام پنهنجن قطري ڀائرن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهن ۽ هن ناقابل تلافي نقصان تي حڪومت قطر شاهي خاندان ۽ قطر جي عوام سان دلي تعزيت جو اظهار ٿا ڪيون هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم شيخ حمد بن خليفه الثاني کي پنهنجي جوار رحمت ۾ اعليٰ مقام مغفرت ۽ جنت الفردوس ۾ بلند درجا عطا فرمائي جڏهن ته سوڳوار خاندان، شاهي خاندان ۽ قطر جي عوام کي هي عظيم صدمو صبر ۽ استقامت سان برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي

[redacted]

هو شروعاتي جاچ ۾ پوليس واقعي کي خودڪشي قرار ڏئي رهي آهي اختيارن چيو ته ريسڪيو ٽيمن کي فليٽ ۾ لاش جي موجودگي جي اطلاع ملي ۽ ڪارروائي ڪرڻ کان پوءِ لاش کي تحويل ۾ ورتو ويو پوليس مقتول جي سڃاڻپ 34 سالن جي مصطفيٰ جي نالي سان ڪئي آهي شروعاتي ثبوتن مان ظاهر ٿئي ٿو ته مقتول هڪ منشيات جو عادي هو ۽ هن مبينا طور تي تيز دار واري اوزار (ڇري) سان پنهنجو گلا ڪٽي خودڪشي ڪئي واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس ۽ ريسڪيو عملو موقعي تي پهچي ويو ۽ لاش کي قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موت جي صحيح سبب کي طئي ڪرڻ لاءِ واقعي جي ٻين پهلوئن جي پڻ جاچ ڪري رهي آهي

[redacted]

سرڪاري اسپتال ۾ علاج جون سهولتون نه ملڻ ڪري ڊائريا ۾ مبتلا 8 سالا معصوم نينگر فوت، فوتي نينگر جي وارثن جو معصوم ٻارڙي جو لاش رکي اسپتال جي گيٽ آڏو احتجاجي ڌرڻو ڊيوٽي ڊاڪٽر تي غفلت جا الزام ڊائريا ۾ مبتلا ٻارڙي کي علاج لاءِ سرڪاري اسپتال آندو جتي علاج جي ڪا به سهولت نه ملڻ ۽ ڊيوٽي ڊاڪٽر جي غفلت سبب ٻارڙو اسپتال ۾ تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو آهي، معاملي جي جاچ ڪري انصاف ڪيو وڃي. فوتي ٻارڙي جي وارثن جو مطالبو خبر موجب ميرپورماٿيلو جي سرڪاري اسپتال ۾ مبينا طور علاج جون سهولتون نه ملڻ ۽ ڊيوٽي ڊاڪٽر عمران سومرو جي غفلت ۽ لاپرواهي سبب گوٺ شير خان لنڊ جي ڳوٺاڻي بلاول لنڊ جو ڊائريا ۾ مبتلا 8 سالا معصوم پٽ اسدالله فوت ٿي ويو آهي انهي سلسلي ۾ فوتي معصوم نينگر جي وارثن پاران شاهنواز لنڊ، ياسين لنڊ جي اڳواڻي ۾ اسپتال جي گيٽ آڏو فوتي معصوم نينگر جو لاش رکي سرڪاري اسپتال جي انتظاميا خلاف ٻن ڪلاڪن تائين احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو انهي موقعي تي متاثرين ڳوٺاڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ فجر جي وقت ڊائريا ۾ مبتلا ٻارڙي کي علاج لاءِ سرڪاري اسپتال آندو جتي ڊيوٽي ڊاڪٽر عمران ننڊ سنڌل هو جنهن کي اٿاري معصوم جي علاج لاءِ التجائون ڪيون جنهن ٻارڙي جي چيڪ اپ بغير صرف ٻاهر جي اسٽور جون دوائون لکي ڏئي روانو ڪري ڇڏيو جڏهن ته ڊائريا ۾ مبتلا ٻارڙي جي هڪ ڪلاڪ بعد ٻيهر طبيعت خراب ٿيڻ تي وري کيس تعلقا اسپتال کڻي آياسين ته ڊيوٽي ڊاڪٽر اسپتال ۾ موجود نه هو جنهن کي ٻيهر هٿ ڪري اسپتال ۾ علاج لاءِ تڙپندڙ معصوم جي علاج ڪرڻ جون ٻاڏايون ڪيون ليڪن ڊاڪٽر لاپرواهي ۽ غفلت جو مظاهرو ڪندي صرف ٻاهر جي اسٽور جي دوائون لکي ڏئي هليو ويو جنهن بعد اسان جو 8 سالن جو معصوم سرڪاري اسپتال ۾ علاج نه ٿيڻ ڪري تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو آهي هنن چيو ته سرڪاري اسپتال ميرپورماٿيلو ۾ علاج لاءِ ايندڙ غريبن جو ڪو به علاج نٿو ڪيو وڃي نه ئي دوائون ڏنيون وڃن ٿيون جڏهن ته ڊيوٽي تي مقرر ڊاڪٽر جي غفلت سبب اسان جو معصوم ٻارڙو فوت ٿيو آهي جنهن جي فوري طور هنڌائي مٿس ڪيس داخل ڪيو وڃي هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ميرپورماٿيلو جي سرڪاري اسپتال ۾ علاج جون سهولتون نه هجڻ ۽ ڊاڪٽر جي غفلت ۽ لاپرواهي جو نوٽيس وٺندي معاملي جي جاچ ڪري انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجن جو دائرو وڌايو ويندو ٻئي طرف احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن سان اسپتال انتظاميا ڳالهيون ڪندي يقين ڏياري ڪرائي آهي ته معاملي جي شفاف جاچ لاءِ ڪميٽي جوڙي وئي آهي جنهن بعد ڳوٺاڻن پاران ڌرڻو ختم ڪيو ويو

[redacted]

دورو ڪيو جتي ڊپٽي ڪمشنر ويسٽ، ايس ايس پي ويسٽ ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي دوري دوران غيرقانوني طور رهندڙ افغان شهرين جي وطن واپسي جي عمل، انتظامي قدمن ۽ سيڪيورٽي انتظامن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي هدايت ڪئي ته وطن واپسي جو عمل قانون ۽ حڪومتي پاليسي موجب مؤثر نموني جاري رکيو وڃي ۽ سيڪيورٽي سان گڏ عوامي نظم ۽ ضبط کي هر صورت يقيني بڻايو وڃي بعد ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي ڪمشنر ڪراچي سان گڏ افغان ٽرانزٽ ڪئمپ (جي سي ٽي ڪاليج سائيٽ) جو پڻ دورو ڪيو جتي ڊي آءِ جي سائوٿ، ايس ايس پي ڪياماڙي، ڊپٽي ڪمشنر ڪياماڙي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن موجود هئا ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي ٽرانزٽ ڪئمپ ۾ سيڪيورٽي انتظامن انتظامي سهولتن ۽ غيرقانوني طور رهندڙ افغان شهرين جي جاري وطن واپسي واري عمل جو جائزو ورتو هن هدايت ڪئي ته سمورا انتظام ۽ ڪارروائيون قانون، حڪومتي پاليسي ۽ انساني وقار جي تقاضائن موجب مڪمل ڪيون وڃن جيئن وطن واپسي جو عمل منظم محفوظ ۽ باوقار انداز ۾ جاري رهي

[redacted]

سي)، نٽ شيل ڪميونيڪيشنز اينڊ ڪلائيميٽ ويلنريبل فورم ۽ ويلنريبل ٽوئنٽي ڪاربن فنانس ۽ ڪلائيميٽ سيڙپڪاري ۾ نوان موقعن تي بحث ڪرڻ لاءِ سي اي اوز لاءِ ڪاربن فنانس تي ايگزيڪيوٽو پروگرام، جو انعقاد ڪيو پروگرام ۾ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر (سي اي او)، بورڊ ميمبر چيف فنانشل آفيسر (سي ايف او) ۽ پائيداري شعبي جي اڳواڻن شرڪت ڪئي

[redacted]

تي سخت ڳڻتي ۽ افسوس جو اظهار ڪندي سنڌ حڪومت کان فوري ۽ سخت قانونسازي جو مطالبو ڪيو آهي ڪراچي بار ايسوسيئيشن پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته ٽريفڪ حادثن بابت لاڳو سيڪشن 320 پاڪستان پينل ڪوڊ (PPC) کي ناقابل ضمانت بڻائڻ لاءِ فوري قانونسازي ڪئي وڃي، جيئن انساني جانين سان کيڏندڙ ذميوارن کي آساني سان ضمانت نه ملي سگهي بيان ۾ چيو ويو آهي ته واٽر ٽينڪر حادثن جي روڪٿام لاءِ سخت قانونسازي وقت جي اهم ضرورت بڻجي چڪي آهي شهرين جي جانين جي تحفظ لاءِ هيوي ٽريفڪ جي نگراني جو مؤثر نظام نافذ ڪيو وڃي ۽ غير لائسنس يافته يا حادثن ڪانپوءِ فرار ٿيندڙ ڊرائيورن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ڪراچي بار ايسوسيئيشن مطالبو ڪيو ته سمورن واٽر ٽينڪرن ۽ هيوي گاڏين ۾ جي پي ايس ٽريڪنگ سسٽم لازمي قرار ڏنو وڃي، واٽر ٽينڪرن جي رفتار جي حد تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي ۽ سرڪاري سطح تي سندن نگراني کي يقيني بڻايو وڃي بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته شهرين جي جانين جي حفاظت لاءِ هيوي ٽريفڪ بابت قانونن کي وڌيڪ سخت بڻائڻ ۽ حادثن جا ذميوار ماڻهن جو مؤثر احتساب يقيني بڻائڻ انتهائي ضروري آهي ان سان گڏ رات 12 وڳي کان صبح 7 وڳي تائين هيوي ٽريفڪ جي اچ وڃ کي محدود ڪيو وڃي ڪراچي بار ايسوسيئيشن موجب پوليس جي 2025ع جي انگن اکرن مطابق ٽريفڪ حادثن ۾ 803 ماڻهو فوت ۽ 12 هزار کان وڌيڪ زخمي ٿيا، جڏهن ته 2026ع دوران به جاني نقصان جو سلسلو جاري آهي ۽ صرف اپريل تائين هيوي ٽريفڪ سبب 107 ڄڻا حياتيون وڃائي چڪا آهن بار ايسوسيئيشن زور ڀريو ته وڌيڪ جاني نقصان کان بچڻ لاءِ سنڌ حڪومت فوري، سنجيده ۽ مؤثر قدم کڻي

[redacted]

کان پرڏيهي نمبر تان پنج ڪروڙ رپيا ڀتو طلب ڪيو فائرنگ ڪانپوءِ جوابدار ناريٽ برج ريو ڏانهن فرار ٿيا ۽ پوءِ بيرسٽر پل رستي ٻئي پاسي هليا ويا. ٻئي طرف منگهوپير ۾ رائل گلف ريزيڊنسي تي ٻن هٿيارٻندن فائرنگ ڪئي جن عمارت تي چار گوليون هلايون ۽ بعد ۾ رش واري روڊ ذريعي فرار ٿي ويا

[redacted]

واقعي جو سخت نوٽيس وٺندي اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ جيل پوليس ۽ ٻن جيل پوليس اهلڪارن کي فوري طور معطل ڪري کين ڪراچي هيڊڪوارٽر رپورٽ ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي آءِ جي جيل چيو ته قيدي جي فوتگي وارو واقعو انتهائي سنجيده نوعيت جو آهي، جنهن جي هر پهلو کان شفاف، غيرجانبدار ۽ مڪمل جاچ ڪرائي ويندي هن واضح ڪيو ته جاچ دوران جيڪڏهن ڪنهن آفيسر يا اهلڪار جي غفلت، لاپرواهي يا ذميواري ثابت ٿي ته ان خلاف بنا ڪنهن رعايت جي سخت قانوني ۽ ڪاتيوار ڪارروائي ڪئي ويندي .فدا حسين مستوئي چيو ته جيلن ۾ قيدين جي جان، مال ۽ بنيادي حقن جو تحفظ جيل انتظاميا جي بنيادي ذميواري آهي ۽ ان حوالي سان ڪنهن به قسم جي غفلت يا ڪوتاهي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي هن وڌيڪ چيو ته معطل ڪيل اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ جيل پوليس ۽ ٻنهي اهلڪارن کي فوري طور ڪراچي هيڊڪوارٽر رپورٽ ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن، جڏهن ته واقعي جي حقيقتن کي سامهون آڻڻ لاءِ جاچ جو عمل تيزي سان جاري آهي آءِ جي جيل ان عزم جو اظهار ڪيو ته واقعي جي ذميوارن جو تعين ڪري قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ انصاف جي فراهمي کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو ويندو

[redacted]

پاڪستان عالمي اعتماد بحال نٿو ڪري سگهي هن چيو ته ملڪ ۾ سياسي ۽ آئيني استحڪام ڪانسواءِ معاشي بحالي ممڪن ناهي حليم عادل شيخ اعلان ڪيو ته 5 آگسٽ کان آئين، جمهوريت ۽ عوامي مينڊيٽ جي بحالي لاءِ پرامن تحريڪ شروع ڪئي ويندي هن مطالبو ڪيو ته پي ٽي آءِ باني عمران خان سميت سڀني سياسي قيدين کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي هن چيو ته وفاقي حڪومت قومي سلامتي تي ڌيان ڏيڻ بدران سياسي انجنيئرنگ کي ترجيح ڏني جڏهن ته خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ دهشتگردي جا تازا واقعا انتهائي ڳڻتي جوڳا آهن جن تي سنجيده ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر چيو ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ عوام تي هڪ ٻيو معاشي حملو آهي حڪومت فوري طور پيٽروليم ليوي ختم ڪري عوام کي رليف فراهم ڪري ۽ عوام تي وڌيڪ بار وجهڻ بدران پنهنجا فضول خرچ گهٽائي حليم عادل شيخ چيو ته مهانگائي بيروزگاري ۽ معاشي بدحالي عوام جي چيلهه ڀڃي ڇڏي آهي سندس چوڻ هو ته سياسي استحڪام آئين جي بالادستي ۽ شفاف چونڊن ئي ملڪ کي معاشي بحران مان ڪڍڻ جو واحد رستو آهن هن وڌيڪ چيو ته عمران خان جي ڊگهي قيد ۽ اڪيلائي بنيادي انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي تنهنڪري کيس پنهنجي ذاتي ڊاڪٽرن تائين فوري رسائي ڏني وڃي هن مطالبو ڪيو ته بشريٰ بي بي جي صحت ۽ قانوني حقن جو مڪمل تحفظ يقيني بڻايو وڃي حليم عادل شيخ چيو ته سياسي انتقام جو سلسلو ختم ڪري سڀني سياسي اڳواڻن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته ملڪ ۾ قانون جي بالادستي ۽ جمهوري نظام جي مضبوطي ئي قومي استحڪام جي ضمانت آهي

[redacted]

پهچي پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ سان سندس وڏي ڀاءُ رحيم عادل شيخ جي وفات تي تعزيت ۽ مرحوم جي مغفرت، درجات جي بلندي ۽ وارثن لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي وفد ۾ جماعت اسلامي سنڌ جو صوبائي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري مولانا آفتاب احمد ملڪ، نواب زين العابدين لغاري، ايڊووڪيٽ آغا عبدالفتاح پٺاڻ معاون خصوصي زاهد حسين راڄپر ۽ صوبائي سيڪريٽري اطلاعات مجاهد چنا پڻ شامل هئا

[redacted]

9 ارب 44 ڪروڙ رپين جي بجيٽ جي منظوري ڏني ڇڏي، جڏهن ته يونيورسٽي جي نئين انفارميشن اينڊ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي پاليسي پڻ منظور ڪندي تعليمي معيار، مالي استحڪام، تحقيق، نواڻ ۽ ڊجيٽل تبديلي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو ڇاڇايل فيصلا چنڇر ڏينهن وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغه امتياز) جي صدارت هيٺ وائيس چانسلر سيڪريٽريٽ ۾ ٿيل سينڊيڪيٽ جي 213هين اجلاس ۾ ڪيا ويا. سينڊيڪيٽ مالي سال 2025-26ع لاءِ 8 ارب 24 ڪروڙ رپين جي نظرثاني ٿيل بجيٽ لاڳتن جي سفارش ڪئي جڏهن ته مالي سال 2026-27ع لاءِ 9 ارب 44 ڪروڙ رپين جي بجيٽ جي منظوري ڏني منظور ڪيل بجيٽ ۾ حڪومت سنڌ کان 3 ڪروڙ 75 لک رپيا، وفاقي حڪومت ۽ هائير ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد کان هڪ ارب 71 ڪروڙ 60 لک رپيا، جڏهن ته لڳ ڀڳ 3 ارب 40 ڪروڙ رپيا يونيورسٽي پنهنجي وسيلن مان حاصل ڪندي اجلاس کي خطاب ڪندي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغه امتياز) مادر علمي کي مسلسل مالي سهڪار ڏيڻ تي سنڌ جي وڏي وزير صوبائي حڪومت ۽ هائير ايجوڪيشن ڪميشن سنڌ جا ٿورا مڃيا. هن خاص طور يونيورسٽي جي مين ڪيمپس ۽ لاڳاپيل ڪيمپسز جي ترقي ۽ مضبوطي لاءِ اضافي فنڊ فراهم ڪرڻ تي صوبائي حڪومت جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته وڌايل فنڊن سان تعليمي ڍانچي ۾ نمايان بهتري ايندي ۽ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ اعليٰ تعليم جا وڌيڪ موقعا پيدا ٿيندا. هن هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاران جاري ڪيل ترقياتي گرانٽن تي پڻ سندس ٿورا مڃيا. اجلاس ۾ وائيس چانسلر سينڊيڪيٽ کي آگاهه ڪيو ته نئين بجيٽ ۾ شاگردن جي سهولتن، تحقيق ۽ نواڻ، انٽرپرينيوئرشپ ۽ اسٽارٽ اپ منصوبن لاءِ وڌيڪ فنڊ مختص ڪيا ويا آهن. جنهن سان ماهر گريجوئيٽس تيار ڪرڻ معياري تحقيق کي هٿي ڏيڻ ۽ شاگردن ۽ استادن ۾ تعليمي جدت جي رجحان کي فروغ ڏيڻ بابت يونيورسٽي جي عزم کي وڌيڪ هٿي ملندي سينڊيڪيٽ يونيورسٽي جي آءِ سي ٽي پاليسي جي پڻ منظوري ڏني جنهن جو مقصد محفوظ، قابل اعتماد ۽ اعليٰ معيار جي انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ انٽرنيٽ سهولتن ذريعي اداري جي ڊجيٽل ڍانچي کي جديد بڻائڻ آهي پاليسي تحت يونيورسٽي جي سرڪاري ڊومين تي ٻڌل خدمتن ۽ اداري جي اي ميل اڪائونٽن جي وسيع استعمال کي يقيني بڻايو ويندو ته جيئن رابطن، سائبر سيڪيورٽي، ڊجيٽل گورننس ۽ علمي سهڪار کي وڌيڪ مؤثر بڻائي سگهجي اجلاس اداري جي گورننس کي مضبوط ڪرڻ، مالي استحڪام کي يقيني بڻائڻ، تعليمي معيار کي بهتر ڪرڻ ۽ قومي ۽ عالمي معيارن موجب يونيورسٽي جي ڊجيٽل تبديلي جي عمل کي تيز ڪرڻ جي عزم جو پڻ ورجاءُ ڪيو سينڊيڪيٽ جي ميمبرن پاڪستان جي صدر پاران وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري کي اعليٰ تعليم، علمي قيادت ۽ عوامي خدمت جي ميدان ۾ نمايان خدمتن جي اعتراف طور تمغه امتياز سان نوازڻ تي کين يڪراءِ مبارڪباد پيش ڪئي ميمبرن هن قومي اعزاز کي سنڌ يونيورسٽي ۽ ملڪ جي تعليمي ڪميونٽي لاءِ اعزاز جو باعث قرار ڏنو اجلاس ۾ اڳوڻي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اي ڪيو انصاري، پروفيسر ڊاڪٽر دين محمد شيخ ۽ پروفيسر ڊاڪٽر صائمه شيخ سميت ٻين مرحومن جي ايصال ثواب لاءِ فاتحه خواني پڻ ڪئي وئي ۽ اعليٰ تعليم لاءِ سندن بي مثال خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي ميمبرن چيو ته سندن وڇوڙو يونيورسٽي، تعليمي برادري ۽ سڄي قوم لاءِ هڪ ناقابل تلافي نقصان آهي اجلاس ۾ دعا ڪئي وئي ته الله پاڪ مرحومن کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سندن وارثن کي صبر جميل نصيب ڪري اجلاس ۾ پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر عبدالستار شاهه، سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊز ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ محمد عباس بلوچ، پروفيسر آصف علي جي قاضي سيد غلام نبي شاهه، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالاحد ابڙو، پروفيسر بينظير جوڻيجو، پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين، مولانا اصغر درس، پروفيسر ڊاڪٽر جاويد احمد چانڊيو پروفيسر ڊاڪٽر لڇمڻ داس ڍوميجا، پروفيسر ڊاڪٽر عرفانه بيگم ملاح، ڊاڪٽر محمد عقيل ڀٽو اميد علي رند، عبدالرحمان نانگراج ۽ رجسٽرار ساجد قيوم ميمڻ شرڪت ڪئي

[redacted]

هدايتن تي ڪيا ويا، جن جو مقصد ايران جي فوجي صلاحيتن کي وڌيڪ ڪمزور ڪرڻ هو هڪ پرڏيهي خبرن واري ايجنسي موجب، آءِ آر جي سي (IRGC) جي بيان ۾ اهو به دعويٰ ڪئي وئي ته بحرين ۾ مصنوعي ذهانت (AI) جي هڪ اهم مرڪز کي نشانو بڻايو ويو ايران جو الزام آهي ته آمريڪا ان سهولت کي ايران اندر هدفن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ مبينا جنگي ڏوهن ۾ سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري رهيو هو ٻئي طرف ايران دعويٰ ڪئي آهي ته ان ميزائلن ذريعي سعودي عرب جي هڪ هوائي اڏي کي نشانو بڻايو آهي ميڊيا جي رپورٽن موجب، ايران جي سرڪاري ميڊيا دعويٰ ڪئي ته سعودي شهر "الخرج" ۾ واقع "شهزادي سلطان ايئر بيس" (Prince Sultan Airbase) تي ميزائلن سان حملو ڪيو ويو هي هوائي اڏو آمريڪي فوجون پڻ استعمال ڪنديون آهن سعودي وزارت دفاع اڃا تائين هن خاص دعويٰ جي تصديق نه ڪئي آهي آزاد ذريعا پڻ فوري طور تي ان ڳالهه جي تصديق ڪرڻ کان قاصر رهيا آهن ته ڇا ميزائل پنهنجي هدف تائين پهتا يا ان حملي جي نتيجي ۾ ڪيترو نقصان ٿيو ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جاري ڇڪتاڻ دوران خطي ۾ آمريڪي فوجي اڏن ۽ اتحادي ملڪن کي نشانو بڻائڻ واري حملن ۽ جوابي ڪارروائين بابت بار بار دعوائون سامهون اينديون رهيون آهن

[redacted]

دستاويزن جو هڪ بنڊل نشر ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي جن جو تعلق ان معاملي سان آهي جنهن کي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چونڊن جي شفافيت قرار ڏنو هو هن آمريڪين کي وائيٽ هائوس جي سرڪاري ويب سائيٽ ذريعي ان جو جائزو وٺڻ جي اپيل ڪئي آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق وائيٽ هائوس طرفان فراهم ڪيل جاڻ مطابق انهن دستاويزن ۾ انٽيليجنس رپورٽون جاچ رڪارڊ ۽ سيڪيورٽي دستاويز شامل آهن جن ۾ ووٽنگ سسٽم جي سيڪيورٽي، ووٽرز جي ڊيٽا جي هيڪنگ، مشي گن رياست ۾ ووٽرز جي رجسٽريشن جي جاچ سان گڏوگڏ ووٽر لسٽن ۾ غير شهرين جي موجودگي بابت جائزو شامل ڪرڻ آهي دستاويزن ۾ چيو ويو آهي ته آمريڪي انٽيليجنس ڪميونٽي طرفان جاري ڪيل جائزن جن ۾ ڪجهه جو تعلق 2020ع ۽ 2026ع وچ جي عرصي سان آهي، اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته آمريڪي چونڊ بنيادي ڍانچي جنهن ۾ اليڪٽرانڪ ووٽنگ مشينون ۽ ووٽن جي ڳڻپ جو نظام سائبر حملن جي زد ۾ آهن اهي دستاويزن ڳالهه طرف به اشارو آهن ته ووٽر رجسٽريشن جي ڊيٽا بيس، پولنگ جي رڪارڊ ۽ چونڊ جون سرڪاري ويب سائيٽس روس، چين، ايران ۽ اتر ڪوريا جهڙن ملڪن سان گڏوگڏ غير سرڪاري گروپن طرفان سڀ کان وڌيڪ نشانو بڻايل هنڌ آهن دستاويزن ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته آمريڪي انٽيليجنس وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو جي حڪومت طرفان پنهنجي ملڪ ۾ چونڊ نتيجن ۾ ڊجيٽل ڦيرڦار جي صلاحيتن بابت جاڻ جو مشاهدو ڪيو آهي ۽ سندن مڃڻ آهي ته اها ڳالهه آمريڪي نظام کي ڪنهن به اهڙي ئي هيڪنگ جي واقعي کان بچائڻ جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿي

[redacted]

چيو آهي ته پاڪ فوج صرف هڪ ادارو ناهي پر قوم جو وقار سلامتي ۽ بقا جي علامت آهي اسان جي پرسڪون ننڊ ۽ آزادي سرحدن تي مقرر جوانن جي قربانين عيوض آهي اڱاري ڏينهن سماجي رابطن جي ويب سائيٽ "ايڪس" تي پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته برف سان ڍڪيل جبلن، ريگستانن ۽ دهشتگردي خلاف محاذ تي جوانن حياتين جو نذرانو پيش ڪيو شهيدن جي رت سان لکيل تاريخ کي ڪنهن سياسي بيان ٽوڪ يا طنز سان ختم نٿو ڪري سگهجي عظيم قربانين جو قدر ڪنهن به صورت گهٽجي نٿو سگهي هن چيو ته اختلاف راءِ سڀني جو حق پر وطن جي محافظن جي عزت ۽ شهيدن جي رت جو احترام گڏيل ذميواري آهي، جڏهن به وطن سڏيو پاڪستان جي سپوتن عملي ثبوت ڏنو شهيدن جي لازوال قربانين جي عيوض ئي اڄ پاڪستان جو سبز هلالي پرچم بلند آهي هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ شهيدن جا درجا بلند ڪري، غازين کي صحت ڏئي ۽ ملڪ کي امن ۽ سلامتي جو گهوارو بڻائي

[redacted]

شراب خاني ۾ باهه لڳڻ واري واقعي ۾ فوت ٿيلن جو تعداد وڌي 30 ٿي ويو آهي جڏهن ته 75 ماڻهو زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا موجب چيچوڪ جي آفيس اڱاري ڏينهن جاري انگن اکرن ۾ فوتگين جو تعداد 30 ٻڌايو جڏهن ته 75 زخمي ڄاڻايا آهن

[redacted]

مختلف ملڪن ۾ غير قانوني افغان شهرين خلاف ڪريڪ ڊائون تيز ٿي ويو آهي ۽ ڪيترين ئي گرفتاريون به ڪيون ويون آهن افغان سڱرين هشت صبح جي رپورٽ مطابق پولينڊ 71 غير قانوني پرڏيهين کي گرفتار ڪيو جنهن ۾ اڪثر افغان شهري آهن پولش بارڊر گارڊ مطابق لٿوانيا ۽ بيلاروس سان لاڳاپيل علائقن ۾ غير قانوني رهائشين خلاف ڪارروائيون ڪيون ويون رپورٽ مطابق پولش عملدارن مطابق قانوني ڪارروائي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ گرفتار ماڻهن کي لٿوانيا جي حوالي ڪيو ويو افغان انٽرنيشنل مطابق ٻئي پاسي ترڪيه پوليس بولو شهر ۾ غير قانوني طور رهندڙ 20 افغان شهرين کي گرفتار ڪيو ترڪيه اميگريشن ايجنسي مطابق هلندڙ سال جي پهرين 6 مهينن ۾ مجموعي طور تي 19574 افغان شهرين کي گرفتار ڪيو ويو گڏيل قومن جي پناهگيرن واري اداري مطابق افغانستان ۾ جاري بحران، غربت ۽ انساني حقن جون پابنديون لکين شهرين جي پرڏيهه وڃڻ جو سبب آهن افغان شهرين جي تازين گرفتارين مان ظاهر ٿئي ٿو ته دنيا انهن جي غير قانوني موجودگي کي وڌيڪ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي

[redacted]

ڊالر جا پرڏيهي قرض حاصل ڪيا. سرڪاري انگن اکرن موجب، حڪومت پرڏيهي قرضن ۽ گرانٽن جي 19.92 ارب ڊالر واري هدف تائين پهچڻ ۾ ناڪام رهي ۽ مقرر هدف کان 3.72 ارب ڊالر گهٽ رقم حاصل ڪري سگهي. دستاويزن موجب، گذريل مالي سال دوران پاڪستان کي سڀ کان وڌيڪ قرض ايشيائي ترقياتي بينڪ وٽان مليو جتان 953.74 ملين ڊالر حاصل ڪيا ويا.

[redacted]

نٿا ڪريون ۽ پنهنجي ملڪ جي دفاع تي مڪمل ڌيان ڏئي رهيا آهيون". واضح رهي ته ڪاظم غريب آبادي آمريڪا سان ڳالهين ڪندڙ ايراني وفد جو به ميمبر رهيو آهي

اسلام آباد مفاهمتي يادداشت پاڪستان جي ڪوششن سان ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ طئي ٿي هئي جنهن جو مقصد ٻنهي ملڪن وچ ۾ مستقل امن معاهدي لاءِ ڳالهين جو رستو کولڻ هو پر گذريل هفتي ساموندي جهازن تي حملن آبناءِ هرمز جي ٻيهر بندش ۽ ايران طرفان ساموندي ناڪابندي ٻيهر شروع ٿيڻ ڪانپوءِ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڇڪتاڻ ۽ ويڙهه ٻيهر شدت اختيار ڪري وئي آهي

[redacted]

ملهايو ويو. عالمي ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد ڏکڻ آفريڪا جي اڳوڻي صدر ۽ نسلي امتياز جي خاتمي لاءِ جدوجهد ڪندڙ عظيم اڳواڻ نيلسن منڊيلا جي سالگرهه جي موقعي تي سندس خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ آهي. واضح رهي ته نيلسن منڊيلا انساني حقن کي هٿي وٺرائڻ، امن جي قيام لاءِ سرگرم عالمي ڪارڪن ۽ آزاد ڏکڻ آفريڪا جي پهرين جمهوري صدر جي حيثيت ۾ پنهنجي زندگي انسانيت جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي نيلسن منڊيلا جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سڄي دنيا جي ماڻهن کي معاشري ۾ هاڪاري تبديلي آڻڻ ۽ زمين کي محفوظ ۽ بهتر جڳهه بڻائڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ جي ترغيب ڏني ويندي آهي نيلسن منڊيلا جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان منعقد مختلف تقريبن ۾ سندس خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو

عبرت، [redacted]

خط ۾ هرمزگان جي ڏکڻ صوبي ۾ پُلن، ريلوي اسٽيشنن ۽ رهائشي علائقن تي ٿيل مبينا آمريڪي حملن جا تفصيل بيان ڪيا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق سعيد ايرواني چيو ته اهي حملا گڏيل قومن جي چارٽر جي آرٽيڪل 4 (2) جي ڀڃڪڙي ۽ طاقت جي استعمال يا ڌمڪي ڏيڻ جي پابندي جي ڀڃڪڙي آهن ايراني سفير مطابق خميس جي رات ۽ جمعي جي صبح ٿيل حملن ۾ بندر عباس ۽ ڪوهرستان بندر خمير جي رستن تي ڪيترائي اهم پُل تباهه ٿيا ان مطابق هڪ پُل کي نشانو بڻائڻ ڪانپوءِ هڪ عام شهري جي گاڏي تباهه ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ 7 ڄڻا فوت ۽ 9 زخمي ٿي پيا هن چيو ته بندر عباس جي هڪ رهائشي علائقي تي حملي ۾ هڪ شهري فوت ۽ 8 زخمي ٿي پيا.

عبرت، [redacted]

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان پاڪستان جي نيپال لاءِ نامزد سفير عامر خان اڱاري ڏينهن ملاقات ڪئي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار عامر خان کي سندس مقرري تي مبارڪباد ڏني ۽ پاڪستان ۽ نيپال جي وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي اهميت تي زور ڏنو هن چيو ته واپار سياحت، تعليم ۽ عوامي رابطن جي شعبن ۾ ٻطرفي تعاون کي فروغ ڏئي ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن کي وڌيڪ سگهارو ڪري سگهجي ٿو پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب هن نامزد سفير کي هدايت ڪئي ته هو نيپال جي قيادت ۽ ڪاروباري برادري سان ويجهو رابطو قائم ڪندي اقتصادي تعاون جا نوان موقعا ڳولي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير پرڏيهي وزارت ۾ ڊائريڪٽر جنرل (آمريڪاز) جي حيثيت سان عامر خان جي خدمتن کي پڻ ساراهيو ۽ سندس نئين ذميوارين جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

[redacted]

سيد مراد علي شاهه قطر جي قونصل خاني جو دورو ڪيو سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪراچي ۾ قطر جي قونصل خاني پهچي قطر جي اڳوڻي امير رياست شيخ حمد بن خليفه آل ثاني جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو وڏي وزير قطر جي قونصل جنرل پاران کوليل تعزيتي ڪتاب ۾ پنهنجا تاثرات قلمبند ڪندي مرحوم شيخ حمد بن خليفه آل ثاني کي ڀيٽا پيش ڪئي سيد مراد علي شاهه چيو ته شيخ حمد بن خليفه آل ثاني جو لاڏاڻو قطر ۽ سڄي اسلامي دنيا لاءِ وڏو نقصان آهي هن چيو ته مرحوم قطر جي ترقي خوشحالي ۽ جديد تعمير ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو ۽ قومي، علائقائي توڙي عالمي سطح تي سندس خدمتون سدائين ياد رکيون وينديون وڏي وزير قطر جي امير شاهي خاندان ۽ قطر جي عوام سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي مرحوم جي بلند درجن ۽ سوڳوار خاندان لاءِ صبر جميل جي دعا گهري هن پنهنجي تعزيتي پيغام ۾ شيخ حمد بن خليفه آل ثاني جي مدبرانه قيادت، دور انديشي ۽ گرانقدر خدمتن کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪندي قطر جي قيادت ۽ عوام سان يڪجهتي جو اظهار پڻ ڪيو

[redacted]

وچ ۾ 25 قيمتي جانيون ڳڙڪائيندڙ پراڻو تڪرار افهام ۽ تفهيم سان ڪامياب مذاڪرات ذريعي حل ڪيو ويو آءِ جي سنڌ ٻڌايو ته ڳالهين دوران ٻنهي قبيلن سان واسطو رکندڙ 28 اشتهاري ۽ ڏوهاري رڪارڊ رکندڙ جوابدارن سنڌ حڪومت جي سرينڊر پاليسي تحت هٿيار ڦٽا ڪري پاڻ کي قانون

[redacted]

محبوب سنڌ ۾ ايچ آءِ وي جي وڌندڙ ڪيسن بابت سنڌ اسيمبلي ۾ قرارداد جمع ڪرائي آهي جنهن ۾ صحت واري شعبي جي ڪارڪردگي ۽ فنڊن جي استعمال بابت جاچ جو مطالبو ڪيو ويو آهي معاذ محبوب چيو ته 392.16 ارب رپين جي صحت بجيٽ باوجود سنڌ ۾ ايچ آءِ وي جي صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي آهي هن چيو ته سنڌ ايڊز ڪنٽرول پروگرام لاءِ 368 ملين رپيا ۽ هر سال 268 ملين آمريڪي ڊالرن جي گرانٽ باوجود ايچ آءِ وي جي ڪيسن ۾ واڌ ٿي رهي آهي، جنهن جي شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي معاذ محبوب مطالبو ڪيو ته سنڌ ۾ ايچ آءِ وي جي ڦهلاءَ جي جاچ لاءِ پارلياماني انڪوائري ڪميٽي قائم ڪئي وڃي جيڪا 30 ڏينهن اندر پنهنجي رپورٽ سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪري هن وڌيڪ چيو ته صحت واري شعبي لاءِ مختص اربين رپين جي بجيٽ ۽ ايچ آءِ وي جي روڪٿام لاءِ رکيل فنڊن جو مڪمل آڊٽ ڪيو وڃي معاذ محبوب مطالبو ڪيو ته صحت وارو سيڪريٽري 2010ع کان هيل تائين ڊسپوزيبل سرنجن جي خريداري، معائنن، قانوني ڀڃڪڙين ۽ داخل ڪيل ڪيسن جي تفصيلي رپورٽ سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪري. هن چيو ته ڪراچي، سکر لاڙڪاڻو شڪارپور ۽ ٻين متاثر ضلعن ۾ ايچ آءِ وي جي ڦهلاءَ جا سبب، لاپرواهي ۽ ذميوارن جو تعين ڪيو وڃي معاذ محبوب چيو ته سنڌ ريگيوليشن اينڊ ڪنٽرول آف ڊسپوزيبل سرنجز ايڪٽ 2010ع تي مڪمل عملدرآمد نه ٿيڻ سبب ايچ آءِ وي جي ڦهلاءَ ۾ اضافو ٿيو آهي هن مطالبو ڪيو ته 2010ع کان هيل تائين خريد ڪيل سمورين ڊسپوزيبل سرنجن جي خريداري، فراهمي ۽ ورهاست جو مڪمل رڪارڊ سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪيو وڃي معاذ محبوب چيو ته قانون جي سيڪشن 3 ۽ 5 تحت عام ڊسپوزيبل سرنجن جي استعمال خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي هن مطالبو ڪيو ته آٽو ڊسپيبل (AD)، آٽو لاڪ ۽ ون ٽائيم سرنجن جو استعمال سڀني سرڪاري ۽ نجي اسپتالن ۾ لازمي قرار ڏنو وڃي هن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته سنڌ بلڊ ٽرانسفيوزن ايڪٽ ۽ سنڌ ريگيوليشن اينڊ ڪنٽرول آف ڊسپوزيبل سرنجز ايڪٽ 2010ع تي عملدرآمد بابت مڪمل رپورٽ سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪئي وڃي معاذ محبوب زور ڀريو ته ايچ آءِ وي جي وڌيڪ ڦهلاءَ کي روڪڻ ۽ سنڌ جي 32 ضلعن ۾ محفوظ طبي سهولتون يقيني بڻائڻ لاءِ فوري ۽ مؤثر قدم کنيا وڃن

[redacted]

وڏو قدم کڻي ورتو آهي ڪراچي بار جي جنرل سيڪريٽري پاران ڪراچي جي سمورن ضلعن (سائوٿ، ايسٽ، سينٽرل ۽ ويسٽ) جي معزز ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ججز کي هڪ خط لکيو ويو آهي جنهن ۾ گذارش ڪئي وئي آهي ته ڪنهن به ڪيس جي ٻڌڻي کان اڳ وڪيل پاران جمع ڪرايل "وڪالت نامي" جي تصديق کي سختي سان يقيني بڻايو وڃي خط ۾ چيو ويو آهي ته ڪراچي بار جي علم ۾ آيو آهي ته ڪجهه ماتحت عدالتون بغير ڪنهن مناسب تصديق جي وڪالت ناما قبول ڪري رهيون آهن جيڪو ڪراچي بار پاران پاس ڪيل قرارداد جي سراسر خلاف ورزي آهي ان عمل سان وڪالت نامي جي غلط استعمال جو خدشو رهي ٿو بار جي جنرل سيڪريٽري محمد ارشد شر ججن کي اپيل ڪئي آهي ته هو پنهنجي ماتحت عدالتن کي سختي سان هدايتون جاري ڪن ته جيسٽائين وڪالت نامي جي صحيح نموني تصديق نه ٿئي، تيسٽائين ڪو به وڪالت نامو قبول نه ڪيو وڃي هن چيو ته اهو قدم قانوني نمائندگي جي وقار کي برقرار رکڻ ۽ ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي معيار کي برقرار رکڻ لاءِ انتهائي ضروري آهي ته جيئن جعلي وڪيلن جو مڪمل خاتمو ٿي سگهي

"روزاني عبرت" 4 [redacted]

انڊيڪس 6408.23 پوائنٽس جي گهٽتائي ڪانپوءِ 173518.81 پوائنٽس تي بند ٿيو مارڪيٽ ۾ مجموعي طور تي 565 ڪمپنين جي شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي، 40 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ اضافو 439 جي قيمتن ۾ گهٽتائي ۽ 86 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ استحڪام رهيو ڪاروباري سرگرمين دوران 912.613 ملين شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي جنهن جي ماليت 45.613 ارب رپيا هئي ڪي ايس اي 30 انڊيڪس 1996.09 پوائنٽس جي گهٽتائي ڪانپوءِ 51709.62 پوائنٽس ۽ اسلامي ماليات رکندڙ ڪي ايم آءِ 30 انڊيڪس 9164.01 پوائنٽس جي گهٽتائي ڪانپوءِ 244367.91 پوائنٽس تي بند ٿيو ڳاڻيٽي جي اعتبار سان سينر جيڪو پي ڪي 84.544 ملين شيئرز سان سرفهرست رهي جڏهن ته ڪي اليڪٽرڪ لميٽيڊ 43.532 ملين ۽ ورلڊ ڪال ٽيلي ڪام 43.315 ملين شيئرز سان ترتيب وار ٻئي ۽ ٽئين نمبر تي رهيا. سڀ کان وڌيڪ اضافو خيرپور شگر ملز لميٽيڊ جي شيئرز ۾ ڏٺو ويو جنهن جي قيمت 158.59 رپيا وڌي 2441.48 رپيا ٿي وئي، جڏهن ته يوني ليور پاڪستان فوڊز لميٽيڊ جي شيئرز 92 رپيا اضافي ڪانپوءِ 25360 رپين تي بند ٿيا.

[redacted]

خوشي سان پيار جو پرڻو ڪيو هو الزام آهي ته رات دير سان ظفر علي چانڊيو پنهنجي ساٿين جي مدد سان گڏ بخت علي چانڊيو جي گهر تي حملو ڪيو ۽ فائرنگ ڪئي فائرنگ جي نتيجي ۾ چار مهينن جي اميد سان موجود خشبو چانڊيو زال ظفر چانڊيو گوليون لڳڻ سبب موقعي تي مبينه فوت ٿي وئي، جڏهن ته سندس والد بخت علي چانڊيو کي ٽنگن ۾ گوليون لڳڻ سبب ۽ والده ثمينه کي پيٽ ۾ گوليون لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي جنهن کي رورل هيلٿ سينٽر ڪنڊيارو منتقل ڪيو ويو آ ڊيوٽي ڊاڪٽر عثمان پيو خوشبو چانڊيو جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي جڏهن ته ٻنهي زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت سبب وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو واقعي جي اطلاع تي ڪنڊيارو ۽ پيرومل پوليس واقعي واري هنڌ پهچي شاهد گڏ ڪيا ۽ واقعي جي تفصيل معلومات ورتي پوليس مک جوابدار ظفر چانڊيو گرفتار ورتو

[redacted]

هلندڙ سال جي وڏي ڦرلٽ واري واقعي جي جاچ لاءِ خاص جاچ ٽيم جوڙي ڇڏي آهي پوليس موجب خاص ٽيم جي سربراهي ڊي آءِ جي سي آءِ اي مقدس حيدر ڪندي جيڪو قائم مقام ڊي آءِ جي ايسٽ زون جو اضافي چارج پڻ سنڀالي رهيو آهي ٽيم ۾ ايس ايس پي اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ (ايس آءِ يو) سميع الله سومرو، ايس ايس پي ملير ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو ۽ ايس پي انويسٽيگيشن ملير بشير احمد پڻ شامل آهن ياد رهي ته آچر ۽ سومر جي وچ واري رات اڌ درجن کان وڌيڪ هٿيارٻند ڌاڙيل هندو واپاري جي گهر ۾ گهڙي آيا، گهرڀاتين کي يرغمال بڻايو ۽ ڪروڙين رپين ماليت جا سون جا زيور چاندي، روڪ رقم، موبائل فون انعامي بانڊ ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦري فرار ٿي ويا هئا. ڳڏاپ سٽي پوليس متاثر ڏرمون مل ولد ريوا مل جي فرياد تي ڪيس نمبر 473/2026 پاڪستان پينل ڪوڊ جي قلم 395 ۽ 397 تحت داخل ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ته خاص جاچ ٽيم واقعي جي مختلف رخن کان جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

[redacted]

ڪيو ويو پوليس جوابدارن وٽان هٿيار، موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون هٿ ڪري ورتا. ضلع ڪورنگي پوليس جي ترجمان موجب، ٿاڻي ڪورنگي جي حد ٽالو پلي، تنظيم فلور مل ڀرسان پوليس ۽ هٿيارٻند جوابدارن وچ ۾ مقابلو ٿيو. پوليس موجب ٻن موٽر سائيڪل سوار شڪي ماڻهن کي بيهڻ جو اشارو ڪيو ويو، جنهن تي جوابدارن پوليس تي فائرنگ شروع ڪري ڏني پوليس جي جوابي ڪارروائي دوران هڪ جوابدار مارجي ويو جڏهن ته ٻيو سخت زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو پوليس جوابدارن وٽان هڪ 9 ايم ايم پسٽول هڪ 30 بور پسٽول هڪ موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون هٿ ڪري ورتا آهن پوليس موجب گرفتار ۽ مارجي ويل جوابدارن جي ڏوهاري رڪارڊ جي جاچ جاري آهي واقعي بابت وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي، جڏهن ته ريسڪيو اختيارين موجب مارجي ويل ۽ زخمي جوابدار کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

[redacted]

پاران غلام علي ڊوگر جي معصوم پٽ فرحان علي تي تشدد ڪري گم ڪري اغوا جو شڪ ظاهر ڪري ڇڏيو آهي ان جهيڙي جو مخالف ڌر کان بدلو وٺڻ لاءِ بي رحم پيءُ غلام علي ڊوگر پنهنجي 7 سالن جي ڌيءُ عشاء فاطمه ڊوگر کي تيز دار اوزار سان ڪهي ڳلوڪپي قتل ڪري ڇڏيو ۽ موقعي تان فرار ٿي ويو اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي معصوم نينگري جي لاش کي اسپتال منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

[redacted]

پٽ معان تشدد ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي ۽ منهنجي مڙس غلام علي . حاجاڻن کان بدلو وٺڻ لاءِ ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجي معصوم نياڻي کي قتل ڪري حاجاڻن مٿان الزام لڳائي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي منع ڪرڻ تي مڙس غلام علي مون کي به قتل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني. مقتولا نياڻي جي امڙ جو چوڻ آهي ته منهنجي مڙس کي سخت سزا ڏني وڃي ۽ مون سان انصاف ڪيو وڃي

[redacted]

مگسي واقعي جو نوٽيس وٺڻ بعد پوليس ڪارروائي ڪري گذريل رات ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي حد ۾ پنهنجي معصوم نياڻي فاطمه کي قتل ڪندڙ جوابدار پيءُ غلام نبي ڊوگر کي گرفتار ڪري ورتو پوليس ٽيم ڪارروائي ڪري جوابدار پيءُ کي سوگهو ڪيس جڏهن ته سندس قبضي مان قتل ۾ استعمال ٿيل بليڊ پڻ هٿ ڪيو ويو گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ جاري آهي ذريعن مان معلوم ٿيو آهي ته جوابدار پيءُ پنهنجي مخالفن کي ڦاسائڻ لاءِ پنهنجي معصوم ڌيءُ کي قتل ڪيو آهي

CADET COLLEGE KHAIRPUR (SINDH)

JOB OPPORTUNITIES – PRINCIPAL

Applications are invited for Principal "Cadet College Khairpur". Dynamic and dedicated professionals, with vision and futuristic approach, may apply for the post of Principal.

a.	**Minimum Qualification.** MA / M.Sc
b.	**Experience.** • Retired (Lt Col / Col / Brigs) of Pak Armed Forces / Equivalent/ Civilians. • Experience of residential/ Mil Colleges. • Civilian (Educationalist) minimum 15 years experience of cadet colleges/ residential colleges.
c.	**Domicile.** Citizen of Pakistan.
d.	**Age Limit** Upto 55 Yrs.
e.	**Accommodation.** Furnished Married accommodation will be provided within the campus.
f.	**Transportation.** Staff Car (Official duty).
g.	**1x Return Air Ticket Per Year.** From Sukkur to home town (Once a year).
h.	**Nature of Appointment.** Initial contract for three years, extendable subject to performance.

- Applications forwarded to Cadet Colleges Branch, Headquarters 16 Division, Pano Aqil Cantonment through email ccbranches@ccl.edu.pk / alongwith CV & Bank draft/transfer slip of **Rs. 2000/-** in favour of **GSO-1 Cadet Colleges, Account No. 4241650000799 Askari Bank Pano Aqil Cantt**.
- Venue, date and time will be communicated to candidates through courier / phone call/email/ message
- Incomplete applications in any manner will not be entertained.
- Last date for submission of applications is **30 Jul 26** and interviews will be conducted in **1st week of Aug 2026**.
- Only shortlisted candidates will be called for interview alongwith testimonials. No TA/DA will be admissible.

Phone No 071-5680291 & 03035618525 (WhatsApp)

ٽينڊر نوٽيس

اسڪريپ جي وڪري بابت اطلاع

(JJVL) جي جي وي ايل پلانٽ حيدرآباد وٽ موجود مختلف قسمن جو اسڪريپ، سيلڊ بڊ ذريعي وڪري لاءِ پيش ڪيو وڃي ٿو دستياب اسڪريپ (پوٽوهار جيپ ماڊل 2004، مڪس لوهه، لوهه جا پائپ، ڊرم ۽ ڪاٺ، استعمال ٿيل آئل، پراڻا ٽائر، پلاسٽڪ جو سامان ۽ پلاسٽڪ ڊرم، ايئر ڪنڊيشنر ۽ ڪمپيوٽر، دلچسپي رکندڙ پارٽيون 20 جولاءِ 2026 کان 25 جولاءِ 2026 تائين صبح 00-09 کان شام 00-05 وڳي تائين جي جي وي ايل پلانٽ حيدرآباد تي اچي اسڪريپ جو معائنو ڪري سگهن ٿيون

سيلڊ بڊ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 27 جولاءِ 2026

سيلڊ بڊ کولڻ جي تاريخ 28 جولاءِ 2026 وقت منجهند 30-12 وڳي

جي جي وي ايل بغير ڪنهن سبب جي سيني بڊ قبول ڪرڻ يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي

رابطي لاءِ جي جي وي ايل پلانٽ جنرل مينيجر

03215880200/ 03332777408

سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 19 جولاءِ 2026ع

ڪردار تسليم ڪيو ويو. پر ايران سان چالاڪي ڪري 7 جولاءِ تي هرمز مان ايران جي رهنمائي بغير تيل جا جهاز عماني پاسي کان گذارڻ، ايران جو چتاءُ نظرانداز ڪرڻ ۽ ان تي ايران پاران تيل ڪٽندڙ جهازن تي فائرنگ ڪرڻ سبب صورتحال وڌيڪ خراب ٿي وئي ۽ ٻئي ڏينهن 8 جولاءِ تي ٽي صدر ٽرمپ ايم او يو تان هٿ ڪڍي ويو ۽ ايران جي فوجي نڪتن خلاف پنهنجي ڪارروائين جو دائرو وڌيڪ وڌائي ڇڏيو.

علائقائي گروهن پڻ عراق ۽ شام ۾ آمريڪي فوجي اڏن تي حملا ڪيا. اهڙي صورتحال کان ٿورو اڳ ايران مان واپس ويندڙ حوثي تحريڪ جي اڳواڻن جي وفد کي يمن جي گادي واري هنڌ صنعا جي هوائي اڏي تي لهڻ کان روڪڻ لاءِ هوائي اڏي جي رن تي ميزائل حملن سان نقصان پهچايو ويو، جنهن تان ڇڪتاڻ وڌي وئي ۽ حوثين پڻ جوابي طور سعودي عرب جي ابها انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڏانهن

ان کان اڳ هن ڇڪتاڻ واري ساهميءَ ۾ ايران جو پُر ان وقت گروٿيو جڏهن شام ۾ آمريڪي ڪمانڊ سينٽر تي ايران وڏو ميزائل حملو ڪيو جنهن ۾ ڪيترائي آمريڪي فوجي مارجي ويا ۽ هيلي ڪاپٽر وغيره تباهه ٿيڻ جون دعوائون سامهون آيون آهن. ايران جنهن کي چين ۽ روس جي ٽيڪنيڪل مدد حاصل آهي، خطي ۾ موجود آمريڪي اثر رسوخ خاص ڪري ان جي فوجي اڏن جي

ڪوششون تيز ڪري رهيو آهي، پر ايران جي شديد حملن، خطي ۾ آمريڪي فوجين تي وڌندڙ دٻاءُ جهڙا سبب سندس منصوبي ۾ رنڊڪ بڻيل آهن. انهن سڀني واقعن جي روشني ۾ ڏٺو وڃي ته وچ اوڀر جو موجوده بحران هاڻي رڳو ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ طاقت جي آزمائش نه رهيو آهي، پر اهو علائقائي سلامتي، سفارتڪاري ۽ عالمي استحڪام لاءِ به هڪ وڏو امتحان

جيڪڏهن سفارتي رستا ٻيهر نه کلندا ۽ ڌريون فوجي حل تي ئي پاڙينديون رهيون، ته هن بحران جو بار رڳو جنگ ڪندڙ ملڪن تائين محدود نه رهندو، پر ان جا اثر سڄي خطي، عالمي امن ۽ بين الاقوامي لاڳاپن تي به پوندا. ايندڙ ڏينهن اهو طئه ڪندا ته وچ اوڀر هڪ ڀيرو ٻيهر ڳالهين ڏانهن موٽندو يا جنگ جي اهڙي مرحلي ۾ داخل ٿيندو جتان واپسي وڌيڪ ڏکي ثابت ٿي سگهي ٿي.



هرمز کان سعودي عرب تائين: جنگ جو وڌندڙ گهيرو

مجيب ناريجو

وچ اوڀر هڪ ڀيرو ٻيهر اهڙي نازڪ موڙ تي پهچي ويو آهي، جتي هڪ عارضي مفاهمتي معاهدي جي ناڪاميءَ کانپوءِ جنگ جو دائرو هر گذرندڙ ڏينهن سان وسيع ٿيندو پيو وڃي. هرمز لنگهه تي وڌندڙ ڇڪتاڻ، آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ تيز ٿيندڙ فوجي ڪارروايون، يمن کان سعودي عرب تائين پکڙجندڙ حملن ۽ خطي جي دفاعي اتحادن بابت وڌندڙ خدشن اهڙي صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي، جنهن ۾ بحران هاڻي رڳو ٻن ملڪن تائين محدود نظر نٿو اچي. تازي واقعن اهو سوال به اڀاريو آهي ته جيڪڏهن هي سلسلو نه رڪيو ته ڇا وچ اوڀر جو هي تڪرار علائقي جي ٻين ملڪن کي به سڌي يا اڻ سڌي طرح پنهنجي گهيري ۾ آڻي ڇڏيندو؟
سوئٽزرلينڊ ۾ 22 جون (2026) تي ٿيل 14 نقاطي مفاهمت جي گهربل تشريح لاءِ ذميوار ڌرين سميت عالمي برادريءَ جو ڪردار نه هجڻ، معاهدي کي سبوتاز ڪرڻ لاءِ اسرائيل جي چالبازين ۾ جڪڙيل آمريڪي صدر ٽرمپ اهڙا قدم کڻي وينو جن سان صورتحال ڏينهون ڏينهن خطرناڪ رخ اختيار ڪري رهي آهي.
ايم او يو جي شق نمبر 5 موجب ايران جو واعدو ڪيل هو ته هرمز لنگهه مان واپاري جهازن جي محفوظ اچ وڃ کي يقيني بڻائڻ لاءِ پنهنجي بهترين ڪوششون ڪندو. ان شق تحت پهرين 60 ڏينهن تائين واپاري جهازن کان ڪنهن به قسم جي ٽرانزٽ فيس نه ورتي ويندي، جڏهن ته فوجي رنڊڪن ۽ بارودي سرنگن کي هٽائڻ کان پوءِ 30 ڏينهن اندر ساموندي آمدرفت مڪمل طور بحال ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو. 22 جون تي ٿيل ان مفاهمتي معاهدي مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته بارودي سرنگهن جي صفائي ۽ ساموندي رستن کي ٻيهر کولڻ جي ذميواري ايران تي هوندي، جنهن سبب شروعاتي عبوري مرحلي ۾ هرمز جي واپاري آمدرفت جي انتظام ۾ ايران جو مرڪزي

شروعاتي مرحلي ۾ 80 کان وڌيڪ فوجي حدفن کي نشانو بڻايو ويو جن ۾ ميزائل مرڪز، دفاعي مرڪز ۽ ٻيا فوجي نڪتا شامل هئا.
ان دوران هرمز بابت ڇڪتاڻ ان وقت وڌيڪ وڌي وئي، جڏهن 12 جولاءِ 2026ع تي ايران هرمز تي پنهنجو ڪنٽرول جاري رکڻ جو عزم ورجايو ۽ ان جي ٻئي ڏينهن، 13 جولاءِ تي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران خلاف ساموندي ناڪابندي ٻيهر لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ان کان پوءِ 15 جولاءِ کان ايران تي حملا وڌيڪ وسيع ۽ شديد فوجي مهم جي صورت اختيار ڪري ويا. جنهن دوران ايران جي ريلوي ٽريڪ ۽ پلن کي نشانو

ميزائل ۽ ڊرون حملا ڪيا. ان واقعي سان هنن ڌرين وچ ۾ هلندڙ نازڪ جنگبندي ٽٽي وئي ۽ خطي ۾ نئين بحران جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا. ان پسمنظر ۾ پاڪستان به پنهنجو موقف سخت ڪندي ايران کي اعليٰ سطح تي آگاهه ڪيو ته حوثين پاران سعودي عرب تي ڪنهن به حملي کي پاڪستان پنهنجي خلاف حملو سمجهندو. اسلام آباد واضح ڪيو ته جيڪڏهن سعودي عرب فوجي مدد جي درخواست ڪندو ته پاڪستان پنهنجي دفاعي ذميوارين موجب ساڻس گڏ بيهندو، جنهن کي سفارتي حلقن پاڪستان جي "ريڊ لائن" قرار ڏنو.

پاڪستان جي صبر جو امتحان وٺندڙ اهم خبر اها آئي آهي ته پاڪستان جي ريڊلائن قرار ڏنل سعودي عرب ۾ ايران حملو ڪيو آهي. ايران دعوي ڪئي آهي ته هن آمريڪي حملن جي جواب ۾ سعودي عرب جي الخرج واري علائقي ۾ واقع پرنس سلطان ايئر بيس تي بيلسٽڪ ميزائلن سان حملو ڪيو جيڪو نار واري علائقي ۾ آمريڪي فوج جي اهم هوائي اڏن مان هڪ آهي. ايراني اختيارين موجب اهو حملو آمريڪي فوجي ڪاررواين جو سڌو جواب هو. ٻئي طرف سعودي عرب حملي بابت محدود معلومات جاري ڪئي، جڏهن ته آزاد ذريعن کان حملي جي نتيجن يا ممڪن نقصان جي مڪمل تصديق اجا تائين نه ٿي سگهي آهي.

بڻائڻ جو سلسلو جاري آهي، جڏهن ته شهرن اندر اسپتالن ۽ رهائشي عمارتن پرسان پڻ حملن جون رپورٽون اينديون رهن ٿيون. آمريڪي حملن جي جواب ۾ ايران خطي ۾ موجود آمريڪي فوجي اڏن تي شديد حملا ڪيا. اهڙي طرح اردن ۾ الازرق ايئر بيس، ڪويت ۾ علي السالم ايئر بيس ۽ مينا عبدالله جي لاجسٽڪ سهولتن، بحرين ۾ آمريڪي پنجين بحري ٻيڙي سان لاڳاپيل نڪتن ۽ هرمز ۾ موجود ڪجهه آمريڪي فوجي حدفن کي ميزائل ۽ ڊرون حملن سان نشانو بڻايو. ايران سان هم آهنگ ڪجهه

تباهيءَ جو سبب بڻيو آهي. صدر ٽرمپ کي سندس صلاحڪارن ايران ۾ زميني ڪارروائيءَ جي صلاح پڻ ڏني آهي، پر خطي ۾ موجود آمريڪي فوج نفسياتي دٻاءَ ۾ اچڻ وارين رپورٽن تي پڻ واشنگٽن ۾ بحث ٿي رهيو آهي. گڏوگڏ جنگ جا خرچ وڌڻ تي به تنقيد ٿي رهي آهي. ۽ اهي رپورٽون پڻ اچي رهيون آهن ته آمريڪا کي ايران سان هيءَ جنگ هينئر تائين 150 ارب ڊالرز ۾ پئجي چڪي آهي، جيتوڻيڪ سرڪاري طور تي اها رقم صرف 30 ارب ڊالر ٻڌائي پئي وڃي.
ان دوران آمريڪي سينيٽ ۾ به ايران بابت جاري جنگ سياسي تڪرار جو سبب بڻجي وئي. 14 جولاءِ 2026ع تي سينيٽ ۾ پيش ڪيل 1.15 ٽريلين ڊالرن جي نيشنل ڊفينس آٿورائيزيشن ايڪٽ (NDAA) کي اڳتي وڌائڻ لاءِ گهربل حمايت حاصل نه ٿي سگهي. ڊيموڪريٽ سينيٽرن دليل ڏنو ته ايران خلاف جاري فوجي ڪارروائين بابت ڪانگريس کي اعتماد ۾ نه ورتو ويو آهي. تنهن ڪري هو اهڙي دفاعي بل جي حمايت نٿا ڪري سگهن، جيڪو موجوده جنگي مهم کي وڌيڪ هٿي ڏئي. نتيجي ۾ طريقيڪار واري ووٽ ۾ بل اڳتي نه وڌي سگهيو، جنهن سان ايران واري بحران آمريڪي گهرو سياست ۾ به واضح ورهاست پيدا ڪري ڇڏي آهي ۽ اهڙين ناڪامين دوران اسرائيلي وزير اعظم نيتن ياهو جيڪو ويجهڙ ۾ واشنگٽن جو دورو ڪرڻ وارو هو کي ڪيترين ئي ڪوشش باوجود آمريڪا اچڻ لاءِ سگنل نه پيو ملي. پر ان جو مطلب اهو ناهي ته صدر ٽرمپ پنهنجي جنگي جنون تان پوئتي هٽي رهيو آهي. هو ايران ۾ زميني فوج لاهڻ لاءِ پنهنجون

بڻجي ويو آهي. عارضي مفاهمتي معاهدي جي ناڪاميءَ کان پوءِ جيڪي واقعا تيزيءَ سان سامهون آيا آهن، تن مان ظاهر ٿئي ٿو ته جنگ جو دائرو هر نئين حملي سان وڌيڪ وسيع ٿيڻ جو امڪان رکي ٿو. اهڙي صورتحال ۾

روزانو تيل اگهن جو تعين: شفافيت يا نئون امتحان؟

فيضان احمد

پيٽروليم شين جي اگهن ۾ بار بار ٿيندڙ واڌ ۽ گهٽتائي ڪيترن ئي سالن کان عام ماڻهن، ڪاروباري حلقن ۽ حڪومت لاءِ هڪ حساس معاملو رهي آهي. هاڻي حڪومت هڪ نئون قدم کڻندي آئل اينڊ گيس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) کي روزاني بنيادن تي تيل جون قيمتون مقرر ڪرڻ جو اختيار ڏنو آهي. حڪومت جو چوڻ آهي ته هن فيصلي سان عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي قيمتن ۾ ٿيندڙ هر تبديلي بنا دير ماڻهن تائين منتقل ٿي سگهندي، جڏهن ته تنقيد ڪندڙ حلقا ان کي عوام لاءِ نئين غيريقينيءَ جو سبب قرار ڏئي رهيا آهن. هي فيصلو اهڙي وقت سامهون آيو آهي، جڏهن وچ اوڀر ۾ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ وڌندڙ فوجي ڇڪتاڻ سبب عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي قيمتن ۾ تکا لاهه چاڙهه ڏٺا پيا وڃن. حڪومت جو موقف آهي ته هفتيوار يا پندرهنوار نظام ۾ عالمي مارڪيٽ جون تبديليون هڪ ئي وقت وڏي واڌ يا گهٽتائيءَ جي صورت ۾ عوام تائين پهچنديون هيون، جڏهن ته روزاني نظام سان قيمتن ۾ ٿيندڙ تبديلي وڌيڪ درجيوار ۽ شفاف هوندي. اوگرا هاڻي روزانو بين الاقوامي مارڪيٽ، پلاٽس جي معيار ۽ ٻين عنصرن کي نظر ۾ رکي قيمتون ۽ انهن جو فارمولو پنهنجي ويب سائيٽ تي جاري ڪندي.
حڪومت جو هڪ ٻيو دليل اهو به آهي ته ماضي ۾ عالمي مارڪيٽ ۾ تيل سستو ٿيڻ باوجود عوامي سطح تي اهو سوال اٿاريو ويندو هو ته ان جو فائدو فوري طور ڇو نه مليو. نئين نظام تحت جيڪڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ اگهه گهٽجن ته اصولي طور ان جو فائدو به بنا دير ماڻهن تائين پهچڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن اگهه وڌندا ته ان جو اثر به ساڳي ڏينهن ظاهر ٿيندو. حڪومت ان کي قيمتن جي تعين واري نظام ۾ شفافيت ۽ ڊي ريگيوليشن ڏانهن هڪ اهم قدم قرار ڏئي رهي آهي پر هن فيصلي تي اعتراض به گهٽ ناهن.
آهي ته روزانو اگهه مقرر ڪرڻ جو اثر صرف پيٽرول پمپن تائين محدود نه رهندو. ڊيزل جي قيمت ۾ واڌ ٽرانسپورٽ، زراعت، صنعت ۽ مالبرداريءَ جا خرچ وڌائي سگهي ٿي، جنهن جا اثر آخرڪار عام استعمال جي شين جي قيمتن تي به پوندا. ٻئي طرف جيڪڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ قيمتون گهٽجن ۽ حڪومت ساڳي رفتار سان اها گهٽتائي عوام تائين منتقل ڪري ته ان سان ماڻهن کي فائدو پڻ پهچي سگهي ٿو. اصل سوال اهو آهي ته نئون نظام واڌ ۽ گهٽتائي ٻنهي حالتن ۾ هڪجهڙي شفافيت سان عمل ڪري ٿو يا نه؟
حقيقت اها آهي ته پاڪستان پنهنجي توانائي گهرجن جو وڏو حصو ٻاهران گهرايل تيل تي پورو ڪري ٿو. اهڙي صورتحال ۾ عالمي مارڪيٽ، مٽاسٽا جي شرح، ٽيڪس، پيٽروليم ليوي ۽ علائقائي ڇڪتاڻ جهڙا عنصر مقامي قيمتن تي سڌو اثر ڇڏين ٿا. تنهن ڪري رڳو قيمتون روزاني بنيادن تي مقرر ڪرڻ سان مسئلو

پيٽرول پمپ مالڪن جو چوڻ آهي ته روزانو اگهه بدلجڻ سان سندن ذخيرو ٿيل تيل جي قيمت ۾ فرق سبب نقصان ٿي سگهي ٿو خاص طور تي جڏهن تيل جي سپلاءِ مختلف شهرن تائين پهچڻ ۾ ڪيترائي ڏينهن لڳن ٿا. سندن خدشو آهي ته گهٽ مارجن تي ڪاروبار ڪندڙ ڪيترن ئي ڊيلرن لاءِ اهڙي صورتحال ۾ پنهنجو ڪاروبار جاري رکڻ ڏکيو ٿي سگهي ٿو. ڪجهه ڊيلر تنظيمن هڙتال جي امڪان جو به اظهار ڪيو آهي. معاشي ماهرن جو چوڻ

مڪمل طور حل نه ٿيندو. جيستائين قيمتن جي تعين جو فارمولو، ٽيڪسن جي جوڙجڪ ۽ سپلاءِ جي نظام بابت مڪمل شفافيت برقرار نه رکي وڃي. عوامي مفاد جي تقاضا اها آهي ته حڪومت رڳو قيمتن ۾ واڌ جو سبب ئي نه ٻڌائي، پر جڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچو تيل سستو ٿئي ته ان جو فائدو به بنا دير عوام تائين پهچائي. ساڳئي وقت ٽرانسپورٽرن، هارين، صنعتڪارن ۽ پيٽرول پمپ مالڪن جي جائز خدشن کي به نظرانداز نه ڪيو وڃي. جيڪڏهن روزاني قيمتن وارو نظام شفاف، انصاف پر ٻڌل ۽ بنا فرق جي لاڳو ٿيو ته اهو اعتماد پيدا ڪري سگهي ٿو. ٻي صورت ۾ اها پاليسي به عوام لاءِ هڪ نئين تڪليف ۽ مسلسل غيريقينيءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿي.

سکر تعليمي بورڊ طرفان ميٽرڪ جي سالياني امتحان 2026ع جي سائنس گروپ جي نتيجن جو اعلان

هن سال سائنس گروپ ۾ 55 هزار 844 اميدوارن امتحان ڏنو جن مان 39 هزار 102 اميدوار مختلف گريڊن ۾ ڪامياب

چوڪرين هن ڀيري شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندي 85.85 سيڪڙو پاس شرح سان ڇوڪرن کي پوئتي ڇڏي ڏنو

اي ون گريڊ ۾ 6 هزار 339، اي گريڊ ۾ 17 هزار 616، بي گريڊ ۾ 12 هزار 905، سي گريڊ ۾ 2 هزار 204 ۽ ڊي گريڊ ۾ 38 اميدوار ڪامياب ٿيا

سکر بورڊ جو چيئرمين زاهد حسين چنڙ پريس ڪانفرنس ڪندي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر تعليمي بورڊ ميٽرڪ جي سالياني امتحان 2026ع جي سائنس گروپ جي نتيجن جو اعلان ڪري ڇڏيو. بورڊ جي چيئرمين زاهد حسين چنڙ ڪنٽرولر امتحان رضوان احمد سان گڏ پريس ڪانفرنس دوران نتيجن جو اعلان ڪيو. چيئرمين جو چوڻ هو ته هن سال سائنس گروپ ۾ 55 هزار 844 اميدوارن امتحان ڏنو جن مان 39 هزار 102 اميدوار مختلف گريڊن ۾ ڪامياب، جڏهن ته 15 هزار 993 اميدوار ناڪام قرار ڏنا ويا. نتيجن موجب چوڪرين شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندي 85.85 سيڪڙو پاس شرح سان شاگردن کي پوئتي ڇڏي ڏنو جڏهن ته شاگردن جي پاس شرح 62.44 سيڪڙو رهي. بورڊ اختيارين موجب هن سال پهرين ۽ ٻي پوزيشن گڏيل طور ٻن ٻن اميدوارن حاصل ڪئي. پهرين پوزيشن پنوعاقل جي ايڪسيلينٽ اسڪول جي شاگرد عمر ريان ۽ اسڪول آف ايڪسيلنس سکر جي شاگرديائي ايمان حفيظ گڏيل طور 1009 مارڪس سان حاصل ڪئي. ٻي پوزيشن پنوعاقل جي دي ايڪسيلنس اسڪول اينڊ ڪاليج جي شاگرد زريان احمد ۽ گورنمينٽ هائر اسڪول ملا علي پنوعاقل جي شاگرديائي آصفه گڏيل طور 1006 مارڪس سان حاصل ڪئي. جڏهن ته ٽئين پوزيشن گورنمينٽ بوائز ڪيمپس هائير سيڪنڊري اسڪول دارا وهڻ روهڙي جي شاگرد سهيل عباس 1004 مارڪس سان حاصل ڪئي. نتيجن موجب اي ون گريڊ ۾ 6 هزار 339، اي گريڊ ۾ 17 هزار 616، بي گريڊ ۾ 12 هزار 905، سي گريڊ ۾ 2 هزار 204 ۽ ڊي گريڊ ۾ 38 اميدوار ڪامياب ٿيا. بورڊ اختيارين موجب مختلف سببن جي ڪري 749 اميدوارن جا نتيجا روڪي ڇڏيا ويا آهن.

اوڏيرولال لڳ ڳوٺ محمد خان مجيداڻو ۾ احتجاجي مظاهرو

يوسي عرضي هڪڙا جي چيئرمين خلاف رهواسين مظاهرو ڪيو

اسان جو ڳوٺ اڄ ڏينهن تائين سڀني بنيادي سهولتن کان محروم آهي: مظاهرين

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال لڳ ڳوٺ محمد خان مجيداڻو ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ ۽ ترقياتي ڪمن ۾ مبينا نااهليءَ خلاف يوسي عرضي هڪڙا جي چيئرمين خلاف مقامي رهواسين پاران سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. تفصيل موجب، ڳوٺ محمد خان مجيداڻو جي رهواسين خادم مجيداڻو علي نواز رجب مجيداڻو معشوق علي غلام ۽ محمد خان مجيداڻو جي اڳواڻيءَ ۾ گڏ ٿي احتجاج ڪندي چيو ته جديد دور هجڻ باوجود اسان جو ڳوٺ اڄ ڏينهن تائين سڀني بنيادي سهولتن کان محروم آهي. علائقي ۾ نه پڪا رستا آهن، نه اسڪول نه گٽر ۽ نه ئي پيئڻ جو صاف پاڻي ميسر آهي. ٻارن جي تعليم ۽ صحت جهڙا اهم معاملا سخت متاثر ٿي رهيا آهن. مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته يونين ڪائونسل عرضي هڪڙا جي مد ۾ هر مهيني لکن جي بجيٽ اچي ٿي، پر اها بجيٽ ڪٿي ۽ ڪهڙن ڪمن تي خرچ ٿئي ٿي ان جو ڪو پتو ناهي. اسان جي ڳوٺ کي اڄ ڏينهن تائين ترقياتي فنڊز مان هڪ رپئي جو به فائدو ناهي پهتو جيڪو مقامي قيادت جي ڪرپشن ۽ لاپرواهي جو چٽو ثبوت آهي. هنن وڌيڪ چيو ته بارشن جي موسم ۾ روڊ رستا نه هجڻ سبب سڄو علائقو تلاءَ جو ڏيک ڏيندو آهي ۽ عوام پنهنجن گهرن تائين محصور ٿي ويندو آهي. مظاهرين ايم پي اي متياري، ايم اين اي متياري ۽ ضلعي چيئرمين کان گهر ڪئي آهي ته يوسي عرضي هڪڙا جي بجيٽ جي منصفاڻي جاچ ڪرائي ڪرپٽ چيئرمين خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڳوٺ محمد خان مجيداڻو کي فوري طور روڊ، پاڻي ۽ ٻيون بنيادي سهولتون ڏئي عوام جي بيچيني ختم ڪئي وڃي.

اڏيرو لال يوسي عرضي هڪڙا جي چيئرمين خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

مسلم ليگ (ن) ضلعي ٽنڊو محمد خان جي صدر قاضي غلام حسين سولنگي جو پيءُ وفات ڪري ويو

ملاڪاتيار (ن ع) مسلم ليگ (ن) ضلعي ٽنڊو محمد خان جي صدر قاضي غلام حسين سولنگي جي پيءُ قاضي غلام مرتضيٰ سولنگي قاضي غلام مجتبيٰ سولنگي قاضي يار محمد سولنگي ۽ قاضي مجيب جو والد سولنگي ايسوسيئيشن سنڌ جي نائب صدر قاضي غلام مصطفيٰ سولنگي اوچتو دل جو دورو پوڻ سبب 65 ورهين جي ڄمار ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ علائقي جي سياسي، سماجي، مذهبي، صحافتي ۽ معزز شخصيتن سميت سوين ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا گهري جنازي ۾ پ پ ٽ اءِ سنڌ جو نائب صدر سيد ذوالفقار علي شاهه سيد محمد ڪامل سيد قبول محمد شاهه سيد عادل ذيشان شاهه پير اشفاق جان سيد اڪبر شاهه پير علي قاسم شاهه جيلاني پير پلن شاهه جيلاني پير چنگل شاهه سردار زبير احمد سولنگي سردار اسرار احمد سولنگي سيد بدر شاهه وڏيرو بابو سليم حاجي عباس سليم وڏيرو محمد عثمان ڪاتيار وڏيرو ڪمال خان نوناري سابق پوليس انسپيڪٽر جان محمد امان الله تعغاڻي ڪيريو حاجي نظير ڪاتيار حاجي عبدالشڪور هنگورو سيٺ محمد حسين سومرو سڪندر هنگورو محمد اسحاق هنگورو اظهر سولنگي عبدالستار درس محمد آچر گوپانگ عبدالمجيد سيپيو معشوق عمراڻي صحافي عطا احمد مگريو ارشاد علي ڪاتيار اويس ملاح فيض محمد سولنگي عبدالحفيظ سولنگي ڪامريڊ عبدالسلام ڪاتيار محمد ايوب ڪاتيار محمد هاشم سومرو وڏيرو گل محمد درس ارشد علي ٻهراڻي امجد رحيم سومرو نصرالله سومرو مولوي غلام محمد چنو طفيل احمد مگريو افتخار سومرو ذيشان ڳنڀير زمان سولنگي ڊاڪٽر لڇمڻ سميت سوين ماڻهن شرڪت ڪئي. مرحوم جو ٽيڙو قاضي يار محمد سولنگي ۾ رکيو ويو آهي جتي مختلف سياسي، سماجي، مذهبي ۽ صحافتي شخصيتن سميت عام شهرين پاران مرحوم جي وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي علائقي ۾ قاضي غلام مصطفيٰ سولنگي جي اوچتي وڇوڙي تي ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانيل آهي جڏهن ته هر اک اشڪبار نظر آئي ۽ مرحوم لاءِ مغفرت ۽ بلند درجات جي دعائون گهريون ويون

سکر سينٽرل جيل ۾ قيدي جي آپگهات واري واقعي جو نوٽيس

آئي جي پاران اسسٽنٽ جيل سپرنٽنڊنٽ سميت ٽي اهلڪارن معطل

فوري طور معطل ڪري هيڊ ڪوارٽر ڪراچي رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر سينٽرل جيل ۾ قيدي جي آپگهات واري واقعي جو آءِ جي جيلز سنڌ فدا حسين مستوئي نوٽيس وٺندي اسسٽنٽ جيل سپرنٽنڊنٽ سميت ٽن اهلڪارن کي معطل ڪري ڇڏيو آهي. جاري ڪيل نوٽس موجب اسسٽنٽ جيل سپرنٽنڊنٽ امان الله وساڻ پوليس اهلڪار ظهير ميمڻ ۽ ارشاد چاچڙ کي فوري طور معطل ڪري هيڊ ڪوارٽر ڪراچي رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. آءِ جي جيلز پاران جاري ڪيل نوٽيس ۾ چيو ويو آهي ته ٻه ڏينهن اڳ سکر سينٽرل جيل ۾ قيدي دنيش ڪمار آپگهات ڪئي، واقعي کي سنجيدگي سان نه وٺڻ ۽ غير ذميواري جو مظاهرو ڪرڻ تي ابتدائي ڪارروائي ڪئي وئي آهي. ياد رهي ته دنيش ڪمار کي 10 مئي تي سي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس شراب رکڻ واري ڪيس ۾ گرفتار ڪيو هو جنهن بعد عدالت ڪيس منشيات سان لاڳاپيل ڪيس ۾ عدالتي ريمانڊ تي سکر سينٽرل جيل موڪليو هو. واضح رهي ته دنيش ڪمار جيل جي واش روم ۾ پنهنجي سلوار جو اڳٺ ڳچيءَ ۾ وجهي آپگهات ڪيو هو جڏهن ته آءِ جي جيلز واقعي جي مڪمل رپورٽ پڻ طلب ڪري ورتي آهي.

عوام جي خدمت ۾ يقين رکان ٿو: گل حسن لغاري

يوسي لکي ايٽ ميرواهه ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا پيا وڃن

پ پ جو منشور آهي عوام جي خدمت ڪرڻ، پيپلز عوامي جماعت آهي

ڪنڊيارو محمد خان (ن ع) عوام جي خدمت ۾ يقين رکان ٿو يونين ڪائونسل اندر رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا پيا وڃن اهڙو اظهار چيئرمين يوسي لکي ايٽ ميرواهه حاجي گل حسن لغاري عبرت سان ڳالهائيندي چيو ته اسان پنهنجي يوسي اندر ڪيترن ئي ڳوٺن گهٽين روڊ رستا ۽ صاف پاڻي جي سهولتن سميت عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون آهن هن چيو ته پ پ جو منشور آهي عوام جي خدمت ڪرڻ، پيپلز عوامي جماعت آهي اسان عوام کي ڏک جي گهڙي ۾ اڪيلو نه ڇڏينداسين هن چيو ته پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو جي مفاهمت واري پاليسي قومي مفادن لاءِ بهتر آهي اسان عوام جي اڳ به خدمت ڪئي آهي ۽ هاڻ به ڪندا رهنداسين پوري يونين لکي ايٽ ميرواهه اندر اندر ترقياتي ڪم ڪرائي عوام کي گهر گهر بنيادي سهولتون ڏينداسين هن چيو ته عوام اسان سان گڏ آهي مخالفن جي اجائي هاءِ گهوڙا سان ڪجهه نه ٿيندو عوام جي خدمت ڪرڻ جو جذبو رکون ٿا.

ڪنڊيارو محمد خان جي يوسي لکي ايٽ ميرواهه جو چيئرمين حاجي گل حسن لغاري عبرت سان ڳالهائيندي ۽ ٿيندڙ ترقياتي جاري

عمرڪوٽ ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ بعد مهانگائي جو طوفان

اٽو، ڀاڄيون، گوشت، کير، دالين ۽ ٻين روزمره استعمال جي شين جا اگهه چوٽ چڙهي ويا

شهرين جو وفاقي حڪومت کان پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي ۽ مهانگائي تي ضابطي جو مطالبو

چور (رپورٽ: لالچي سوڍو) وفاقي حڪومت پاران پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ تازي واڌ کانپوءِ عمرڪوٽ ضلعي ۾ مهانگائي جو نئون طوفان اچي ويو آهي، جنهن سبب روزمره استعمال جي کاڌي پيتي جي شين اٽو، ڀاڄيون، ميوو، گوشت، کير، گيهه، دالين ۽ ٻين ضرورت واري سامان جي اگهن ۾ نمايان اضافو ٿي ويو آهي ان سان گڏ ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا به وڌڻ سبب عام شهري سخت مالي پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن شهرين جو چوڻ آهي ته پيٽرول ۽ ڊيزل مهانگا ٿيڻ سان هر شعبي تي سڌو اثر پيو آهي، جڏهن ته واپارين ۽ ٽرانسپورٽرن پڻ وڌندڙ خرچن جو جواز ڄاڻائيندي نيون قيمتون لاڳو ڪري ڇڏيون آهن مهانگائي جي هن لهر غريب ۽ وچولي طبقي جي زندگي وڌيڪ ڏکي بڻائي ڇڏي آهي عوام وفاقي حڪومت جي معاشي پاليسين تي سخت ناراضگي جو اظهار ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ فوري گهٽتائي آندي وڃي ۽ روزمره استعمال جي شين جي اگهن تي ضابطو آڻڻ لاءِ مؤثر قدم کنيا وڃن ٻي صورت ۾ عام ماڻهو لاءِ ٻه ويلا ماني جو بندوبست ڪرڻ به مشڪل بڻجي ويندو

ملاڪاتيار قاضي غلام مصطفي جي يادگار تصوير ٻي طرف آخري ديدار

سکر جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ ڦر

هٿياربندن مبينا طور هڪ شهري کان ڦر جي واردات ڪري فرار

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد بيراج ڪالوني ۾ امام بارگاهه جي ويجهو ٽن موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن مبينا طور هڪ شهري کان ڦر جي واردات ڪري فرار ٿي ويا. متاثر شهري عبداللطيف منگي موجب هو پنهنجي ڪم سان وڃي رهيو هو ته اوچتو ٽي هٿياربند موٽر سائيڪل سوار سندس رستو روڪي ڪيس هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻايو متاثر شهري ٻڌايو ته جوابدارن سندس موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا هن چيو ته واردات جي سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ موجود آهي عبداللطيف منگي ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي جوابدارن کي جلد کان جلد گرفتار ڪري سندس ڦريل ٿيل موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي هن مطالبو ڪيو ته شهر ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ گشت ۾ اضافو ڪيو وڃي ته جيئن اهڙين وارداتن جي روڪٿام ٿي سگهي

انجمن ترقي پسند مصنفين سکر جي پندره وار دستوري گڏجاڻي

سنڌي ٻوليءَ جي سينيئر شاعر علي صفدر جي وڇوڙي تي ڏک جو اظهار ڪيو ويو

سکر (بيورو رپورٽ) انجمن ترقي پسند مصنفين سکر جي پندره وار دستوري گڏجاڻي لطيف جي پارڪ صدرالدين ساميءَ جي صدارت هيٺ ٿي گذري، جنهن ۾ نياز پڪي غزل، علي حيدر عابدي غزل، شيراز جعفري، غزل ۽ ڊاڪٽر خادم منگيءَ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي زندگي جدوجهد ۽ حاصلات تي مضمون "سامي سچ رڙاءَ" پيش ڪيو. جنهن تي ڊاڪٽر بدر اڄڻ حبيب ساجد، عبدالحق پڪي محسن مهر اياز ٻگهي عامر ڪريم ٻگهي ۽ سردار پيرزادي سميت سمورن دوستن تنقيد ڪئي انهيءَ موقعي تي شيراز جعفريءَ جي امڙ جي وفات تي ڪجهه دير خاموشي ڪندي دعا گهري وئي ۽ تعزيت ڪئي وئي آخر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سينيئر شاعر علي صفدر جي وڇوڙي تي ڏک جو اظهار ڪيو ويو. هڪ ٺهراءَ ذريعي سنڌ جي سمورن ٻارڙن جي گمشدگيءَ تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي گهر ڪئي وئي ته پريا ڪماري ۽ اجالا سولنگيءَ سميت سنڌ جون سموريون گمشده نياڻيون ۽ ٻيا ٻارڙا باحفاظت واپس ڪرايا وڃن.

ڪنري سب ڊويزن جي سمورين شاخن جي پڇڙين ۾ پاڻي ڪوٽ خلاف آبادگارن جي ريلي، ڌرڻو

پڇڙين ۾ پاڻي نه پهچڻ، پاڻي جي غير منصفاڻي ورڇ ۽ چوري خلاف ڪيل آبادگار ويلفيئر ايسوسيئيشن ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو

هاري ۽ ننڍا آبادگار شديد معاشي بحران جو شڪار آهن، بيروزگاري ۽ قرضن جي بار سبب ڪيترائي خاندان سخت پريشان آهن: اڳواڻ

ڪنري سب ڊويزن جي ڪنري شاخ، راهمور شاخ، سانوري شاخ ۽ نبي سر مائنر جي پوڇڙين تائين پاڻي نه پيو پهچي، تباهه ٿي ويا آهيون

ڪنري سب ڊويزن جي سمورين شاخن جي پڇڙين ۾ پاڻي ڪوٽ خلاف آبادگار احتجاجي مظاهرو ڪندي

ڪنري (ن ع) ڪنري سب ڊويزن جي سمورين شاخن جي پڇڙين ۾ پاڻي ڪوٽ، چوري آبپاشي عملي جي نااهلي خلاف آبادگارن جي ريلي، ڌرڻو 20 جولائي تي ميرپورخاص ۾ ڌرڻي جو اعلان آبپاشي سب ڊويزن ڪنري جي مختلف شاخن جي پڇڙين ۾ پاڻي نه پهچڻ پاڻي جي غير منصفاڻي ورڇ چوري ۽ بااثرن کي رعايتون ڏئي هترادو ڪوٽ خلاف آبادگار ۽ هاري رستن تي نڪري آيا ڪيل آبادگار ويلفيئر ايسوسيئيشن جي سڏ تي سوين آبادگارن ۽ هارين وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي ڪنري پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو سندن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ڪنيل هئا ڪيل آبادگار ويلفيئر ايسوسيئيشن جي اڳواڻن حاجي زاهد نون، پروفيسر محمد يوسف راجپوت، اڳوڻي ناظم منظور نون، مير اعجاز ٽالپر، شمس راهداڻ، علي رضا سولنگي، عمران سولنگي، صدام حسين رند ۽ ٻين چيو ته آبپاشي سب ڊويزن ڪنري ۾ پاڻي جي غير منصفاڻي ورڇ سبب ڪنري سب ڊويزن جي ڪنري شاخ، راهمور شاخ، سانوري شاخ ۽ نبي سر مائنر جي پوڇڙين تائين پاڻي نه پيو پهچي، جنهن سبب هزارين ايڪڙن تي ٻيٺل فصل تباهي جي ڪناري تي پهچي ويا آهن هنن چيو ته پوڇڙين ۾ پاڻي بدران واري اڏامي رهي آهي، جڏهن ته پاڻي نه هجڻ سبب فصلون سڪي رهيون آهن ۽ آبادگارن کي لکين رپين جو مالي نقصان برداشت ڪرڻو پئجي رهيو آهي. سندن چوڻ هو ته هاري ۽ ننڍا آبادگار شديد معاشي بحران جو شڪار آهن، بيروزگاري ۽ قرضن جي بار سبب ڪيترائي خاندان سخت پريشان آهن جڏهن ته ڪجهه هاري مايوسي سبب انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿي رهيا آهن اڳواڻن الزام هنيو ته آبپاشي سب ڊويزن ڪنري تي 10 کان 12 بااثر ماڻهن جو اثر رسوخ قائم آهي جيڪي ننڍن آبادگارن جو پاڻي روڪي سندن حق ڪسي رهيا آهن هنن چيو ته شاخن جا ڪجهه داروغا 20-20 سالن کان ساڳين هنڌن تي مقرر آهن ۽ سندن بدلي ڪرڻ جي به ڪنهن کي جرئت ناهي سندن چوڻ هو ته آبپاشي کاتي جا ڪجهه عملدار جاڻي واڻي پاڻي جي هترادو ڪوٽ پيدا ڪري رهيا آهن جڏهن ته پاڻي جي چوري ۽ رڪري جو سلسلو جاري آهي جنهن جو سڌو سنئون نقصان ڪيل وارن آبادگارن کي ٿي رهيو آهي مظاهرين چيو ته نارا ڪينال ۾ 14 هزار ڪيوسڪ پاڻي موجود هجڻ باوجود ڪيل ايراضي جي ماڻهن کي پاڻي کان محروم رکيو ويو آهي هنن الزام لڳايو ته پابندي هوندي به چانورن جي پوک ڪئي وئي آهي، جڏهن ته نبي سر واهه تي وڏي انگ ۾ غيرقانوني لفٽ مشينون لڳل آهن جنهن سبب ڊويزن ڪنري جي زراعت کي تباهي جي ڪناري تي پهچائي ڇڏيو آهي، پر آبپاشي کاتو خاموش تماشائي بڻيل آهي مظاهرين ڊائريڪٽر نارا ڪينال ايم ڊي سيڊا ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته پاڻي جي ڪوٽ جو فوري نوٽيس پوڇڙين ۾ پاڻي ڪوٽ ختم ڪري پاڻي پهچايو وڃي، متاثر آبادگارن سان انصاف ڪيو وڃي ۽ ذميوار عملدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي مظاهرين اعلان ڪيو ته جيڪڏهن سندن مطالبا منظور نه ڪيا ويا ته 20 جولائي تي سومر ڏينهن ميرپورخاص پريس ڪلب آڏو ڪيل آبادگارن پاران وڏو ڌرڻو هنيو ويندو هنن گهر ڪئي ته نارا ڪئنال تي رينجرز يا آرمي مقرر ڪري پاڻي چورن خلاف ڪارروائي ڪري آبادگارن هارين کي وڌيڪ تباهي کان بچايو وڃي

سکر جي علائقي چوهارا مارڪيٽ جي رهواسين جو مظاهرو

پٽ جي قاتلن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڪيس ۾ نامزد سمورن جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) پٽ جي قاتلن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف سکر جي علائقي چوهارا مارڪيٽ جي رهواسين ميراڻي برادري سان تعلق رکندڙ مردن ۽ عورتن جن ۾ هدايت الله ميراڻي مسمات فريده، سڌير ميراڻي ۽ ٻيا شامل هئا، سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي مظاهرين الزام لڳايو ته سندن 14 ورهين جو پٽ زبير احمد ميراڻي کي سال 2025ع دوران علائقي جي بااثر ماڻهن جادل ميراڻي، سجاد ميراڻي، راجا ۽ اعجاز ميراڻي بنا ڪنهن سبب جي بي رحمي سان قتل ڪري ڇڏيو هنن چيو ته واقعي جو ڪيس لاڳاپيل پنڌي ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي پر افسوس جو 15 مهينا گذرڻ باوجود پوليس ڪنهن به نامزد جوابدار کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي هنن وڌيڪ چيو ته جوابدار ڪيس سنگين نتيجن قتل ڪرڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جڏهن ته گذريل ڏينهن به نامزد جوابدارن سندن گهر تي حملو ڪيو متاثره خاندان چيف جسٽس آف پاڪستان، وڏي وزير سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کي پرزور اپيل ڪئي ته قتل واري ڪيس ۾ نامزد سمورن جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي، متاثر خاندان کي مڪمل تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ ڪيس جلد کان جلد انصاف مهيا ڪيو وڃي

سکر پٽ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ميراڻي برادري احتجاج ڪندي

ڏگهڙي ۾ تحريڪ منهاج القرآن ۾ هڪ شاندار روحاني ڪانفرنس

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ۾ تحريڪ منهاج القرآن ڏگهڙي، ايم ايس ايم تعلقه ڏگهڙي ۽ سني ميلاد مصطفيٰ ڪميٽي ڏگهڙي جي گڏيل سهڪار سان "سيده ڪائنات حضرت فاطمة الزهراء سلام الله عليها جو مقام ۽ پيغام ڪربلا" جي عنوان هيٺ محمد رضا اختر جي رهائشگاهه تي هڪ شاندار روحاني ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي تحريڪ منهاج القرآن سنڌ جي سربراهه ۽ حضور شيخ الاسلام جي مرڪزي نائب ناظم اعليٰ مظهر محمود علوي چيو ته حضور نبي ڪريم صه کان پوءِ حضرت سيده فاطمة الزهراء سلام ...عليها کي جيڪو اعليٰ مقام ۽ مرتبو عطا ٿيو اهو ڪنهن ٻئي کي نصيب نه ٿيو هنن چيو ته حضرت فاطمة الزهراء سلام الله عليها جي پاڪ زندگي ايمان، تقويٰ، پاڪدامني، صبر، ايثار ۽ رضاءِ الاهي جو مڪمل نمونو آهي، جيڪو رهندي دنيا تائين امت مسلمه خاص طور عورتن لاءِ بهترين اسوه آهي هن وڌيڪ چيو ته واقعو ڪربلا حضرت سيده ڪائنات سلام .. عليها جي تربيت جو عملي اظهار آهي، جتي حضرت امام حسين عليه السلام ۽ اهل بيت اطهار عليهم السلام اسلام جي سربلندي، حق ۽ سچ جي حفاظت ۽ ظلم خلاف ثابت قدمي جو اهڙو لازوال مثال قائم ڪيو جيڪو قيامت تائين انسانيت لاءِ مشعل راهه رهندو تقريب ۾ تحريڪ منهاج القرآن سنڌ جي ناظم حفيظ الله بلوچ، صدر تحريڪ منهاج القرآن ڏگهڙي طارق مصطفوي، نديم نقشبندي، محمد رضا مصطفوي، طارق خان جي، علي حسن قائم خاني ايم ايس ايم جي گل حسن چوهان، عبدالرحمان سلمان صديق، وسيم ارشد، معيز آرائين عمر طاهر سميت ڪيترن ئي ذميوارن شرڪت ڪئي. سني ميلاد مصطفيٰ ڪميٽي جي آصف قاضي گلو، عثمان مغل شاڪر منگي ۽ ٻين ميمبرن پڻ شرڪت ڪئي.

مٺي ۾ پيل برادري جي ٻن ڌرين جو راجوڻي فيصلو

فيصلو فقير شير محمد بلالاڻي جي سرپنچي ۾ ٿي گذريو

فيصلي ۾ ٻنهي ڌرين جا امين شريڪ ٿيا، ٻئي ڌريون کير کنڊ ٿي ويون

مٺي (ن ع) ڳوٺ ٽنون ٽڙ جي پيل برادري جي ٻن ڌرين جو راجوڻي فيصلو ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي هائوس مٺي تي فقير شير محمد بلالاڻي جي سرپنچي ۾ ٿي گذريو ٻئي ڌريون کير کنڊ ٿي ويون. فيصلي ۾ ٻنهي ڌرين جا امين ضلع ڪائونسل وائيس چيئرپرسن ڪملا پيل ڀهلاج پيل اڳوڻو يو سي چيئرمين چيتن پيل پورالال سنڌي ۽ ٻيا ڳوٺاڻا هئا. واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ ٻنهي ڌرين جو پاڻ ۾ زميني تڪرار تان جهيڙو ٿيو هو لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا ماڻهون سخت زخمي پڻ ٿيا هئا.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 19 جولاءِ 2026ع

سنڌ سان ناانصافي: پنجاب تڪراري جلالپور ڪينال وهائي ڇڏيو

پاڻي رڳو قدرتي وسيلو ناهي، پر پاڪستان جي وفاقي ڍانچي جي بقا، زرعي معيشت ۽ صوبن جي آئيني حقن سان سڌو سنئون لاڳاپيل معاملو آهي. جڏهن پاڻيءَ جي ورهاست بابت ٿيل معاهدن، قانونن ۽ گڏيل اتفاق راءِ کي نظرانداز ڪري هڪ صوبو پنهنجي مرضيءَ موجب نوان منصوبا شروع ڪري ٿو ته اهو رڳو انتظامي قدم نه پر وفاقي اعتماد تي ڌڪ هوندو آهي. پنجاب جي آبپاشي کاتي طرفان جلالپور ڪينال کي آزمائشي بنيادن تي هلائڻ ۽ ان لاءِ جهلم نديءَ مان پاڻي ڇڏڻ، سنڌ ۾ پيدا ٿيل خدشن کي وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏيو آهي. خاص طور تي اهڙي وقت، جڏهن سنڌ اڳ ئي پاڻيءَ جي شديد کوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي ۽ ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ سمنڊ ڏانهن هڪ ڦڙو به پاڻي نه ڇڏيو ويو آهي. 117 ڪلوميٽر ڊگهو جلالپور ڪينال پنجاب جي جهلم ۽ خوشاب ضلعن ۾ لڳ ڀڳ هڪ لک چوونجاهه هزار ايڪڙ ڪان وڌيڪ زمين آباد ڪرڻ لاءِ تعمير ڪيو ويو آهي. ان سان گڏ هزارين ايڪڙ نئين زمين کي پوکيءَ لائق بڻائڻ، جديد آبپاشي نظام، ڊرپ ايريگيشن، تلائن ۽ ٻين سهولتن جون به وڏيون دعوائون ڪيون پيون وڃن ڪنهن به علائقي جي ترقي يا زرعي واڌ ويجهه تي اعتراض نٿو ڪري سگهجي پر بنيادي سوال اهو آهي ته جيڪڏهن هڪ صوبي جي خوشحالي ٻئي صوبي جي حقن تي ڌاڙو هڻي حاصل ڪئي وڃي ته پوءِ ان کي ترقي نه پر ناانصافي سڏيو ويندو.

سنڌ جي پاڻي ماهرن جو خدشو بي بنياد ناهي. جيڪڏهن جهلم مان جلالپور ڪينال کي پاڻي ڏنو ويندو ته ان جي نتيجي ۾ هيٺئين علائقن جي گهرج پوري ڪرڻ لاءِ سنڌوءَ مان وڌيڪ پاڻي ڪٽڻو پوندو. گذريل ڪن ڏينهن دوران سي جي ۽ ٽي پي ڪينالن ذريعي پاڻيءَ جي ڪٽت ۾ لڳ ڀڳ چوڏهن هزار ڪيوسڪ جو اضافو ٿيڻ به ان خدشي کي وڌيڪ وزن ڏئي ٿو ان جو سڌو مطلب اهو آهي ته سنڌوءَ جو پاڻي منگلا زون ڏانهن منتقل ٿي رهيو آهي، جڏهن ته سنڌ جي آبادگارن کي اڳ ئي پاڻي جي شديد کوٽ سبب فصلن جي تباهي جو خطرو درپيش آهي. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته 2021ع ۾ سنڌ حڪومت جلالپور ڪينال تي واضح اعتراض واريا هئا ۽ ان کي 1991ع واري پاڻي ٺاهه جي ڀڃڪڙي قرار ڏنو هو پر انهن اعتراضن کي سنجيدگيءَ سان ٻڌڻ بدران منصوبي تي ڪم جاري رکيو ويو. جيڪڏهن بين الصوبائي معاهدن جي ڪا حيثيت ئي نه رهي ۽ هر صوبو پنهنجي طاقت جي بنياد تي پاڻيءَ جا فيصلا ڪرڻ لڳي ته پوءِ گڏيل وفاقي نظام جو جواز ئي ڪهڙو رهندو؟ ان کان به وڌيڪ ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه اها آهي ته خريف جي چوٽي واري مند دوران، جڏهن سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين کي پاڻيءَ جي سخت ضرورت هوندي آهي تڏهن ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ سمنڊ ڏانهن هڪ ڪيوسڪ پاڻي به نه ڇڏيو ويو آهي هي صرف هيٺئين وهڪري جو مسئلو ناهي، پر سنڌ جي ساموندي پٽي، ڊيلٽا، مڇي مار صنعت، زرخيز زمينن ۽ لکين ماڻهن جي زندگيءَ جو سوال آهي. سنڌو ڊيلٽا ڍاڪن ڪان ملي پاڻيءَ جي کوٽ سبب سمنڊ جي چاڙهه، زمين جي کاراڻ ۽ ماحولياتي تباهيءَ کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ هيٺئين وهڪري کي مڪمل طور سڪائي ڇڏڻ مستقبل جي نسلن سان به ناانصافي آهي.

وقت اچي ويو آهي ته وفاقي حڪومت، ارسا ۽ لاڳاپيل ادارا خاموش تماشائي بڻجڻ بدران پنهنجون آئيني ذميواريون نڀائين. جلالپور ڪينال سميت هر اهڙي منصوبي جو فوري ۽ شفاف جائزو ورتو وڃي، جنهن بابت هيٺئين صوبي کي اعتراض هجن. 1991ع واري پاڻي ٺاهه تي مڪمل عمل ڪرائڻ، سنڌ جي حصي جي پاڻي جي حفاظت ڪرڻ ۽ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ ماحولياتي ضرورت موجب پاڻي ڇڏڻ کي يقيني بڻايو وڃي. هي صورت ۾ پاڻي بابت تڪرار وڌيڪ شدت اختيار ڪندو، جنهن جا اثر صرف زراعت تائين محدود نه رهندا پر قومي يڪجهتيءَ تي به پوندا. سنڌ جو مطالبو ڪنهن تي احسان يا اضافي پاڻي جو مطالبو ناهي، پر پنهنجي آئيني، قانوني ۽ تاريخي حق جو مطالبو آهي. وفاق جي طاقت ان ۾ ناهي ته هڪ صوبي کي وڌيڪ اختيار ڏئي ٻين کي نظرانداز ڪيو وڃي پر ان ۾ آهي ته هر صوبي سان برابري، انصاف ۽ قانون موجب ورتاءُ ڪيو وڃي. جيڪڏهن پاڻيءَ جهڙي حياتي بخش وسيلي تي به طاقتور جي مرضي هلندي رهي ته پوءِ وفاق جي دعويٰ ڪمزور ٿيندي ويندي. پنجاب کي به اهو سمجهڻ گهرجي ته پائيدار ترقي ان وقت ئي ممڪن آهي، جڏهن اها ٻين صوبن جي حقن کي پائمال ڪرڻ بدران گڏيل انصاف ۽ اتفاق راءِ جي بنياد تي حاصل ڪئي وڃي.

شاهه لطيف جو ميلو: ماضي ۽ حال تائين ٿيندڙ ميڊيا ڪوريج


نور سنڌي

(حصو پهريون)

ٽئون 1978ع کان صحافت ڪري رهيو آهيان جڏهن مون گورنمنٽ هاءِ اسڪول شهدادپور ۾ نائين ڪلاس لاءِ داخلا ورتي هئي لطيف سرڪار جي ميلي تي نه تنئي هوندي ڪان ملتن سان گڏ اچڻ ٿيندو هو پر صحافي جي حيثيت سان ڪوريج لاءِ ڀٽ شاهه جي ميلي ۾ 1982ع کان اچڻ شروع ٿيو انهيءَ دور ۾ شهدادپور ۾ صحافت ڪندو هئس پر ڀٽ شاهه ميلي جي ڪوريج جو شوق [illegible]

(هلندڙ)

قومي يادگارون اسان جي سڃاڻپ جو سرمايو آهن يا قومي وسيلن تي بار؟

محمد انور

محمد انور فريڊم گيٽ پراسپيرٽي (FGP) جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر آهي. هو پبلڪ پاليسي، طرز حڪمراني، جمهوري قدرن، معاشي اصلاحات، تعليم، موسمياتي تبديلي ۽ سماجي ترقيءَ جي موضوعن تي باقاعدگيءَ سان لکندو آهي.

......

اسلام آباد جي رهواسين وانگر گذريل ڪيترن ئي مهينن کان منهنجي نظر به روزانو تعمير هيٺ "مارڪ حق يادگار" تي پوندي رهي آهي. هر گذرندڙ هفتي سان ان جي اوچي ٿيندڙ عمارت نه رڳو پنهنجي شان ۽ شوڪت سبب ڌيان ڇڪائي ٿي پر ذهن ۾ هڪ اهم سوال به پيدا ڪري ٿي، ڇا قومون واقعي پنهنجين يادگارن تي ايتري وڏي سيڙپڪاري ڪرڻ جي سگهه رکن ٿيون يا اهي وسيلا عوام جي ڀلائي ۽ ترقيءَ تي خرچ ٿيڻ گهرجن؟ هي سوال رڳو پاڪستان جو نه، پر سڄي دنيا جو آهي.

انساني تهذيب جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هر دور ۾ قومن پنهنجي سڃاڻپ، پنهنجن قومي هيروز ۽ تاريخي ڪاميابين کي محفوظ رکڻ لاءِ يادگارون تعمير ڪيون آهن. مصر جا اهرام هجن، فرانس جو 'آرڪ ڊي ٽرائمف'، آمريڪا جو 'لنڪن ميموريل' ۽ 'لائن اليون ميموريل' يا جرمني جا اهي عجائب گهر ۽ يادگار مرڪز جتي ٻي عالمي جنگ ۽ هولوڪاسٽ جي دردناڪ تاريخ محفوظ ڪئي وئي آهي. انهن سڀني جو مقصد رڳو خوبصورت عمارتون اڏڻ نه، پر ايندڙ نسلن کي پنهنجي تاريخ سان ڳنڍي رکڻ آهي. ان ڪري ئي اڄ اهي هنڌ قومي سڃاڻپ جون علامتون هجڻ سان گڏ تعليم، تحقيق ۽ سياحت جا اهم مرڪز پڻ بڻجي چڪا آهن.

ڏکڻ ايشيا به هن روايت کان الڳ ناهي.

ڀارت 2018ع ۾ دنيا جو سڀ کان اوچو مجسمو 'اسٽيچو آف يونٽي' تعمير ڪيو، جنهن تي لڳ ڀڳ 430 ملين آمريڪي ڊالر خرچ ٿيا. ان جي حامين ان کي قومي اتحاد ۽ سياحت جي واڌاري جو ذريعو قرار ڏنو، جڏهن ته ناقدين جو چوڻ هو ته اهي وسيلا ڳوٺاڻن علائقن ۾ تعليم، صحت ۽ بنيادي سهولتن تي خرچ ٿيڻ گهرجن ها. اهڙيءَ ريت نئين دهلي ۾ 'نيشنل وار ميموريل' به تعمير ڪيو ويو ته جيئن هٿياربند فوجن جي قربانين کي هميشه ياد رکيو وڃي.

بنگلاديش پنهنجي آزاديءَ جي جدوجهد کي "قومي شهيدن جي يادگار" ۽ "لبريشن وار ميوزيم" ذريعي محفوظ ڪيو، جڏهن ته نيپال 2015ع جي تباهه ڪندڙ زلزلي ڪانپوءِ تاريخي 'ڌراهرا ٽاور' کي ٻيهر تعمير ڪري قومي ثابت قدميءَ جي علامت بڻايو. سري لنڪا ۾ به گهرو ويڙهه جي خاتمي سان لاڳاپيل ڪيترن ئي يادگارن جو قيام عمل ۾ آيو. جيتوڻيڪ انهن بابت اڄ به سياسي بحث جاري آهي. گويا سڄي خطي ۾ قومي يادگيريءَ کي محفوظ رکڻ رياستي ترجيح رهي آهي، پر ان سان گڏ خرچن ۽ ترجيحن تي سوال به اٿندا رهيا آهن.

پاڪستان جي تاريخ به ان جي يادگارن ۾ محفوظ آهي.

ڪراچيءَ ۾ واقع 'مزارِ قائد' هن سفر جي شروعات آهي، جتي پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح آرامي آهي. 1971ع ۾ مڪمل ٿيندڙ هي شاندار عمارت اڄ به پاڪستان جي سڀ کان باوقار قومي يادگار سمجهي وڃي ٿي ۽ هر سال هزارين پاڪستاني ۽ غيرملڪي سياح هتي حاضري ڀرين ٿا.

ان کان ڪجهه سال اڳ، 1968ع ۾ 'مينارِ پاڪستان' مڪمل ٿيو، جيڪو ان ئي تاريخي هنڌ تي تعمير ڪيو ويو، جتي 23 مارچ 1940ع تي قراردادِ لاهور منظور ڪئي وئي هئي. هي مينار اڄ به ان سياسي ڏاهپ، قومي عزم ۽ جدوجهد جي ياد ڏياري ٿو جنهن آخرڪار پاڪستان جي قيام جي راهه هموار ڪئي.

اسلام آباد ۾ 'پاڪستان مونومينٽ' جديد پاڪستان جي سڃاڻپ بڻجي چڪو آهي. ان جي منفرد گل جي پنکڙين جهڙي بناوت پاڪستان جي سڀني وفاقي اڪائين جي اتحاد جي علامت آهي، جڏهن ته ان سان لاڳاپيل ميوزيم ملڪ جي آئيني، سياسي ۽ ثقافتي تاريخ کي جديد انداز سان پيش ڪري ٿو هي ان ڳالهه جو بهترين مثال آهي ته هڪ يادگار رڳو ڏسڻ جي جاءِ نه پر سکيا جو مرڪز پڻ بڻجي سگهي ٿي.

لاهور ۾ مزارِ علامه محمد اقبال ان مفڪر کي ڀيٽا پيش ڪري ٿو، جنهن جي فڪر تحريڪ پاڪستان کي نظرياتي بنياد فراهم ڪيو. 'باب پاڪستان' ورهاڱي دوران لکين لڏپلاڻ ڪندڙن جي قربانين کي ياد ڏياري ٿو، 'يادگارِ شهداءِ' وطن لاءِ جان قربان ڪندڙن جي عظمت جي علامت آهي، جڏهن ته 'ٻتاپور يادگار' 1965ع جي جنگ جي هڪ اهم معرڪي جي ياد تازي ڪري ٿي.

گهٽا ماڻهو نٿا ڄاڻن ته لاهور ۾ موجود 'اسلامڪ سمٽ مينار' به پاڪستان جي سفارتي تاريخ جي هڪ اهم علامت آهي. 1974ع ۾ ٿيل ٻي اسلامي سربراهي ڪانفرنس جي ياد ۾ 1975ع کان 1977ع جي وچ ۾ تعمير ٿيل هيءُ يادگار ان دور جي ياد ڏياري ٿي، جڏهن پاڪستان مسلم دنيا کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو. ان جو نقشو مشهور ترڪ معمار 'ودعت دلوڪائي' تيار ڪيو هو، جنهن فيصل مسجد جو ڊزائن پڻ ناهيو هو.

پاڪستان جو تاريخي ورثو رڳو انهن چند يادگارن تائين محدود ناهي. "پاڪ فضائيه ميوزيم، پاڪستان ميري ٽائيم ميوزيم، آرمي ميوزيم، آئيني يادگار، فريئر هال، خالق ڏنا هال، ٽي تلوار، 'ڪراچي جنگي قبرستان'، مڪلي جو تاريخي قبرستان، ڪتاس راج مندر، نڪلسن اوبليسڪ، حضرت عبدالله شاهه غازي جي مزار ۽ مقبرو جهانگير" جهڙيون يادگارون مختلف دورن جي سياسي، مذهبي، ثقافتي ۽ تهذيبي تاريخ کي اڄ به زنده رکيو ويٺيون آهن.

هن سلسلي جي نئين ڪڙي 'مارڪ حق يادگار' آهي، جيڪا اسلام آباد ۾ تعمير هيٺ آهي. ان جو مقصد 'آپريشن بنيان مرصوص' دوران وطن جي دفاع ۾ ڪردار ادا ڪندڙ پاڪستاني هٿياربند فوجن جي آفيسرن ۽ جوانن جي بهادري، قربانين ۽ قومي عزم کي پيٽا پيش ڪرڻ آهي. جيڪڏهن هن منصوبي کي جديد ميوزيم، تحقيقي مرڪز ۽ عوامي تعليمي اداري طور ترقي ڏني وڃي ته اهو يقيناً قومي تاريخ جو هڪ اهم باب بڻجي سگهي ٿو.

اهي سڀ مثال اسان کي هڪ بنيادي سوال ڏانهن وٺي وڃن ٿا.

ڇا هڪ ترقي پذير ملڪ کي اربين رپيا قومي يادگارن تي خرچ ڪرڻ گهرجن؟

هن سوال جو جواب ايترو سولو ناهي. جنهن قوم جي يادگيري ڪمزور ٿي وڃي، ان جي سڃاڻپ به ڏنڌلي ٿي وڃي ٿي. يادگارون قومن کي پنهنجي تاريخ، قربانين ۽ قدرن سان ڳنڍي رکن ٿيون. جيڪڏهن انهن سان گڏ عجائب گهر، لائبريريون، ڊجيٽل آرڪائيو، تحقيقي مرڪز ۽ تعليمي سرگرميون به لاڳاپيل هجن ته اهي نه رڳو قومي شعور پيدا ڪن ٿيون پر سياحت، روزگار ۽ مقامي معيشت کي به هٿي ڏين ٿيون. ٻئي طرف هيءَ حقيقت به نظرانداز نٿي ڪري سگهجي ته هر عوامي منصوبو ڪنهن نه ڪنهن ترجيح جو اظهار هوندو آهي. پاڪستان اڄ به معياري تعليم، صحت، صاف پاڻي، روزگار، موسمياتي تبديلي، شهري ڍانچي ۽ توانائي جهڙن سنگين مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ عوام جو اهو سوال جائز آهي ته ڇا هر نئين يادگار پنهنجي لاڳت جيترو عوامي فائدو به فراهم ڪري ٿي؟

هن بحث جو هڪ ٻيو اهم پهلو ماحوليات آهي. جنهن ڏانهن اڃا تائين گهٽ توجهه نه ڏني وئي آهي. وڏن تعميراتي منصوبن ۾ سيمينٽ ۽ اسٽيل جو وڏي پيماني تي استعمال ٿيندو آهي، جيڪو ڪاربان خارج ٿيڻ ۾ نمايان حصو وجهي ٿو. تنهن ڪري مستقبل جي قومي يادگارن کي 'گرين آرڪيٽيڪچر'، شمسي توانائي، برساتي پاڻي محفوظ ڪرڻ جي نظام، مقامي وڻن جي پوک ۽ ماحول دوست تعميراتي اصولن موجب اڏڻ گهرجي. جيڪا يادگار ايندڙ نسلن جي نالي هجي، ان کي انهن نسلن جي ماحول جي به حفاظت ڪرڻ گهرجي.

شايد هاڻي وقت اچي ويو آهي ته اسان سوال ئي بدلائي ڇڏيون. اصل سوال اهو ناهي ته يادگارون تعمير ٿيڻ گهرجن يا نه، پر اهو آهي ته "ڇا هر يادگار قومي ترقيءَ جو ذريعو به بڻجي سگهي ٿي؟"

جيڪڏهن هر قومي يادگار سان گڏ ميوزيم، لائبريري، تحقيقي مرڪز، ڊجيٽل آرڪائيو، شاگردن لاءِ تعليمي پروگرام ۽ سرسبز عوامي جايون به موجود هجن ته اها رڳو هڪ عمارت نه رهندي پر هڪ زنده ادارو بڻجي ويندي، جيڪو تاريخ به محفوظ ڪندو، معيشت کي به سهارو ڏيندو ۽ قومي شعور کي به مضبوط ڪندو.

آخرڪار ڪنهن به يادگار جي اصل اهميت ان جي اوچائي، سنگ مرمر يا لاڳت سان نه پر ان علم، شعور ۽ قومي قدرن سان ماپي ويندي آهي، جيڪا اها ايندڙ نسلن تائين منتقل ڪري ٿي. جيڪڏهن پاڪستان پنهنجين يادگارن کي رڳو تعميراتي منصوبن بدران تعليمي ۽ قومي تربيت جي مرڪزن ۾ تبديل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ته اهي عمارتون رڳو پٿر ۽ سيمينٽ جا ڍانچا نه رهنديون پر قومي ڪردار جي تعمير ۾ هڪ اهم سيڙپ ثابت ٿينديون.

شڪارپور: سرڳواسي راءِ بهادر اوڌوداس ڪان هدايه ٽرسٽ تائين!

منظور ڪوسو

ڇنن صدين کان به وڌيڪ قديم اتر سنڌ جو علمي، ادبي شهر ۽ واپاري مرڪز شڪارپور، جنهن کي داڻودپوٽن شڪارگاهه کان شڪارپور بڻايو ۽ لاقانونيت وري ان کي شڪارگاهه طرف وٺي پئي وڃي. 8 دروازن جو هيءُ خوبصورت شهر مختلف وقتن تي ڪيترن ئي حملن جو شڪار ٿيو. جنهن کي آخرڪار گهڻي خونريزي ڪانپوءِ انهيءَ کي اڏيندڙ داڻودپوٽن جان بچائي وڃي پنجاب وسايو. جتي بهاولپور شهر اڄ به هڪ مثال بڻيل آهي ته هتان جا ماڻهو شهر اڏڻ ڄاڻين پر اهي ٻي حد پرامن ماڻهو هئا ۽ شهر جو شمار امير شهرن ۾ ٿيندو هو. جنهن ڪري لالچي قوتن جو مقابلو ڪري نه سگهيا ۽ گهڻي نقصان کان پوءِ هتان لڏي وڃڻ کي ترجيح ڏنائون.

شڪارپور جي سياسي، سماجي ۽ علمي تاريخ ڪافي طويل آهي، جنهن تي محققن ڪافي لکيو آهي. طوالت کي ڇڏي ڳالهه مختصر ڪندي اڳتي وڌون ٿا. ورهاڱي کان اڳ هن شاندار شهر کي سينگارڻ ۽ سنوارڻ ۾ هندو سيٺين جو اهم ڪردار رهيو آهي. اڄ جيڪي ڪجهه شاندار آثار ۽ عمارتون نظر اچن ٿيون، سي انهن جي شهر سان محبت جو مظهر آهن. بنا ڪنهن لوڀ، لالچ ۽ متڀيد جي پرائمري اسڪولن کان ڪاليج سطح تائين تعليمي ادارا قائم ڪيائون، جيڪي اڄ به هزارين شاگردن کي تعليم ڏيڻ ۾ مصروف آهن. بجاج ٽاور گهنٽا گهر کان ڏکڻ طرف ڪجهه قدمن جي فاصلي تي پريتم سڀا (هاٿوڪو شاهه لطيف هاءِ اسڪول) نالي ادارو قائم ڪيائون، جتي عام تعليم سان گڏوگڏ ڪاروباري تعليم پڻ ڏني ويندي هئي، جيئن ڪاروباري ذهن ۽ ذوق رکندڙ ٻارڙن کي وڻج واپار ۽ مارڪيٽ بابت علم ڏنو وڃي. اسڪول قائم ڪانپوءِ شاگردن کي عملي طور ڪاروباري ڪم سمجهائڻ لاءِ سيٺ انهن کي پنهنجي ڪاروبار تي پڻ وٺي ويندا هئا. جيئن شاگرد ڪاروبار ۽ حساب ڪتاب کان واقف ٿين. الغرض ته انهن تعليم جي معاملي ۾ وسان نه گهٽايو. هڙان وڙان خرچ ڪري اسڪولن جا جار وڇائي ڇڏيائون. انسان ته پنهنجي جاءِ تي پر اهي جانورن تي به ترس ڪندڙ هئا.

جانورن جي پاڻي پيئڻ لاءِ شهر جي اهم چوراهن تي پاڻيءَ جا حوض ٺهرايائون، جتي جانورن کي پيئڻ لاءِ هميشه تازو ۽ صاف پاڻي ملندو هو ۽ هاڻي ته شهر ۾ انسانن کي به پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ميسر ڪونهي! اهڙيءَ ريت صحت جي معاملي ۾ به اعليٰ مثال قائم ڪيائون. "راءِ بهادر اوڌوداس تارا چند اسپتال" ان جو هڪ روشن مثال آهي. اسپتال جي اڏاوت لاءِ راءِ بهادر اوڌوداس سان گڏ ٻين ماڻهن به دل کولي تعمير ۾ حصو ورتو. اسپتال جي ڪم کي اڃان وڌيڪ وڌائڻ ۽ سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ هي مهاپرش بمبئيءَ هليو ويو، جتي 22 هزار 8 سئو 66 روپيا چندو گڏ ڪيائين ۽ بيمار ٿي پيو. سر هري ڪشن اسپتال ۾ زير علاج رهيو ۽ هڪ نيڪ مقصد لاءِ مسافت ڪندي 17 جنوري 1943ع تي ديهانت ڪري ويو. سرڳواسي اوڌوداس سنڌ کان بمبئي تائين هن اسپتال لاءِ جهول جهليندي دم ڏني حوالي ڪيو. پوءِ اها ٻي ڳالهه آهي ته اسان ان جي محنتن ۽ محبتن کي ڪيتري قدر مان ڏنو آهي. اڄ سول اسپتال جي حالت ڏسي سرڳواسي راءِ بهادر اوڌوداس جو روح به رڙندو هوندو.

اهڙيءَ ريت صحت جي شعبي ۾ "سَر هينري هاليند اکين جي اسپتال"، جنهن جي حالت ڏسي بيحد افسوس ٿئي ٿو. گنگا بائي هاسپيٽل ۽ ڊونگ واري ڊسپينسري اهي سڀ ديوانن جي شهر سان محبت جون نشانيون آهن. ورهاڱي کان پوءِ شڪارپور ۾ فلاحي ڪم تقريبن بند ٿي ويا. بند ڇا ٿي ويا پر ٿيل ڪم به تباهه ٿيڻ لڳا. ان ۾ ڪوبه وڏاءُ ڪونهي ته اسان ٺهيل نڪيل ڪم به سنڀالڻ جهڙا ڪين آهيون. شڪارپور ۾ انفرادي طور تي هلڪي ڦلڪي نوعيت جا خير جا ڪم ٿيندا رهن ٿا پر باقاعده منظم طرح شايد 1999ع ۾ هدايه ٽرسٽ اهي ڪم شروع ڪيا. سيلابن ۾ ماڻهن جي مدد، بيمارن جو پنهنجي خرچ تي علاج، دوائون مهيا ڪرڻ، پڙهائيءَ لاءِ شاگردن کي اسڪالرشپ ڏيڻ، سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهندڙ يتيم ٻارڙن جي مالي سهائتا ڪرڻ، بنا ڪنهن قطار ۽ انتظار جي گهرگهر خوراڪ پهچائڻ، موسم آهر ڪپڙا ۽ جوتا وغيره مستحق ماڻهن کي مهيا ڪرڻ عام تعليم ۽ هنري تعليم جا مرڪز جتي ڪمپيوٽر وغيره جي نه فقط مفت تعليم ڏني وڃي ٿي پر شاگردن کي پڙهڻ ۽ سکڻ طرف راغب ڪرڻ لاءِ وظيفو پڻ ڏنو وڃي ٿو. ان کان سواءِ به ٽرسٽ ڪيئي فلاحي ڪم سرانجام ڏئي ٿي. سوين ماڻهن کي هن روزگار سان لڳايو ۽ هزارين گهرن جا چلها هنن جي محنتن سان ٻرن ٿا. منهنجي خيال ۾ ورهاڱي ڪانپوءِ شڪارپور جو هي هڪ وڏو فلاحي پروجيڪٽ آهي. پر الميو اهو آهي ته اسان جيڪڏهن ڪجهه ڪري نه ٿا سگهون ته جيڪي ڪري رهيا آهن، انهن جي حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ انهن کي برداشت ڪرڻ به اسان کان ڪين ٿو پڄي.

صاحبِ حيثيت ماڻهو ته اونهاري جي وئڪيشن ۾ پنهنجن ٻارن کي ٽيوشن سينٽرز ۽ اڪيڊمين ۾ داخل ڪرائيندا آهن ته جيئن هو تعليم سان جڙيل رهن، سڪندا رهن ۽ غريب جا ٻار ته مهينا واندا گذاري يا پنهنجي والدين سان پورهيو ڪري، جيڪو ڪجهه پڙهيل هوندو اٿن، اهو به آگسٽ تائين وساري ويهندا آهن. اهڙن ٻارن جي وئڪيشن سجائي ڪرڻ لاءِ ٽرسٽ انهن کي ماهانه 12 هزار وظيفو ڏئي ٽيوشن سينٽر بريا ڪيو، جتي ٻارن کي بهترين تعليم ۽ تربيت ڏني وڃي ٿي. اتفاقن هڪ واقعو رونما ٿيو، حبس ۽ گرميءَ جي ڪري ڪجهه ٻارڙا بيهوش ٿي ويا، جيڪي سول اسپتال ۾ طبي امداد ملڻ ڪانپوءِ ٺيڪ ٿي پنهنجن گهرن ۾ پهتا. هن واقعي کي هر ڪنهن پنهنجي رنگ ۾ پيش ڪيو، ڪنهن جيو ته زهريلي خوراڪ سبب هيءُ واقعو پيش آيو ته ڪنهن ڪجهه چيو. مطلب ته هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي اندازن جا تير پئي هنيا پر درحقيقت اهو گرمي ۽ حبس جو نتيجو هو. آخرڪار هنن خبرن ڪانپوءِ ٽرسٽ ٽيوشن سينٽر بند ڪري ڇڏيو. ڪنهن اتفاقي واقعي جي ڪري اسان ڪنهن جي سڀني چڱاين تي ليڪو پائي نٿا سگهون. ٻيو ڪجهه نٿا ڪري سگهون ته جيڪي ادارا يا فرد فلاحي ڪم ڪري رهيا آهن، يا موجوده مهانگائي، بک ۽ بيروزگاريءَ جي دور ۾ غريبن لاءِ اميد ۽ آسرو بڻيل آهن ته انهن لاءِ حوصلا افزائيءَ جو سبب ته ٿيون. شڪارپور فقط غريبن جو نه پر ارب پتي ڊنگ اميرن جو شهر به آهي. هن شهر انهن کي عزت، مان ۽ مرتبو بخشيو آهي. انهن کي به فلاحي ڪمن طرف اچڻ گهرجي. ٻين جي ڪم اچڻ ئي اصلي "وڏ ماڻهائپ" ۽ سچي خوشي آهي، مزو ته ان ۾ آهي جڏهن انهيءَ کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي.

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

اڄ ٻـنِ اُتـرَ ٻـارَ ڏِي، ڪَـڪَـرَ ٿـو ڪَـرَي،
وَسـئـو سَـي ٻَـرَي، جَـي ڏُڙَهَـه ڏِيـنـهَـنِ ڪـانـيَـا.

ڏُڙَهَ = (ڏُڙَهَه) غير آباد زمينون، علائقا، بريٽ، بيابان
ڏِينهَنِ = گهڻن ڏينهن گهڻي وقت کان
ڪانيا = مينهن نه پوڻ ڪري خشڪ سليءَ جو شڪار ٿي سڙي سُڪي ويل زمينون، ميدان، رڻ جبل

(سر- سارنگ، مرتب ٻانهون خان شيخ)

اتر طرف کان جهڙ يا ڪڪرن کي نڪرندو ڏسندي، اتان جا رهواسي جتي وڏي عرصي کان مينهن ناهي پيو خاص ڪري ٿر، ڪاڇو، ڪوهستان وارن علائقن جا رهاڪو ڏاڍيون خوشيون ڪندا آهن ڇوجو ڪين مينهن پوڻ جي اميد ۽ آسرو ٿي پوندو آهي ته هاڻ مينهن وسندو ۽ وڏي عرصي کان هي ٻَٽ ٿيل زمينون، پٽ، سڪي ويل جهر جهنگ آباد ٿيندا، مال متاع سکيو ٿيندو، ڏولاوا ڏور ٿيندا، سلن کان ڏورانهين پنڌ تي ڏکيا ڏينهن ڪاٽيندڙ سيڻ سڄڻ پرين پيارا مال ڪاهي پنهنجي ماڳن تي موٽندا، سُرهائيءَ جا ڏينهن ورندا ته دل مانڊين جي من اندر جي مانڊڪائي لهي پوندي، پنهنجي اکڻ تي سڄڻن کي ڏسي ٿڌ سين تيڻ نري پوندن ان وقت جيڪا خوشي واري ڪيفيت ٿئي ٿي ان کي لطيف سائينءَ کان سواءِ چند لفظن ۾ پيش ڪرڻ ٻئي ڪنهن جي پهچ ئي ناهي ڏک، پيڙا ۽ پوڙتا کي ته لطيف سائين اهڙي رومانوي انداز ۾ بيان ڪيو آهي جو ان کي پڙهڻ سان، سمجهڻ سان دل کي عجيب قسم جي راحت محسوس ٿئي ٿي مايوسيءَ جي جاءِ تي جوش ۽ جذبو اڀاگر ٿي پئي ٿو دل کي آٿت ۽ تراوت ملي ٿي

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

پاڻي مامري تي انصاف ۽ ڀائيچاري جي ضرورت

سرمد منصور

لوڀ اهڙي شيءِ آهي جيڪا ماڻهوءَ کان عقل ڏاهپ ڦري وٺندي آهي. پنجاب جي حڪمرانن سان به اِهو ئي لقاءُ آهي، آهي سمجهن ٿا ته ڏاڍ جي زور تي آهي جيڪو چاهيندا ڪندا رهندا، اُنهن کي ڪير ڪُجهه چوڻ آکڻ وارو نه هوندو جڏهن ته زميني حقيقتون ڪجهه ٻيو ٿي ٻڌائين ٿيون. بلوچستان ۾ ڇا ٿي رهيو آهي، سو اسان سڀني جي سامهون آهي، ٿوري ٿوري ساهيءَ سان اُتان خبرون ايندڙيون رهن ٿيون ته بسن مان ماڻهن کي لاهي سڃاڻپ جي بنياد تي اُنهن کي نشانو بڻايو وڃي ٿو. ڪي ٻي ڪي جا ماڻهو پڻ ناراض نظر ايندا رهيا آهن، اُنهن کي پڻ ڪيترائي خدشا آهن. هيڏانهن سنڌ جو ماڻهو پاڻيءَ جي مامري تي ناراض نظر اچي ٿو، پر اِن سڀ جي باوجود وڏي صوبي جا ڪامورا لوڀ جي عينڪ لڳايو سڀني امڪانن توڙي انديشن کي نظرانداز ڪندا رهن ٿا. جا ڳالهه اسان جي نظر ۾ ڪو سُٺو سنئون ناهي، بلڪه هي پنهنجن ايندڙ نسلن لاءِ مسئلا پيدا ڪرڻ جي مترادف آهي.

ڏٺو وڃي ته پاڻي زندگيءَ جي علامت آهي، پر جڏهن اهوئي پاڻي تڪرار جو سبب بڻجي وڃي ته ان جا اثر رڳو زراعت يا معيشت تائين محدود ناهن رهندا، پر اهي وفاق جي بنيادن تائين پهچي ويندا آهن. پنجاب ۾ جلال پور ڪينال جي آزمائشي وهڪري ۽ ان سان لاڳاپيل قدمن سبب سنڌ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر خدشا وڌي ويا آهن. پاڻي جي ماهرن جو چوڻ آهي ته اهڙن منصوبن جا اثر سنڌ تي پئجي سگهن ٿا، جڏهن ته سنڌ اڳ ئي پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ لاڳاپيل ادارن جي ذميواري آهي ته هو رڳو قانوني تقاضائن جو احترام نه ڪن پر صوبن جي جائز خدشن کي به سنجيدگيءَ سان ٻڌن. وفاقي نظام جو حسن ان ۾ آهي ته هر صوبي کي برابر عزت، اعتماد ۽ آئيني حق حاصل هجن. جيڪڏهن ڪنهن به صوبي کي اهو محسوس ٿئي ٿو ته سندس آواز نه ٻڌو پيو وڃي ته ان جا اثر سڄي ملڪ تي پوندا. ان ڪري پاڻي سميت سڀني قومي معاملن تي فيصلا گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۽ ٻين آئيني ادارن ذريعي، مڪمل شفافيت ۽ اتفاق راءِ سان ٿيڻ گهرجن. اهو ئي طريقو وفاق کي مضبوط ۽ قوم کي متحد رکي سگهي ٿو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سياسي قيادت، رياستي ادارا ۽ سماج جا ذميوار حلقا صلح، رواداري ۽ ڀائيچاري کي پنهنجي ترجيح بڻائين. نفرتن کي هوا ڏيڻ، هڪ ٻئي جي نيتن تي شڪ ڪرڻ يا طاقت جي ٻولي ڳالهائڻ سان نه ڪنهن صوبي کي فائدو ٿيندو ۽ نه ئي ملڪ کي استحڪام ملندو. پاڪستان جي بقا ۽ ترقي ان ۾ آهي ته سڀئي صوبا هڪ ٻئي جي حقن جو احترام ڪن. وسيلن جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ اختلافن کي ڳالهين، انصاف ۽ آئين جي دائري ۾ رهندي حل ڪيو وڃي. ياد رکڻ گهرجي ته پاڻي زندگي ڏئي سگهي ٿو، پر جيڪڏهن ان جي ورڇ انصاف سان نه ڪئي وڃي ته اهو ئي پاڻي اختلافن جي لهرن کي جنم ڏئي سگهي ٿو. وقت جي تقاضا آهي ته قومي مفاد کي ذاتي يا صوبائي مفادن کان مٿانهون رکندي اهڙو رستو اختيار ڪيو وڃي، جيڪو پاڪستان ۾ امن، ڀائيچاري ۽ پائيدار وفاقي هم آهنگي کي هٿي ڏئي.

اڄوڪو ڏينهن ...... 19 جولاءِ

محمد عباس سومرو

هن نامور قانوندان ۽ جاگرافيءَ جي ماهر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1924ع ۾ پڊعيدن ويجهو ڳوٺ جيهي ۾ ٿيو. شروعاتي تعليم پڊعيدن مان حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ جو امتحان نوابشاهه مان پاس ڪيائين. بي اي جو امتحان سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين ۽ قانون جي سنڌ ڊي جي سنڌ ڪاليج مان حاصل ڪيائين. قانون جي ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ پهريائين نوابشاهه ۽ ان کان پوءِ سانگهڙ ۾ وڪالت ڪرڻ شروع ڪيائين. هو سڄا سارا ڏهه سال سانگهڙ بار جو صدر رهيو. هو سانگهڙ جي جيمخاني ۽ سانگهڙ ڊولپمينٽ سوسائٽيءَ جو پڻ سرگرم ڪارڪن رهيو. قانون سان گڏ جاگرافيءَ جو ماهر هو. 1958ع ۾ لکيل سندس ڪتاب "اٽلس جاگرافي تعلقو کپرو"، "اٽلس جاگرافي تعلقو سنجهورو"، "اٽلس جاگرافي تعلقو سانگهڙ" ۽ "اٽلس جاگرافي ضلعو سانگهڙ" هڪ ڊگهي عرصي تائين اسڪولن ۾ پڙهايا ويندا هئا. ٻارهين ۽ ٻارهين ڪلاس لاءِ سندس لکيل ڪتاب "ڪمرشل جاگرافي" به سنڌ جي تعليمي کاتي پاران منظور ٿيل ڪتاب هو. عمر جو آخري حصو سانگهڙ ۾ اوٺ ڪمشنر طور گذاريائين.

پارو ناڪر چاولا

سنڌي ٻوليءَ جي هن برک ليکڪا، شاعره ۽ گلوڪاره جو جنم 19 جولاءِ 1932ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو. سندس والد ڏيپچند لالواڻي ريلوي کاتي ۾ ملازم هو. هن کي پنهنجي پيءُ سان تمام گهڻي محبت هئي. 1967ع ۾ جڏهن سندس پيءُ هيءُ جهان ڇڏيو ته هوءَ روحانيت طرف مائل ٿي وئي ۽ گرو گرنٿ صاحب جي مطالعي ۾ مشغول رهڻ لڳي. پروفيسر رام پنجواڻي ۽ سندس گهر واري ناڪر چاولا جي همت افزائيءَ سان هن ٻلاري پٽ ڏٺي، سچل ۽ ٻين صوفي شاعرن جو ڪلام ڳائڻ شروع ڪيو. صوفي ڪلامن سان گڏ هن جا ڳايل ڀڄن ۽ لاڏا تمام گهڻو مشهور ٿيا. هڪ بهترين ڳائڪا هجڻ سان گڏ هوءَ هڪ بهترين شاعره ۽ ليکڪا به هئي. هن سنڌيءَ ۽ هنديءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا ۽ ڪجهه ڪتاب هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو به ڪيا. سندس ڪتابن ۾ 365 ڏينهن، سنڌيءَ روئي ڏنو ڳالهه ۾ ڳالهه، ساهڙ لهج سنڀار، جهولي لال جي ڪٿا، ست مٽڪا، عارلين (هنديءَ مان سنڌي) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. هن جو 14 آگسٽ 2015ع تي لاڏاڻو ٿيو.

قاضي شفيق مهيسر

اڄ مشهور سياستدان قاضي شفيق مهيسر جي جنم جو ڏينهن آهي. هو 19 جولاءِ 1947ع تي ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ قاضي محمد عارف ۾ پيدا ٿيو. هن مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ مان پاس ڪيو ۽ بي اي ۽ ايم اي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون. ان کان علاوه حيدرآباد جي سنڌ لا ڪاليج مان ايل ايل بي جي سند حاصل ڪيائين. قاضي شفيق 1980ع ۾ بلدياتي چونڊن ۾ حصو وٺي پنهنجي سياسي سفر جي شروعات ڪئي. انهيءَ ئي سال هو ميهڙ تعلقي ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو ويو. 1985ع وارين غير جماعتي چونڊن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. البت 1988ع ۽ 1990ع وارين صوبائي اسيمبليءَ وارين چونڊن ۾ سوڀ نه ماڻي سگهيو. سياسي طور تي شروع ۾ هو پاڪستان نيشنل پارٽي (بزنجو گروپ) جو حصو رهيو. پاڻ انهيءَ پارٽيءَ جي سنڌ چيپٽر جو صدر پڻ رهيو ان بعد پاڪستان پيپلز پارٽي (شهيد ڀٽو گروپ) ۾ شموليت اختيار ڪيائين ۽ انهيءَ پارٽيءَ جي صوبائي صدر طور ذميداريون سنڀاليائين. قاضي شفيق 23 جون 2012ع تي وفات ڪئي.

سخي قبول محمد درازي (چوٿون)

سخي قبول محمد درازي، حضرت سچل سرمست جي درگاهه جو سجاده نشين هجڻ سان گڏ هڪ ناليوارو محقق به هو. هن 19 جولاءِ 1962ع تي درازا شريف ضلعي خيرپور ۾ اکيون کوليون. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. ان بعد خيرپور ۾ پڙهيو. هن خيرپور جي لا ڪاليج مان ايل ايل بي ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون حاصل ڪيون. پاڻ ڪجهه وقت شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي سچل چيئر جو ڊائريڪٽر به رهيو. هن صوفيت سان واسطو رکندڙ پنج ڪتاب پڻ لکيا. پاڻ 2 فيبروري 1978ع کان سندس وفات تائين سچل جي درگاهه جو سجاده نشين رهيو. تاريخ 8 فيبروري 2015ع تي هن فاني دنيا مان ڪوچ ڪيو.


مختيار انڙ

مولوي حاجي احمد ملاح

اڄ سنڌ جي عظيم شاعر، عالم ۽ اديب مولوي احمد ملاح جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. لاڙ جي هن انمول انسان جو جنم رويا ماڙيءَ ويجهو ڳوٺ ڪنڊي، يونين ڪائونسل پڳڙا ميمڻ تعلقي بدين ۾ پهرين فيبروري 1877ع ۾ ٿيو. ڪن حوالن ۾ سندس جنم جي تاريخ پهرين فيبروريءَ بجاءِ 11 فيبروري ڄاڻائي وئي آهي. سندس والد ناڳيو ملاح هڪ مسڪين هاري هو. اڃا ننڍڙوئي هو جو والد جي شفقت کان محروم ٿي ويو. غريب هجڻ سبب هن ڪيترائي سال ڳوٺ ۾ مال چاريو. اڳتي هلي بدهميءَ ۾ مولوي عبدالله مينڌري وٽ قرآن شريف پڙهيو. ان بعد پڳڙا ميمڻ ۾ مولوي محمد هاشم ڪڇيءَ وٽ فارسي پڙهيو. وڌيڪ ديني تعليم ڪيڻ، سجاول، رپ ۽ بدين ضلعي جي مدرسن مان حاصل ڪيائين. دستاربنديءَ کان پوءِ بدين ضلعي جي مختلف مدرسن ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائين. 1932ع ۾ انوارالعلوم جي نالي سان پنهنجو مدرسو بدين ۾ کوليائين. شاعريءَ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس. سندس شمار سنڌ جي چوٽيءَ جي شاعرن ۾ ٿئي ٿو. ڪيس تجنيس حرفيءَ جو شهنشاهه سڏيو وڃي ٿو سندس شاعريءَ جا ڪيترائي مجموعا ڇپجي چڪا آهن. هن قرآن شريف جو "نور القرآن" جي نالي سان سنڌي بيتن ۾ منظوم ترجمو ڪيو. جيڪو هڪ وڏو ڪارنامو آهي. شاعريءَ سان گڏ هو هڪ اعليٰ پئماني جو نثر نويس هو. هن ڪيترائي ڪتاب تصنيف، تاليف ۽ ترجمو ڪيا. سندس ڪتابن ۾ معرفت الله، گلزار احمد، هيڪڙائي حق، فتح لنواري، شرڪ جٽ، بياض احمد ۽ ديوان احمد شامل آهن. هن ناميارري انسان 19 جولاءِ 1969ع تي بدين ۾ وفات ڪئي.

سڳالچند مڪواڻو

سڳالچند مڪواڻو، ٿر جو مشهور سماج سڌارڪ هو. هن ٿر جي مينگهواڙن، ڪولهين، ڀيلن ۽ ٻين هيٺئين طبقي جي ذاتين سان واسطو رکندڙ مسڪين ماڻهن جي ڀلائيءَ ۽ سڌاري لاءِ سڄي عمر پاڻ پتوڙيو. سڳالچند 11 اپريل 1914ع تي ننگرپارڪر تعلقي جي ڳوٺ آڌيگام ۾ سترامداس مينگهواڙ جي گهر ڄائو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ جو امتحان بمبئي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ طور ڪيائين ۽ اڳتي هلي ترقي ڪري اسسٽنٽ مختيارڪار جو عهدو ماڻي رٽائر ٿيو. سياسي طور تي ڪانگريس پارٽيءَ سان لاڳاپيل رهيو ۽ انهيءَ پارٽيءَ جي ڪارڪن طور هن ٿر جي ڏتڙيل عوام جي تقدير بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي. ان زماني ۾ ٿر جي اسڪولن ۾ فقط ٺاڪر ۽ ٻيا اوچي ذات وارا شاگرد پڙهي سگهندا هئا. گهٽ ذات وارن ڀيلن، ڪولهين ۽ مينگهواڙن جي ٻارن کي انهن اسڪولن ۾ پڙهڻ نه ڏنو ويندو هو. سڳالچند جي ڪوشش سان شيڊيول ڪاسٽ سان واسطو رکندڙ شاگردن لاءِ ڪيترائي اسڪول کليا. وڏي ذات وارا ٺاڪر پنهنجن کوهن تان گهٽ ذات وارن مسڪينن کي پاڻي ڀرڻ نه ڏيندا هئا. سڳالچند ۽ سندس سائين جي ڪوششن سان غريب ڪولهين، ڀيلن ۽ مينگهواڙن لاءِ الڳ کوهه کوٽايو ويو ته جيئن هو اتان سولائيءَ سان پاڻي ڀري سگهن. هن "پارڪر مينگهواڙ پنچائت" قائم ڪئي. انهيءَ پنچائت جي پليٽ فارم تان هن ڳوٺاڻن ۾ تعليمي شعور پيدا ڪيو ۽ منجهن پنهنجا مسئلا حل ڪرائڻ جو جذبو پيدا ڪيو. 1952-53ع ۾ سرڪاري نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي راڻا چندرسنگهه جهڙي سگهاري جاگيردار جي خلاف چونڊ وڙهيو. جيتوڻيڪ هو چونڊ کٽي نه سگهيو پر ووٽ جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ۾ سوڀارو ٿيو. راڻا چندر سنگهه کي ووٽ حاصل ڪرڻ لاءِ هر غريب ڪولهيءَ، ڀيل ۽ مينگهواڙ جي دَڙي تي ووٽ لاءِ وڃڻو پيو. سڳالچند مڪواڻي 19 جولاءِ 1978ع تي هيءُ جهان ڇڏيو.

ڏگهڙي حيسڪو سي اي او سان مسلم ليگ (ن) اڳواڻن جي ملاقات

مون سون دوران بنا رنڊڪ بجلي فراهمي، ٽرانسفارمرن جي سار سنڀال بابت ڳالهه ٻولهه

سي اي او فيض الله ڏاهري جو عوامي شڪايتن جي ترت ازالي ۽ بهتر سهولتن جي فراهمي جي خاطري

ڏگهڙي(نامه نگار) حيسڪو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري سان پاڪستان مسلم ليگ (ن) سنڌ جي نائب صدر چوڌري سجاد احمد، آصف معراج راجپوت ۽ فيصل معراج ملاقات ڪئي ملاقات دوران حيسڪو سرڪل ميرپور خاص ۾ عوامي ڀلائي، بجلي جي فراهمي ۽ برساتي (مون سون) موسم دوران بجلي جي نظام کي وڌيڪ بهتر ۽ مستحڪم بڻائڻ بابت تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون.ان موقعي تي بنا رنڊڪ بجلي جي فراهمي، مون سون دوران هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيارين ٽرانسفارمرن ۽ فيڊرن جي بروقت مرمت ۽ سار سنڀال، لائن لاسز ۾ گهٽتائي ۽ واهپيدارن کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ سميت مختلف اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.سي اي او حيسڪو فيض الله ڏاهري يقين ڏياريو ته حيسڪو انتظاميا عوامي شڪايتن جي ترت ازالي، بجلي جي نظام جي بهتري ۽ واهپيدارن کي معياري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سمورا وسيلا استعمال ڪري رهي آهي. هن چيو ته مون سون دوران بجلي جي نظام کي محفوظ ۽ فعال رکڻ لاءِ فيلڊ ٽيمن کي وڌيڪ متحرڪ رهڻ جون هدايتون پڻ ڏنيون ويون آهن.ملاقات ۾ ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته حيسڪو سرڪل ميرپور خاص ۾ عوامي مسئلن جي حل، بهتر سروس فراهمي ۽ بجلي جي نظام کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ انتظاميا ۽ عوامي نمائندن وچ ۾ رابطو ۽ سهڪار جاري رکيو ويندو.

ڪتابي ٽينگر کي قتل ڪندڙ جوابدارن کي ڪيفر ڪردار پهچائينداسين:خان محمد پتافي

ماهري جي ايس ايس پي پاڻ نگراني ڪري پيو، شڪ جي بنياد تي ڪجهه ماڻهون گرفتار ڪيا آهن

جلد ٽينگر جي قاتلن کي گرفتار ڪرائي سخت ڪان سخت سزا ڏيارينداسين

ٽنڊوالهيار(نامه نگار) چمبڙ مدرسي ۾ ڪتابي ٽينگر سان بدفعلي بعد قتل واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مزمت ڪريان ٿو جلد قاتلن کي ڪيفري ڪردار تائين پهچائينداسين اهڙي خيالن جو اظهار ٽائون ڪميٽي چمبڙ جي چيئرمين خان محمد پتافي بدفعلي بعد قتل ڪيل ٽينگر جي وارثن سان ملاقات بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هن دردناڪ واقعي تي تمام گهڻو افسوس ٿيو آهي اڳوڻي صوبائي وزير ايم پي اي امداد خان پتافي سختي سان نوٽيس وٺي آئي جي سنڌ ڊي آئي جي ۽ ايس ايس پي سان ڳالهايو آهي هن چيو ته ٽينگر سان بدفعلي ڪندڙ جوابدار ڪيترا به بااثر ڇو نه هجن ڪين ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪنداسين هن سموري ماهري جي ايس ايس پي پاڻ نگراني ڪري رهيو آهي شڪ جي بنياد تي ڪجهه ماڻهون گرفتار ڪيا ويا آهن جن کان انڪوائري ڪئي پئي وڃي جلد ٽينگر جي قاتلن کي گرفتار ڪرائي سخت کان سخت سزا ڏيارينداسين هن وڌيڪ چيو ته هن ڏک جي گهڙي ۾ ٽينگر جي وارثن سان گڏ بيٺل آهيون سمورو شهر هن وقت سوڳ ۾ ورتل آهي ٽينگر جي وارثن جي بنا سياست جي سنڌن هر ممڪن ۽ قانوني مدد ڪئي ويندي

ٽنڊوالهيار گلشن مهراڻ ڪالوني پارڪ پلاٽ جي مبينا وڪري خلاف احتجاج

ڪالوني جي مالڪ پاران پارڪ جا ڪُوڙا ڪاغذ تيار ڪرائي وڪري جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن

پارڪ پلاٽ کي به وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي:مظاهرين

ٽنڊوالهيار(نامه نگار) گلشن مهراڻ ڪالوني جي رهواسين پاران ڪالوني جي پارڪ لاءِ مخصوص پلاٽ تي مبينا قبضي ۽ وڪري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو انهي موقعي تي نعمان قائمخاني، سجاد سوناري، وزير علي گيچاني، غلام رسول ٿهڙيو ۽ ٻين چيو ته ڪالوني جي مالڪ پاران پارڪ جا مبينا ڪُوڙا ڪاغذ تيار ڪرائي پلاٽ وڪرو ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن جيڪا رهواسين سان وڏي ناانصافي آهي. هنن چيو ته گلشن مهراڻ ڪالوني ٽنڊوالهيار جي بهترين رهائشي ڪالونين مان هڪ آهي، جتي پارڪ ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي موجودگي سبب ماڻهن مهانگا پلاٽ خريد ڪري گهر تعمير ڪرايا، ۽ هاڻي پارڪ جي پلاٽ کي به وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جيڪا ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي هنن چيو ته ڪالوني ۾ اڳ ڊسپينسري لاءِ به هڪ پلاٽ مخصوص ڪيو ويو هو جيڪو پڻ وڪرو ڪيو ويو ۽ هاڻي پارڪ جي پلاٽ کي به ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، هنن چيو ته پارڪ اسان جي ٻارن جي راند جو ميدان آهي جنهن جو وڪرو ڪنهن صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو هنن ڊي سي ٽنڊوالهيار کي اپيل ڪئي ته معاملي جي جاچ ڪري پارڪ جي پلاٽ جو وڪرو بند ڪرائي ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

ٽنڊوباگو ۾ دل برادري جو رسول بخش دل جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

سي اين جي پمپ کان نڪتل ريلي ۾ سياسي، سماجي اڳواڻ ۽ دل برادري جي شرڪت

ڊيپلو پوليس بڪري چوري ڪيس ۾ گرفتار ٿيل رسول بخش دل کي تشدد بعد قتل

ٽنڊوباگو(نامه نگار) ٽنڊوباگو هفتو اڳ ڊيپلو پوليس جي تشدد ۾ قتل ٿيل رسول بخش دل جي قتل ۾ ملوث مک جوابدار ايس ايڇ او اصغر قائم خاني سميت سمورن قتل ۾ ملوث اهلڪارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ هارون دل ممتاز دل ذوالفقار دل علم الدين دل اسحاق دل فدا حسين درس جي اڳواڻي ۾ دل برادري جي ماڻهن سياسي سماجي ماڻهن جي وڏي تعداد سي اين جي پمپ کان ريلي ڪڍي باگو واهه پل تي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي دل برادري جي اڳواڻ ممتاز دل ذوالفقار دل ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته رسول بخش دل کي ڊيپلو پوليس بڪري چوري جي ڪيس ۾ گرفتار ڪري بيگناهه قتل ڪري ڇڏيو آهي هنن ايس ايس پي ٿرپارڪر کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته رسول بخش دل جو مک قاتل ايس ايڇ او ڊيپلو اصغر قائم خاني تي ايف آئي آر داخل ڪري قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

حيدرآباد ۾ پوليس اهلڪار خلاف هالا ناڪا واسين جو احتجاج

اهلڪار سرڪاري اثر رسوخ استعمال ڪري پلاٽ تي قبضي جي ڪوشش پيو ڪري:مظاهرين

ايس ايس پي حيدرآباد نوٽيس وٺي مبينا قبضي مافيا خلاف ڪارروائي ڪري

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي ڳوٺ محمد بچل سولنگي هالا ناڪا جي رهواسين پوليس اهلڪار پاران مبينا طور گُندي پاڻي لاءِ مخصص ٿيل پلاٽ تي قبضي جي ڪوشش خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احمد سولنگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو.ان موقعي تي هنن الزام هڻندي چيو ته حيدرآباد پوليس جو اهلڪار محمد سيال پنهنجو سرڪاري اثر رسوخ استعمال ڪندي پاڻي جي ٻرنيج جي پاڻي لاءِ مخصص پلاٽ تي قبضي جي ڪوشش ڪري پيو هنن الزام هڻندي چيو ته چاچاڻ پوليس اهلڪار علائقي ۾ 10کان 12 جائين تي قبضا ڪري چڪو آهي هنن چيو ته علائقي جي معززين جي چوڻ قبضو ختم ڪرڻ بدران مزاحمت تي لهي اچي ٿو.هنناايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته چاچاڻ ماهري جو نوٽيس وٺي قبضي مافيا پوليس اهلڪار خلاف سخت محڪماڻي ڪارروائي ڪئي وڃي

حيدرآباد ۾ واسا ملازمن جو پگهارن ۽ پينشن جي ادائيگي لاءِ احتجاجي مظاهرو

3هزار کان وڌيڪ ملازم ۽ رٽائرڊ ملازم 18 مهينن کان پگهارن ۽ پينشن کان محروم آهن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه به حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله ، محمد نديم شاهد خان جاويد پٺاڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا 3000هزار کان وڌيڪ ملازم ۽ رٽائر ملازم 18 مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيو ته پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته ڪارپوريشن ۾ سي اي او، فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سموريون مراعتون وٺي رهيا آهن پر ننڍن ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي.هنن چيو ته اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وزير بلديات کي اپيل ڪئي ته ماهري جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

National Disaster Risk Management Fund

(A company set up under section 42 of the Companies Act 2017)

Making Pakistan Resilient

NDRMF

VACANCIES ANNOUNCEMENT

NDRMF requires the services of vibrant and qualified professionals for the following Islamabad-based positions on a performance-based contract:

Sr. #	Positions	Required Qualification & Experience (TORs available on website www.ndrmf.pk "Career Section")
1.	**Chief Internal Auditor** *(One position)* *Maximum Age: 57 years*	The Chief Internal Auditor heads NDRMF's internal audit function and provides the Board and the Audit & Finance Committee with objective, evidence-based assurance on the adequacy of governance, risk management, and internal control systems, in line with the SOE Act, 2023 and the NDRMF Internal Audit Charter. The Chief Internal Auditor reports functionally to the Audit & Finance Committee and the Board of Directors to safeguard independence, and administratively to the CEO. **Qualification & Experience:** Member of a recognized body of professional accountants with a qualification such as CA, CPA, ACMA, or MBA (Finance) from a reputed local or international university/institute, along with 15 years of professional experience, including at least 5 years of relevant experience in auditing and risk management, designing internal control procedures, and ensuring effective compliance and financial reliability in the public/private sector, with an understanding of governance, risks, and risk controls, especially in SOEs or public sector projects.
2.	**Deputy Manager Gender & Development** *(One position)* *Maximum Age: 57 years*	The Deputy Manager – Gender & Development manages NDRMF's Gender & Development (GAD) function and leads gender mainstreaming across institutional operations and the project portfolio. The position is responsible for implementing the approved GAD Policy and Strategy, ensuring the effective integration of gender safeguards throughout the project cycle, and maintaining compliance with applicable policies, institutional requirements, and international good practices. **Qualification:** Master's degree in Gender Studies, Social Sciences, Development Studies, Humanitarian Affairs, or a relevant discipline with a focus on gender and safeguards. **Experience:** Minimum 8 years of professional experience in the development sector, with at least 5 years specifically focused on gender mainstreaming in alignment with donor safeguard frameworks such as the World Bank ESF and ADB SPS. Proven experience in designing and implementing gender action plans, conducting gender analysis, and monitoring safeguards compliance in DRM or climate resilience projects is required. A solid understanding of international development partner frameworks, gender safeguard requirements, and ESG risk mitigation is essential.

Terms & Conditions:

(i) Applicants must apply online through the NDRMF Career Portal by completing the application form and uploading their CV, CNIC, educational certificates, and experience certificates by **02nd August 2026**. Hard copies are not required. **For detailed TORs, please visit www.ndrmf.pk/career.**
(ii) For the Chief Internal Auditor position, the candidate must meet the Fit & Proper Criteria under Schedule-IV of the SOE Act, 2023, submit a conflict-of-interest declaration before appointment, and have academic and professional credentials verified through HEC or the relevant professional body within 90 days of appointment. The appointment will be made by the Board on the recommendation of the Audit & Finance Committee, in accordance with the SOE C-Level Appointments Guidelines, 2024.
(iii) Incomplete or late applications will not be entertained.
(iv) Age, qualification, and experience will be calculated as of the application submission date. Only full-time experience will be considered.
(v) All degrees must be HEC-verified/equivalent; foreign degrees require HEC equivalence certificates. Selected candidates must provide verified degrees before joining.
(vi) Only shortlisted candidates will be contacted for test/interview after scrutiny.
(vii) Salary and benefits will be offered as per NDRMF's standards, based on qualifications and experience.
(viii) Any false information at any stage will lead to disqualification or termination.
(ix) Appointment is subject to completion of legal and administrative requirements.
(x) NDRMF is an equal opportunity employer; females are strongly encouraged to apply.
(xi) NDRMF reserves the right to cancel or defer recruitment at any stage without notice.
(xii) Employment is full-time; outside business or professional engagement is not permitted

URAAN PAKISTAN

HEAD OF HUMAN RESOURCES
National Disaster Risk Management Fund
05th Floor, EOBI House, Service Road South, G-10 Mauve Area, Sector G-10/4, Islamabad
Website: www.ndrmf.pk Tel: 051-9108300

PID (I) 445/26

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات اقرا ڌيءُ انور سولنگي رهندڙ بروهي چوڪ سائيٽ ايريا ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو. پلينٽف.بخلاف. صدام حسين ولد محمد رمضان ذات سولنگي رهندڙ المدينه ڪوڪر پاڙو پان سعيد آباد ضلعو ڄامشورو ......ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات شازيه چانڊيو. پلينٽف.بخلاف. عبدالله ولد عرس محمد ذات چانڊيو رهندڙ ابڙا چوڪ ٻهڙ اسٽاپ سائيٽ ايريا ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو 03063273274 ......ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري ڏاج آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول/ فيملي جج مورو
(روبرو جميل مصطفيٰ انصاري)
فيملي سوٽ نمبر 114 سال 2026

مسمات ستاران. پلينٽف.بخلاف. غلام مرتضيٰ ......ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ايگزيڪيوشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 01-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي ...

ڄامشورو مان مبينا ڪنپيل ٿي دوست حيدرآباد پوليس پاران مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

اسان کي بي سيڪشن پوليس گرفتار ڪري سخت تشدد بعد نسيم نگر چوڪي انچارج حوالي ڪيو: نوجوان

پوليس ٽي ڏينهن ويران جاين ۽ سي آءِ اي سينٽر ڊ ۾ رکي بدترين تشدد جو نشانو بڻايو آهي

ٽنڊي ڄام ويران روڊ تي ٽنگن ۾ گوليون هڻي زخمي ڪري ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسايو ويو آهي: ڌانهون

ڄامشورو (ڊ ر) ڄامشورو بي سيڪشن پوليس پاران کنيي گم ڪيل ڄامشورو سنڌ يونيورسٽي هائسنگ سوسائٽي واسي دوست نوجوانن کي حيدرآباد پوليس مقابلو ڄاڻائي زخمي حالت
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو ڄام: زخمي کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

دڙو لڳ ڳوٺ لياري واسين پاران بنيادي مسئلن جي حل لاءِ نوجوان لياري ايڪشن ڪميٽي جوڙي وئي

دڙو (ن ع) دڙو تعلقي جي معروف قديمي
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ويجهو نوجوان ناري گهروانٻٽ تان آپگهات ڪري ڇڏيو

ڳوٺ ڄان محمد چانڊيو واسي 15 ورهين سپنا چانڊيو روهڙي ڪئنال ٽپو ڏنو

اطلاع تي ريسڪيو ٽيم پهچي لاش ڪڍي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

گمبٽ (ت ر) گمبٽ لڳ ڳوٺ ڄان محمد چانڊيو جي رهواسي 15 سالا نوجوان ناري سپنا چانڊيو گهرو اٻٽ تان گهران ڪاوڙ جي گمس اسپتال گمبٽ وٽ روهڙي ڪئنال ۾ ڪيوڊٽي خد ڪشي ڪئي هئي جڏهن ۾ ڏينهن ڳولڻ ڪانپوءِ راڻيپور روهڙي ڪئنال پل وٽان لاش علائقي واسين لوهنڊ ڏسي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪيساڻا موري ويجهو چوري ڪندي جوابدار سوگهو ڪندي بعد پوليس حوالي

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام ويجهو ڪيساڻا موري جي ڳوٺ علي مراد لاشاري ۾ احسان
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو ڄام: گرفتار ٿيل جوابدار

گمبٽ ۽ پرپاسي بدامني چوٽ چڙهيل، هڪ رات چوري جون ٻه وارداتون

چور ڪينجهي واهڻ مان ضياءُ الرحمان ڪوري جي گهر کي ڪاٺ هڻي روڪ رقم ۽ سامان ٻهاري ويا

راڻيپور مان گلشن ڪلهوڙو جي ڇت تان چور سولر پليٽون کڻي ويا، پوليس خاموش تماشائي بڻيل

گمبٽ (ت ر) تعلقي گمبٽ مان امن سوڪلاڻي ويو گمبٽ جي اڳيا ڻاڻي جي حد ۾ چور بي لغام روڊ رستا گهر غير محفوظ هر روز هر رات ۾ ڪان ٿي چوريون ٿيون روز جو معمول بڻيل جڏهن راڻيپور مان گلشن ڪلهوڙو جي ڇت تان ۾ عدد 550 وولٽ جون وڏيون سولر پليٽون چور چوري ڪري
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي جي نادرا آفيس سائيٽ ايريا منتقل، شهرين پاران سخت احتجاج، تحريڪ هلائڻ جو چتاءُ

عوامي سهولت واري نادرا آفيس کي ويران علائقي ۾ منتقل ڪرڻ سان هزارين شهري دربدر ٿي ويندا

ڪجهه مهينن کان اها سازش هلي رهي هئي جنهن کي هاڻي عملي جامو پارايو ويندو: ذريعا

نادرا آفيس هڪ افغاني جي جڳهه ۾ شفٽ ڪرڻ خلاف شهرين ۽ سياسي سماجي ڌرين پاران سخت احتجاج

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ: نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي نادرا آفيس سائيٽ ايريا منتقل ڪئي وئي آهي جنهن تي عمل سومر کان ٿيندو نادرا آفيس جي مبينا شفٽ ٿيڻ سان ڪوٽڙي واسي هزارين شهري هڪ اهم آفيس کان محروم ٿيندي دربدر ٿي ويندا، نادرا جي ان عمل تي سياسي سماجي ڌرين عوام ۾ غصي جي لهر ڇانيل
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: مقامي ٻارڙا پاڻي جي ڪوٽ سبب نلڪي تان پاڻي ڀرڻ وڃي رهيا آهن

سيوهڻ ۾ موٽرسائيڪل، لکين روپيا روڪ ۽ موبائيل فون ڦرجڻ جون ٻه وارداتون، پوليس خاموش

اوڏي قلعي ويجهو شهري شاهنواز بلوچ کان موٽرسائيڪل، موبائل ۽ 35 هزار روڪ رقم ڦر

رن فائير پوليس آفيس سامهون شهري آصف پنهور کان هڪ لک روڪ ۽ موبائيل فون ڦر ڪئي وئي

سيوهڻ (ن ع) قلندر جي نگري سيوهڻ ۾ جاري بدامني جي لهر تي ڪنٽرول ٿي نه سگهيو آهي جنهن بعد بدامني ضابطي کان ٻاهر پهچي وئي آهي چوريون ڦرون روز جو معمول بڻيل آهن جنهن شهرين کي بيچين
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

پرائمري استادن کي سروس اسٽرڪچر، ترقيون ۽ بهتر ڪيريئر جو سهولتون ڏنيون وڃن: عطا الله شاهه

مضبوط تعليمي نظام لاءِ استادن جو باعزت، محفوظ ۽ روشن مستقبل انتهائي ضروري آهي

هر خيال سينئر جونيئر استاد الائنس سنڌ جي استادن جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکندو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) هر خيال سينئر جونيئر استاد الائنس سنڌ جي اڳواڻ سيد عطا الله شاهه چيو آهي ته پرائمري استاد
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

گمبٽ لڳ راهوجا ۽ ڪلهوڙا برادري ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو ٻيو زخمي

ڳوٺ فقيرفاضل راهوجو ۾ زمين جي مالڪي تان ڌرين هڪ ٻئي تي جديد هٿيارن سان حملو ڪري ڏنو

فائرنگ دوران محرم ڪلهوڙو ڌڪ تي مارجي ويو ۽ فقير نور محمد ڪلهوڙو زخمي ٿي پيو

اطلاع تي پوليس پهچي زخمي ۽ لاش کي ڪنڌڪوٽ اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

گمبٽ (رپورٽ : مريد حسين ڪانوري) ڪنگري پرسان ڪڇي واري علائقي براڏي جتوئي ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ فقيرفاضل راهوجو ۾ راهوجا برادري ۽ ڪلهوڙا برادري ۾ زمين جي مالڪي تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ جديد هٿيارن سان فائرنگ ٿيڻ سبب ڪلهوڙا ڌر جو محرم ڪلهوڙو ڌڪ تي مارجي ويو جڏهن ته فقير نور محمد ڪلهوڙو زخمي ٿي پيو جڏهن راهوجا برادري ڌر جا معشوق علي راهوجو ۽ مير حسن راهوجو گوليون لڳڻ سبب شديد زخمي ٿي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: مقامي ماڻهو گرمي سبب واهه ۾ وهنجي رهيا آهن

پنجاب ٽڪراري ڪئنال کولي سنڌ جي حصي جو پاڻي چوري ڪري رهيو آهي: ڪامريڊ تمر جتوئي

پاڻي جي شديد کوٽ سبب زراعت تباهه، لکين ايڪڙ زمينون بنجر ٿيڻ جو خدشو

ڪوٽڙي ۾ پيئڻ جو پاڻي ناهي، ماڻهو اڃ وگهي مري رهيا آهن ۽ حڪمران بي پرواهه آهن

سنڌ حڪومت وفاق کي اسان جو پاڻي ۽ زمينون وڪڻي ڇڏيون آهن، ڀرپور جدوجهد ڪنداسين

حيدرآباد (رپورٽر) ڪوٽڙي ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف سنڌ هاري ڪاميٽي پاران ڪارنر گڏجاڻي ڪوٺائي وئي ڪارنر
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ويجهو ويگن ۽ ڪار ۾ خوفناڪ ٽڪر، 15 کان وڌيڪ مسافر زخمي

سچل سرمست درگاهه جي گيٽ سامهون حادثي جي زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

گمبٽ (ت ر) گمبٽ لڳ سچل سرمست درگاهه جي گيٽ سامهون قومي شاهراهه روڊ تي تيز رفتار مسافر ويگن راڻيپور کان
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي پرسان موٽر سائيڪل ۽ گڏهه گاڏي ۾ ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت، ٻه زخمي

باءِ پاس تي پيش آيل حادثي ۾ مانسنگهه، ميواهه ۽ پوڙهو سولنگي زخمي ٿي پيا

ڏگهڙي (ن ع) گذريل رات ڏگهڙي باءِ پاس تي موٽر سائيڪل جو گڏهه گاڏي سان زور دار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٽي
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ ريجنل ڪرڪيٽ جي واڌاري لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيا آهيون: افضل قريشي

انڊر 15، انڊر 17 ۽ انڊر 19 رانديگرن جي صلاحيتن وڌائڻ لاءِ ٽريننگ ڪئمپون لڳايون وينديون

زون ٽري جي نائب صدر، جوائنٽ سيڪريٽري ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ٻن ميمبرن جي چونڊ ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽ: صالح بلوچ) ڪراچي ۾ ريجنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن زون 3 جي جنرل باڊي جو اجلاس مرحبا ريسٽورنٽ ۾
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ريجنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن زون 3 جي جنرل باڊي جو اجلاس ٿي رهيو آهي

اسلام ڪوٽ ۾ شراب جي گتي کلڻ جي اطلاع تي شهرين احتجاج ڪيو

رهواسين مولانا تاج محمد سومرو عبدالخالق جوڻيجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

منشيات جا اڏا کولي نوجوان نسل کي تباهه ڪرڻ جي سازش ٿي رهي آهي: مظاهرين

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:سڪندر علي بجير) اسلام ڪوٽ ۾ مبينا شراب جو ٺيون گتو کولڻ واري معاملي تان تڪرار تيز ٿي رهيو آهي رات شراب جو گتو کلڻ جي اطلاع ملڻ شرط مختلف سياسي سماجي مذهبي
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

پان سيد آباد ۾ ڀهه جي واپارين جو پوليس ۽ موٽروي اهلڪارن خلاف مظاهرو، ڌرڻو

واپارين وڏيرو لقمان ميمڻ، عبدالستارميمڻ، خيرمحمد عمراڻي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڀهه جي واپارين کان في ٽرڪ تي 50 هزار روپيا زبردستي ڀتو اوڳاڙڻ وڏي ناانصافي آهي: اڳواڻ

پان سيد آباد (ن ع) پان سيد آباد ۾ ڀهه جي واپارين پاران سنڌ ۽ موٽروي پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻيو ويو ڀهه جي واپارين وڏيرو لقمان حسين ميمڻ عبدالستار ميمڻ خيرمحمد
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

اوڏيرولعل: ڳوٺانا چيئرمين خلاف احتجاج ڪندي

خيرپور ۾ وڌندڙ بدامني خلاف سول سوسائٽي، ليڊي ڊاڪٽرن، وڪيلن ۽ شهرين پاران احتجاجي ريلي

مظاهرين شهباز قلپوٽو، نديم علي وساڻ، عبدالوهاب شيخ، مير خان ناريجو، فياض سومرو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

پُرامن طور سُڃاتو ويندڙ خيرپور شهر گذريل ڪجهه عرصي کان بدامني جي ور چڙهي ويو

اعليٰ عملدار شهر ۾ وڌندڙ بدامني جو فوري نوٽيس وٺي امن امان جي صورتحال بهتر بڻايو وڃي

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ۾ وڌندڙ بدامني خلاف سول سوسائٽي ليڊي ڊاڪٽرن وڪيلن ۽ شهرين پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي گذريل ٻه ڏينهن اڳ شاهه لطيف ٿاڻي جي حد پرڳڙي محلي ۾ ليڊي ڊاڪٽر ناديا
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: زخمي ۽ فوتي جو لاش اسپتال ۾ پيل آهن

ميرپور ماٿيلو لڳ پيلي ڪاڻي پاران غير قانوني طور تي ٻوڪيل فصل ختم ڪرڻ جي دعويٰ

جروار ٻيلي ۾ چرڪڙي نمبر 59، 60 ۽ 71 ۾ ٻوڪيل سارين جو فصل ختم ڪيو آهي: عملدار

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ڊويزنل فاريسٽ آفيسر ضياء
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

بلاول زرداري نه سڀ ڪجهه لکي ڏئي آيو آهي ڇڻ سنڌ سندس ملڪيت هجي: زين شاهه

پ پ ۽ ن ليگ ملي ڀڳت ڪري ڪينال ناهي سنڌ سڪائڻ جي سازش ڪري رهيا آهن

جيڪڏهن ڪنهن پارٽي ساٿ نه به ڏنو تڏهن به سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ميدان عمل ۾ هوندي

سکرنڊ (ن ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ سيد ۽ جانوري برادري جي ٻن ڌرين ۾ فائرنگ، 9 ڄڻا گرفتار

روهڙي ڪئنال پرسان پلاٽ جي تڪرار تان ڌرين هڪٻئي مٿان فائرنگ ڪئي

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ روهڙي ڪئنال پرسان پلاٽ جي تڪرار تان سيد ۽ جانوري برادري جي ٻن
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

شاهپورجهانيان ۾ جسقم پاران اڳواڻن کي کنيي گم ڪرڻ خلاف احتجاجي ريلي

ڪارڪنن ظفر ٻگهيو، اسد سنڌي، نادر سيفر، غلام مصطفيٰ چنا ۽ ٻين احتجاج ڪيو

مختيار پنهور ۽ ماڻڪ لغاري سميت سمورن قومي ڪارڪنن کي آزاد ڪيو وڃي

شاهپورجهانيان (ن ع) شاهپورجهانيان ۾ جسقم پاران جسقم ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي اڳوڻي صدر مختيار پنهور
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

دوڙ ۾ جسقم ڪارڪنن پاران اڳواڻن کي کنيي گم ڪرڻ خلاف احتجاج

ڪارڪنن بادل بروهي فيروز لغاري رحيم بروهي راشد بروهي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

مختيار پنهور ۽ ماڻڪ لغاري سميت سمورن قومي ڪارڪنن کي آزاد ڪيو وڃي

دوڙ (ن ع) دوڙ ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ جي مرڪزي سڏ تي جسقم اڳواڻن مختيار پنهور ۽ ماڻڪ لغاري جي گرفتاري خلاف
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

سکرنڊ لڳ موٽرسائيڪل کي ڪوچ جو ٽڪر، عورت فوت، ٻه ڄڻا زخمي

ڪيريا پيٽرول پمپ وٽ پيش آيل حادثي ۾ عورت ڌڪ تي دم ڏئي ڇڏيو

اطلاع تي ريسڪيو ٽيمن پهچي لاش ۽ زخمين کي ڪنڌڪوٽ اسپتال منتقل ڪيو

سکرنڊ (ن ع) سکرنڊ لڳ قومي شاهراهه تي ڪيريا پيٽرول پمپ وٽ تيز رفتار مسافر ڪوچ جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار هڪ عورت فوت ٿي وئي جڏهن ته ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا واقعي
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سکر: آبادگارن پاران پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

گمبٽ پوليس پاران عورت کان ڦر ڪندڙ جي سهولتڪاري الزام ۾ 4 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

گمبٽ (ت ر) گمبٽ جي شيخ محلا مان ٻه ڏينهن اڳ ڏينهن ڏٺي جو چار موٽر سائيڪل سوار هٿيارٻندڻ هڪ اڪيلو
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

دولتپورصفن پوليس پاران جوابدار کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

دولتپور صفن (ن ع) دولتپورصفن پوليس منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪندي محرم سهتو ولد عبدلواحد نالي جوابدار
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

سکرنڊ: ايس يو پي سربراهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ نوجوان وڻ ۾ رسو ٻڌي ڦاهو کائي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ جمن ٻهراڻي ۾ 36 ورهين ڪانجهي ڪولهي مبيناطور گهر جي ٻاهران زرعي زمين ۾ بيٺل وڻ ۾ رسو ٻڌي ڦاهو کائي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ ۾ پاڻ کي باهه ڏيندڙ نوجوان ڪراچي جي اسپتال ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام

عمرڪوٽ (ڊ ر) ڇهه مهينا اڳ پيٽرول نوجوان پاران پاڻ کي باهه ڏئي ساڙڻ سبب فوت عمرڪوٽ جي پارڪريا پاڙي واسي 30 ورهين جو نوجوان شنڪر ولد ڏونو ميگهواڙ پاران مبينا طور گهرو تڪرار تان
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪنگري پوليس پاران ٻن پائرن جي قتل ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

گمبٽ (ت ر) هڪ مهينو اڳ ٻن سڳن پائرن انيس احمد راهوجو ،امجد علي راهوجو جي قتل ڪيس ۾ گهربل جوبدار مهتاب علي راهوجو کي ڪنگري پوليس جديد ٽڪنولجي سان گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس موجب هڪ مهينو اڳ جوبدار ٻن سڳن پائرن کي قتل ڪري فرار ٿي ويو هو جنهن کي گرفتار ڪري ورتو آهي

سکر ۾ کيرٿر ڪئنال ۽ ان جي شاخن ۾ سخت پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگارن جو احتجاجي ڌرڻو

آبادگارن مير حسن خان شهيلاڻي جي اڳواڻي ۾ وڏي قافلي جي صورت سکر بئراج پهچي ڌرڻو هنيو

سکر بئراج تي پاڻي موجود هجڻ باوجود کيرٿر ڪئنال ۽ دادو ڪئنال ۾ پاڻي نه ڇڏيو پيو وڃي: مظاهرين

اسان جون لکين ايڪڙ زرعي زمينون بنجر بڻجي ويون آهن، جائز مطالبا منظور نه ڪيا ويا ته ڌرڻو ختم نه ڪيو ويندو

سکر (بيورو رپورٽ) بلوچستان ۾ زرعي پاڻي جي کوٽ ۽ کيرٿر ڪئنال سميت ان جي شاخن ۾ شديد پاڻي جي قلت خلاف سنڌ - بلوچستان هاري ۽ زميندار اتحاد جي اڳواڻ مير حسن خان شهيلاڻي جي اڳواڻي
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

الحمدُ لله

NHA نے پچھلے 2 سال میں اپنے ریونیو میں ریکارڈ اضافہ کیا ہے

اس کامیابی پر NHA پوری قوم کو مبارکباد پیش کرتا ہے

NHA کے ترجیحی منصوبے

1	M-6	سکھر تا حیدرآباد موٹروے
2	M-10	کراچی پورٹ تا حیدرآباد موٹروے
3	N-25	کراچی۔ کوئٹہ تا چمن
4	MNJC	مانسہرہ۔ ناران۔ بابوسر۔ جل کھڈ۔ چلاس ایکسپریس وے۔ خنجراب پاس۔ چائنہ بارڈر (شاہراہِ قراقرم کی متبادل ایکسپریس وے)
5	M-12/13	سیالکوٹ۔ کھاریاں۔ راولپنڈی موٹروے (جس سے لاہور اور راولپنڈی کے درمیان فاصلہ 100 کلومیٹر کم ہو جائے گا)
6	N-5	ملتان تا لودھراں (تعمیر نو)
7	M-4	پنڈی بھٹیاں تا فیصل آباد موٹروے (تعمیر نو)
8	N-95	چکدرہ تا کالام روڈ
9		بابا گرونانک ایکسپریس وے (کرتارپور اور ننکانہ صاحب کو آپس میں جوڑنے کیلئے)
10		مری تا مظفر آباد ایکسپریس وے
11		راولپنڈی تا کہوٹہ روڈ
12		پشاور نادرن بائی پاس
13		گلگت بلتستان کی 7 اہم ترین سیاحتی سڑکیں (چلم چوکی تا استور روڈ | سکردو تا دیوسائی | سکردو تا کھپلو | سکردو تا شگر | نلتر تا ستر گی لیک | تھلیچی سے شاؤنٹر پاس تک براستہ استور اور رتو | سکردو تا گھوڑی کوٹ براستہ شگر تھانگ)



ملکی ترقی وخوشحالی کیلئے
نیشنل ہائی وے اتھارٹی
ہروقت سرگرمِ عمل

PID(I)512-D/26
محفوظ شاہراہیں۔ محفوظ پاکستان
www.nha.gov.pk
نیشنل ہائی وے اتھارٹی
(وزارتِ مواصلات، حکومت پاکستان)
URAAN PAKISTAN
ISO 9001:2015 CERTIFIED NHA FRIENDLY HIGHWAYS

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.